
پرین پکھوڑیا

غلام نبی ناشاد/ شہید اللہ قیصر



پرين پگهه چوڙيا

(بنگالي ناول " سارنگ بو" جو سنڌي ترجمو)

شهيد الله قيصر

غلام نبي ناشاد

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

1993ع

Roshni Book No. 82

"پرين پڳهہ ڇوڙيا"

سنڌيڪار: غلام نبي ناشاد

[شهيدالله قيصر جي بنگالي ناول 'سارنگ بو' جو ترجمو]

پهريون ايڊيشن © جولاء 1993ع
ڪمپوزنگ: (حسين سومرو، راڻو ميگهواڙ) سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽرز حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ: اسحاقيه آرٽ پريس، ڪراچي.
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.
قيمت: 65.00 رپيا



PREEN PAGAH CHHORIA
(A Sindhi Translation by Ghulam Nabi Nashad
From a Bengali Novel 'SARANG BOO'
by Shaheedullah Qaisar

by Composed by Sindh Tech Computers, Hyderabad.
Printed Ishaqia Art Press, Karachi.
Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.
First Edition©July 1993
Rs. 65.00

ارپنا

پنهنجو هي قلمي پورهيو
پنهنجي وڏي ڀاءُ
مرحوم غلام سرور
کي ارپيان ٿو!

———— غلام نبي ناشاد

شيشي جهڙو شفاف ماڻهو

سنڌي ادبي سنگت، جتي مون کي سڃاڻپ بخشي آهي، اتي ڪيترائي بهترين ۽ پيارا دوست به ڏنا آهن. جن ۾ منظار سولنگي، نعيم شيخ، ايس جي ڀاڳيا، الطاف عاصي، خليل عارف سومرو، صفر ڪلهوڙو، امام راشدي، محمد علي پناڻ، غلام نبي ناشاد ۽ ٻيا شامل آهن، جن جا نالا لکبا ته سڄو صفحو ڀرجي ويندو. انهن سان منهنجا روح جا رشتا ۽ جيءَ جون جڙون آهن.

٢٣ مارچ ١٩٩٠ع تي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس ڪلب ۾ سنڌ سنگت جون ايندڙ ٻن سالن لاءِ مرڪزي چونڊون ٿي رهيون هيون. ٢٢ مارچ جي شام، حيدر آباد ۾ هلڪي پئماني تي فساد ٿيا هئا، ۽ انهيءَ ڏينهن شام جو، ٽيچرس ڪلب ڄامشوري ۾ سنگت مرڪز پاران، خليفي نبي بخش تي سيمينار ٿي رهيو هو. جيڪا خليفي صاحب جي شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ هڪ سٺي ڪوشش هئي. ڪانفرنس جي خاتمي کان پوءِ ڪجهه دوستن، جن ۾ اياز گل، اختر درگاهي، پارس حميد، سارنگ شاهه،غلام نبي ناشاد ۽ مونکي محترم تاج جويي، اتي ترسڻ ۽ ٻي ڏينهن ٿيندڙ چونڊن بابت ڳالهائڻ لاءِ چيو. ان وقت منهنجو دوست سارنگ شاهه، خزانچيءَ جي عهدي لاءِ بيٺو هو. رات جو ڪافي دير تائين محترم اختر درگاهي ۽ اياز گل پنهنجي سريلي آواز ۾ شاعري ڳائيندا ۽ ٻڌائيندا رهيا ۽ اتي ئي منهنجي محترم غلام نبي ناشاد سان ڀهرين ملاقات ٿي ۽ اها ملاقات سرسري حال احوال تائين رهي. ناشاد ان وقت "ڪورنگ" اميدوار هو ۽ سندس دوست پارس حميد آڊيٽر جو اميدوار هو. ٻي ڏينهن ناشاد محترم تاج جويي سان ٿيل ناهه کانپوءِ، تاج جي حق ۾ هٿ ڪنيو ۽ پارس حميد چڙ بنا

مقابلي ڪامياب ٿيو.

تنهن ڪان پوءِ اٽڪل سال ڏيڍ تائين، اسانجي نـہ ڪا ملاقات ٿي ۽ نـہ ڪا خط و ڪتابت!

سنڌي ادبي سنگت جي چوندن ڪان وٺي، اسانجي ٻيهر رابطي ٿيڻ تائين، ناشاد بـہ مون جيان، ان وقت جي سنگت مرڪز مان اها اميد رکيو ويٺو هو تـہ اهو بہ، محترم غلام حسين رنگريز جي دور جيان، سنگت پبليڪيشن جو اجراءُ ۽ ٻي سرگرميءَ جو انتظار ڪندو رهيو. پر ڪجهہ نـہ ٿيڻو هو، سو نـہ ٿيو.

ايئن هڪ ڏينهن اسان جي هڪ قرار داد جيڪا اخبارن ۾ ڇپي هئي، جنهن ۾ سنگت مرڪز ڪان پبليڪيشن جي اجراءُ جو مطالبو ڪيل هو، ان ڪان متاثر ٿي، ان قرارداد جي حمايت ۾، ناشاد جو هڪ خط اچي مونکي مليو. جنهن ۾ هن اسانجي شاخ جي ان قرارداد جي حمايت ڪرڻ سان گڏ اهو بہ لکيو هو تـہ، ”پاڻ کي سنگت مرڪز کي ٻيهر فعال بنائڻ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ کپي.“ ايئن اسانجو پاڻ ۾ ٻيهر رابطو ٿيو ۽ اها خط ۽ ڪتابت وڌندي رهي ۽ روبرو ملاقاتن ڪان پوءِ دوستيءَ جي لازوال ۽ اڻ ٽٽ رشتي ۾ بدلجي ويئي.

ذاتي طرح ناشاد ٿورو ڳالهائو، ڳن جو پڪو، ڌن جو سچو، يارويس، سخت محنتي ۽ ڪاهوڙي قسم جو ماڻهو آهي. مون کي ان ڳالهہ جو تجربو ”سنڌي ادبي سنگت“ جي چوندڻ مهم دوران ٿيو. جڏهن اسان سنگت جي ڪم کي هڪ مشن سمجهي ڪيو. جتي بہ، جنهن بہ جاءِ تي ناشاد صاحب کي پهچڻ لاءِ چيو ويو هو اسان ڪان اڳ اتي موجود هوندو هو.

ناشاد سان منهنجا ناتا رڳو دوستيءَ وارانـہ آهن، پر اسان هڪ لحاظ ڪان پاڻ ۾ شهرن جي نسبت سان سيڻ بـہ ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جي ناميارين ليکڪا سائڻ ڪلا پرڪاش خانواهڻ جي آهي ۽ سندس ورشري موتي پرڪاش منهنجي ڳوٺ دڙي جو آهي. ايئن، سائين نجم عباسيءَ جي نياڻي خانواهڻ جي ۽ سندس وَر دڙي جو آهي.

اهي رشتا پنهنجي جاءِ تي، پر ناشاد صاحب سان جيڪو رشتو سڀ کان مٿاهون آهي، اهو سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان آهي. مون جڏهن شعور سنڀاليو تہ پاڻ کي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ڏٺم ۽ سائين نجم عباسي چواڻي تہ، ”سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ جي ڪهاڻي، غلام نبي ناشاد ۽ پارس حميد جي ڪهاڻي آهي.“

غلام نبي ناشاد، ١٩٧٦ع ۾ پارس حميد سان گڏجي سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ جو بنياد رکيو ۽ ان وقت کان وٺي اڄ تائين، ناشاد جون سنڌي ادبي سنگت سان دلي ۽ جذباتي وابستگيون آهن. جنهن جو مشاهدو مونکي ڪئين ڀيرا ٿيو آهي ۽ مون سنگت لاءِ ڪيس تڙپندي ڏٺو آهي.

سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ ۽ ناشاد جو ذڪر لازم ۽ ملزوم آهي. ٻنهي جو ذڪر هڪٻئي کانسواءِ اڌورو آهي. خانواهڻ شاخ رڳو نالي جي شاخ ڪونهي، پر هن شاخ ادبي کيتر ۾ پاڻ ملهايو آهي. خانواهڻ شاخ پاران هيستائين ٽي ڪتاب ڇاپجڻ جو جنم ۽ ڪونج پبليڪيشن جون ٻہ ڪڙيون نڪري چڪيون آهن. تنهن کانسواءِ ڪوڙ ليڪچر، ادبي شامون ۽ ڪتابن جي مهورتن جا پروگرام شامل آهن. پر هڪ ٻيو وڏو ڪارنامو جيڪو هتي ڳڻائڻ مناسب ٿو سمجهان، سو هر سال غازي غلام شاهہ جي ميلي تي، سنگت خانواهڻ پاران، پنهنجي بنيادي ميمبر سيد اعجاز علي شاهہ جي ياد ۾ ادبي ڪانفرنس ڪوٺائڻ آهي. ان ڪانفرنس ۾ ماڻهن جي دلچسپي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ۽ اهڙي هڪ ڪانفرنس ١٩٩٢ع ۾ مونکي بہ شرڪت جو موقعو مليو ۽ موسم جي خرابي ۽ ڏاڙيلن جي ڏپ هوندي بہ ماڻهن جا هشام هئا. جن ڏاڍي دلچسپيءَ سان هر مقرر کي ٻڌي ٻُڌو. ماڻهن ۾ ڪانفرنس لاءِ ايڏي دلچسپي، سا بہ ميلي جهڙي موقعي تي ڏسي، مونکي تمام گهڻي حيرت ٿي پر ناشاد ڏانهن ڏسي مونکي پڪ ٿي تہ اهو ڪارنامو ناشاد ۽ سندس ساٿين جو ئي آهي.

هڪ اديب هئڻ کان علاوه غلام نبي ناشاد هڪ سٺو سماجي

ورڪر بہ آهي. پاڻ خانواهڻ ۾ نہ رڳو ادبي سرگرميون جاري رکيون اچي، پر سندس ڪيل سماجي خدمتون بہ وسارڻ جهڙيون نہ آهن. پاڻ ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ جو جنرل سيڪريٽري ۽ ساهتي لائبريري خانواهڻ جو روح روان آهي ۽ ان لائبريري لاءِ پاڻ سچي سنڌ مان ڪتاب گڏ ڪندو رهندو آهي ۽ جڏهن بہ ڪيس ڪو دوست ڪتاب تحفي طور ڏيڻ چاهيندو آهي تہ پاڻ ذاتي طرح ونڻ بدران اهو "ساهتي لائبريري خانواهڻ لاءِ ...." لکي ڏيڻ لاءِ چوندو آهي. آئون سندس ان عمل کان حد کان وڌيڪ متاثر ٿيندو رهيو آهيان.

غلام نبي ناشاد هڪ سٺي ورڪر هئڻ سان گڏ، پختو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار بہ آهي. سندس ڪافي شعر مونکي تمام گهڻا وڻندا آهن سندس هڪ غزل جا ڪجهہ بند آئون اڪثر جهونگاريندو آهيان.

ناشاد سدائين يَرَ، سهڻن جي ثنا ڪر،
سچ، سونهن ۽ سرهاڻ مٿان ِ جان، فدا ڪر.

جنهن دل ۾ هجي درد انهيءَ جو تون قدر ڪر،
جنهن دل ۾ نہ آ درد انهيءَ ڪي بہ دعا ڪر !

ناشاد غريبن جا گلا ِ چو پيا گهٽجن،
قاضي ٿو سڏائين تہ پوءِ انصاف ادا ڪر!

ناشاد صاحب جون ڪهاڻيون ساريون ۽ مقصد واريون هونديون آهن، سندس ڪهاڻين جا پلاٽ منجهيل نہ هوندا آهن. سندس هڪ ڪهاڻيءَ "ساک سَيري تي پئي" جڏهن مون هزار داستان جي ڪهاڻي نمبر اپريل ١٩٩١ع واري پرچي ۾ شايع ڪئي تہ، سنڌي ٻوليءَ جي مهان اديب ڊاڪٽر نجم عباسي، ان ڪهاڻي نمبر تي رايو ڏيندي مونکي هڪ خط ۾ ناشاد جي ڪهاڻي جي باري ۾ لکيو. " هن پرچي ۾ ڇپيل

غلام نبي ناشاد جي ڪهاڻي " ساڪ سيري تي پئي" جي به پچار ڪبي مونکي سڄي پرچي جي سڀني ڪهاڻين ۾ سٺي ڪهاڻي اها لڳي. مختصر، مقصدي، عملي، سٺئين سڌي، سنڌ جي هڪ وڏي مسئلي تي، دل تي نقش ٿي ويندڙ. نه اجائي پٽاڙ، نه پلاٽ ۾ اجايا ور وڪڙ. مان امر جليل کي صلاح ڏيندس ته هو هي ڪهاڻي پڙهي ۽ به ٽي دفعا پڙهي. اسانجي نئين نسل جي ڪهاڻيڪارن ۾ وڏيون خوبيون آهن."

۽ محترم نجم عباسي، ڪيس ان ڪهاڻي تي به سؤ روپيا روڪ انعام ۽ هڪ تعريفي خط به ڏنو. آئون پانيان ٿو ته ناشاد لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي، جو ڪيس هڪ مهان ڪهاڻيڪار تعريفي خط ۽ به سؤ روپيا انعام آهي.

سندس ڪهاڻي ڪتاب "وري ورندو واءُ" به تيار آهي ۽ ان ڪتاب جو مهاڳ به محترم نجم عباسي لکيو آهي جيڪو هن ترجمي ڪيل ڪتاب "پرين پڳهه چوڙيا" کان پوءِ ڇپجي مارڪيٽ ۾ ايندو.

اڄڪلهه ڪن دوستن کي پيٽ ۾ اهو وٽ آهي ته، سنڌي ۾ ترجما واهيات پٽي جي حد تائين ٿين ٿا ۽ هو ايترن گهڻن ترجمن جي خلاف آهن ۽ ان سلسلي ۾ هڪ مضمون به منهنجي نظر مان گذريو آهي.

جيستائين ترجمن جو ۽ سو به واهيات پٽي جي حد تائين، ڪوڙو سمجهه ۾ نه ٿو اچي. دنيا ۾ تمام گهڻو علم آهي، جيڪو ٻين ٻولين ۾ آهي. روز نيون ڳالهين ۽ نيون ڪوجنائون پيون ٿين، اهو سڀ ٻين ٻولين ۾ آهي ۽ اهو سڀ علم اسان وٽ ترجمن جي صورت ۾ ئي اچي سگهي ٿو. چا مرزا قليچ بيگ، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، تاج جويو، انعام شيخ وغيره چريا هئا يا آهن، جن لڳاتار ترجما ڪيا يا ڪن پيا. منهنجي پنهنجي خيال ۾، سنڌي ۾ ته اڃان ترجما ٿيا ڪٿي آهن. دنيا جا جيڪي ڪلاسڪ ڪتاب آهن. تن مان هڪ اڌ جو به سنڌي ۾ مستند ترجمو ٿيو هوندو. اهڙا دوست محترم شيخ اياز جي رڻا لاءِ ڪهڙو ويچار ٿا رکن، جنهن پنهنجي وائيس چانسلري واري دور ۾ دنيا

جا چوندا اڍائي سؤ ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪرائڻ لاءِ سوچ ويچار ڪئي هئي.

ها البت، هڪ ڳالهہ ڪي قدر ڪٽڪي ٿي، سا آهي ترجمن جي ٻولي، جنهن کي سڌارڻ جي ضرورت آهي، جو اسانجا جيڪي سيڪڙات دوست ٻي ٻوليءَ مان ترجمو ڪن ٿا، سي گرامر، وغيره جو صفا خيال نہ ٿا ڪن. ان پاسي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. باقي ترجمن جي مخالفت ڪرڻ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻڻ برابر آهي.

ترجمي جي اهميت جي سلسلي ۾ محترم جي - ايم - مهڪريءَ پنهنجي هڪ خط ۾ مونڏي لکيو. "اربين ۽ ڪربين روپين جي دولت جهڙي چاڻ، سنڌي ٻوليءَ کان علاوه ڪتابن ۾ موجود آهي جيڪو ماڻهو انهن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ٿو، سو سنڌ جي عظيم خدمت ڪري ٿو."

.... جديد فڪر ۾، سنڌي ٻولي، اردو ۽ نںڍي کند جي ٻين ڪيترين ئي ٻولين کان ڪافي اڳتي آهي. انهن ٻولين کي پنهنجو ڪو بہ قليچ بيگ نہ مليو، پر توهان وٽ آهي جيڪو ماڻهو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪاشئي ترجمو ڪري ٿو، سو قليچ بيگ جي دانشورانہ ڪتنب جو ڀاتي آهي. جيڪو ليکڪ بہ هو ۽ مترجم بہ اها ڪيڏي فخر ۽ شان جي ڳالهہ آهي."

ائين ساٿي غلام نبي ناشاد جو شهيد الله قيصر جي هن بنگالي ناول جو ترجمو، ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، ۽ هي سڄو ناول ايڏو تہ دلچسپ آهي جو هڪئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي.

شهيد الله قيصر جو تعلق " سونار بنگلہ" جي ڌرتيءَ سان آهي، جيڪا ٻارهوئي قدرتي آفتن، بک بي روزگاريءَ ۾ ڦاٿل رهڻ جي باوجود بہ قومي غيرت ۾ سندن ڪو ثاني ڪونهي. ان ڌرتيءَ پنهنجي آزاديءَ جي "مهاڀاري جنگ" ۾ پنهنجن ٽيهن لکن ماڻهن جي جانين جو نذرانو ڏنو ۽ ان نذراني ۾ هڪ سر شهيد الله قيصر جو بہ هو.

شهيد الله قيصر جو شمار بنگالي زبان جي وڏن اديبن ۾ ٿئي ٿو. هو ١٩٢٣ع ۾ نواکلي ضلع جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس پيءُ مدرسه عاليه ڍاڪا ۾ استاد هو. شهيد الله جي شخصيت ظلم ۽ انانصافيءَ جي خلاف مسلسل جهاد هئي. ١٩٤٥ع ۾ جڏهن هو ڪلڪتي جي پريسيڊينسي ڪاليج ۾ پڙهندو هو ته هن شاگرد سياست ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. جتيوٽيڪ سندس واسطو پراڻي ۽ دقيانوسي خاندان سان هو. پر سندس ذهن ڪڏهن به پڌل ڳالهين کي قبول نه ڪندو هو. قومي ۽ جمهوري تحريڪن ۾ حصو وٺڻ ڪري هن لڳ ڀڳ اٺ سال جيل ۾ گذاريا. هن اڪوٽي مشرقي پاڪستان ۾، ١٩٥٢ع ۾ ٻوليءَ جي تحريڪ ۾ به ڀرپور حصو ورتو، جنهن جومقصد بنگالي زبان کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ هو. قيد جي دوران هن هڪ ڪتاب "سياسي قيدي جي ڊائري" ۽ ٻيو "سارنگ بو (ملاح جي زال)، جنهن جو سنڌي ترجمو " پرين پڳهه ڇوڙيا" جي نالي سان اوهانجي هٿن ۾ آهي. لکيو. جيڪو ايترو ته مشهور ٿيو جو کيس آدم جي انعام کانسواءِ ڪيترا پرڏيهي انعام به مليا.

شهيد الله قيصر بنگالي زبان جي مشهور روزاني اخبار "سنگ باد" جو جوائنٽ ايڊيٽر ۽ مشرقي پاڪستان انجمن صحافيان جو صدربه هو.

"سارنگ بو" (پرين پڳهه ڇوڙيا) جو بنگالي ادب ۾ هڪ واضح ۽ منفرد مقام آهي. ۽ بنگالي ادب ۾ هي ناول ڪلاسيڪ جو درجو رکي ٿو. پهريون دفعو ڪنهن اديب بنگال جي انهن رهاڪن جي زندگيءَ تي ڪو ڪتاب لکيو، جيڪي سمنڊ سان وڙهندا جڙهندا پنهنجون عمريون ڳاريون ڇڏين. اهي ماڻهو نواکليءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري ننڍين ننڍين وستين ۾ رهن ٿا.

بنگال جو هي ناليرو اديب، صحافي ۽ سياسي ڪارڪن ١٥ ڊسمبر ١٩٧١ع تي ٻن سؤ اديبن، صحافين، انجنيئرن ۽ ڊاڪٽرن سان گڏ قتل ڪيو ويو. سندس قتل جي روئداد آئي -پي- آئي جي خصوصي عيوضي ڊريڪ رواؤنڊ هن ريت بيان ڪئي آهي، جيڪا عالمي پريس ۾ شايع ٿي:

”شهر ۾ ڪرفيو نافذ آهي، پنج هٿيار بند رضاڪار (جن جو واسطو جماعت اسلامي بنگلاديش سان هو) جن کي ڪو به يونيفارم پاتل نه هو. گهر ۾ داخل ٿين ٿا. شهيد الله قيصر جو ڀاءُ ذڪريا حبيب جيڪو مقامي واپاري آهي، وڏي رضاڪارن ڏانهن ويو ۽ کانئن پڇيو. ”توهان ڪنهن سان ملڻ ٿا چاهيو؟“ جواب مليو ٿو. ”هٿ مٿي ڪرڻ!“ ان سان گڏ پنجئي رضاڪار ذڪريا حبيب تي استين گن تاڻي ان خواهش جو اظهار ڪن ٿا ته هو گهرجي ٻين ڀاتين سان ملڻ ٿا چاهين. پوءِ هو شهيد الله قيصر جي ڪمري ۾ گهڙي ٿا وڃن ۽ کانئس نالو ٿا پڇن.

شهيد الله قيصر پنهنجو نالو ٻڌائي ٿو ۽ وڏيڪ ڪجهه چوڻ وارو ئي هو جو هڪ رضاڪار ڪاوڙ ۾ چيو. ” بڪواس بند ڪر، ڀڄڻ جي ڪوشش نه ڪر، اسان سان هَل، “ هن اهو پڇڻ پئي چاهيو ته کيس ڪيڏانهن نيو پيو وڃي. پر کيس ڪا به ورندي نه ملي.

رضاڪارن ذڪريا حبيب کي ڇڏي ڏنو ۽ شهيد الله قيصر کي پاڻ سان وٺي ويا.

ڪلاڪ کان پوءِ ذڪريا حبيب پاڪستاني فوج جي آفيسرن کي ٽيليفون ڪئي ته هڪ برگيڊيئر ۽ هڪ علائقائي ڪمانڊر کيس اطمينان ڏياريندي چيو ”پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهه ڪونهي، ڪجهه صحافين ۽ پروفيسرن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، کين حفاظت ۾ رکيو ويندو، اوهين ڪو به الڪو نه ڪيو.“

ان ڏينهن کان پوءِ، شهيد الله قيصر کي وري ڪڏهن به نه ڏٺو ويو.

مون کي پڪ آهي ته شهيد الله قيصر جي هن جڳ مشهور ناول جو ترجمو، جيڪو اسانجي محترم دوست غلام نبي ناشاد ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت والاريندو.

يوسف سنڌي

دڙو

٨ - جنوري ١٩٩٣ع

مون اُپي تڙ پاس، پِرينِ پڳهہَ جوڙيا
هو اَللهُ هارَ اُهرِيا، آءُ دَمِ دَمِ دُعا ڪندياسِ،
آهہ نہ لاهيندياس، موتي ايندا مان ڳري
______________ (شاهہ لطيف)

سوال آهي تہ ترجمي جي ضرورت ڇو ٿي ٿئي؟ اهو ان ڪري جو دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جدا جدا ٻولين جا انسان رهن ٿا. سٺي ترجمي جو ڇا معيار آهي، ان کي ڪيئن ٿو پرکي سگهجي؟ ڇا ترجمو هڪ تخليقي عمل آهي يا خالص ٽيڪنيڪي؟ سٺي ترجمي يا سٺي ترجمي ڪندڙ ۾ ڪهڙي خاصيت جو هجڻ ضروري آهي؟ اهڙي قسمن جي سوالن کي تنقيد نگاري ادب ۾ وڏي اهميت ڏني ويندي آهي. گهڻن اديبن جي اها بہ راءِ آهي تہ، ترجمو اصل لفظن جي بجاءِ مقصد جي طرف وڌيڪ جهڪيل هوندو آهي، ڪي چون ٿا تہ ترجمو جيڪڏهن ڪامياب ٿي وڃي تہ، خود تخليقي ادب جو حصو بنجي وڃي ٿو. هن جي احتساب جو ڪو بہ اصول اڄ تائين بيان نہ ڪيو ويو آهي، ترجمو هڪ خالص شعوري عمل آهي، مارچ ١٩٨٥ع جي ڳالهہ آهي، مون سائين نجم عباسي کي روبرو چيو هو تہ، مونکي ڪو ڪتاب (ناول) ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏيو. سائين تي ڪتاب لکي موڪليا ١-انگولا جي آزادي ٢-ملاح جي بيوي ٣-اور ڊان بهتا رها، ۽ مون "ملاح جي بيوي" ڪتاب لاءِ ڪيس هاڪار ڪئي ۽ پاڻ "ملاح جي بيوي" ڪتاب ڏياري موڪليو.

سارنگ بو (ملاح جي بيوي) ڪتاب شهيد الله قيصر لکيو، جيڪو بنگالي ادب ۾ هڪ منفرد مقام رکي ٿو، هن ڪتاب تي ١٩٦٢ع ۾ رائٽر گلڊ جي طرفان آدم جي انعام مليو. هي ڪتاب پاڻ آڪٽوبر ١٩٦١ ۾ لکي پورو ڪيائين ۽ حيرت جي ڳالهہ اِها بہ آهي تہ ايوب خان جي حڪومت هن کي ٽي سال لڳاتار جيل ۾ رکيو، طرحين

طرحين جون تڪليفون ڏنيون ۽ ان شهيد الله کي ايوب خان بهترين ادب جو انعام ڏئي رهيو هو.

هي ناول انهن ملاحن ۽ ماهيگيرن جي داستان آهي، جيڪي خليج بنگال جي اترئين ڪنارن جي ننڍڙن ڳوٺن ۾ آباد آهن جيڪي سمنڊ جي ڇولين سان کيڏندي جوان ٿيندا آهن ۽ سڄي عمر سيلاب ۽ طوفان سان وڙهندي گذاريندا آهن.

ڪدم ۽ سندس زال نبيتن، انهن پورهيتن جي شرافت، جوان مردي جي علامت آهن ۽ ان طبقي جا به سچا نمائندا آهن. پر هنن جي ڳوٺ ۾ اهڙا به ماڻهو رهن ٿا جن کي نه ڪنهنجي عزت جو خيال هوندو آهي نه ئي پنهنجي نيڪ نامي ۽ بدنامي جو خيال.

شهيد الله قيصر هي داستان انهن انسانن جي روزمره زندگي آڌو رکي جوڙيو. هي ناول فرشتن ۽ شيطانن جي باري ۾ نه آهي مگر حقيقت جي هن آئيني ۾ توهان کي عام انسانن جي ننڍين ننڍين خواهشن جو، معمولي شڪايتن جو، محنت ۽ جدوجهد جي مختلف پهلوئن جو پورو پورو عڪس نظر ايندو.

مون هي ڪتاب اردو ڪتاب ملاح کي بيوي تان ترجمو ڪيو آهي جيڪو سعيده گزدر اردو ۾ ترجمو ڪيو هو. مون هي ترجمو ٢٤ـ ٨ ـ ١٩٨٧ع تي لکي پورو ڪيو. منهنجي هيءَ ترجمي جي حوالي سان پهرين ڪوشش آهي، ضرور کي ڪچايون پڪايون هونديون. ڪتاب "پرين پڳهه ڇوڙيا" اوهان جي آڏو آهي.

غلام نبي ناشاد

١٢ـ ١ ـ ١٩٩٣ع

1

پاڻي گجندڙ، رڙندڙ، شور ڪندڙ، رحمدل، مهربان، خوفناڪ پاڻي، نرم نازڪ، ظالم پاڻي، چارئي پاسا پاڻي ئي پاڻي.

۽ انهن شور ڪندڙ ور وڪڙ ڪائيندڙ لهرن جي ويڪري چادر تي. زمين جو هڪ ننڍڙو پورو ٽڪو ايئن ايريل آهي جيئن ڪنهن وچ تي پٿر جو ٽڪرو رکي ڇڏيو هجي.

زمين جو هي ننڍڙو ٽڪرو باهمن چاري ڳوٺ آهي جيڪو ڪيال نديءَ جي ڪناري ستو پيو آهي. ڪيال ندي جي ڪناري بيهي ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ هي سمنڊ جو ننڍو حصو آهي. ڪٿي چمڪندڙ ڪٿي آهستي ڪٿي ساگر سخت ۽ تيز ڄڻ سمنڊ کان جدا ٿي باهمن چاري ڳوٺ جي ڪناري تي پنهنجو مٿو پيجي رهيو هجي.

باهمن چاري کان سواءِ بيا ٻه ڳوٺ آهن جيڪي سمنڊ جي ڪناري ۽ سمنڊ جي پرسان دريائن جي ڪنارن تي آباد آهن. هنن سڀني ڳوٺن ۾ هڪ ئي جهڙا انسان رهن ٿا. هنن جي رهڻي ڪهڻي ۽ کائڻ پيئڻ هڪ جهڙو اهي. هي ڳوٺن ۾ اچي ڪم ڪن ٿا. ڇانور پوکين ٿا. ڳئون ۽ مينهون پالن ٿا ۽ انهن جون عورتون ڇنن هيئنان پيدا ٿيندڙ ننڍن ننڍن معصوم اکين وارن جانورن جي پرورش ڪن ٿيون پر انهن ڪمن کان پوءِ هي ماڻهو سمنڊ طرف موٽي وڃن ٿا. سمنڊ ئي انهن کي زندگي بخشي ٿو ۽ انهن کي زندگيءَ جو راڳ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ننڍن ننڍن ٻيڙين ۾ ويهي هي مڇيون پڪڙين ٿا ۽ سمنڊ جي ننڍين وڏين خطرناڪ ڇولين تي سوار ٿي پري تمام پري اڻ ڏٺل ملڪن ڏي هليا وڃن ٿا. هي سڀ ماڻهو مانجهي آهن سمنڊ سان وڙهندڙ مرد ۽ بهادر مانجهي.

باهمن چاري ٽن حصن ۾ ورهايل آهي اولانهون حصو اميرن تي مشتمل آهي اتي پڪا گهر آهن. شيخ قادر جي، ليشان حويلي آهي جيڪا ڳوٺ ۾ وڏي حويلي

جي نالي سان مشهور آهي هي چڱا امير ماڻهو آهن هنن وٽ ڪافي جانور ۽ چانور ڪڻڻ جا آڳر گهڻا آهن.

ڳوٺ جي اترين حصي ۾ ملاحن جا گهر آهن. انهن لاءِ زندگي ۽ موت خوشي ۽ غم سڀ ڪجهه سمنڊ ئي آهي، هي ماڻهو سمنڊ ڪان واپس اچن ٿا ۽ پوءِ اوڏانهن ئي موٽي وڃن ٿا. ان حصي ۾ نبيتن جو گهر آهي ..ننيڙو ڪچو مٽيءَ سان ٺهيل گهر! گهر ڪي چار ديواري آهي. جنهن ۾ ٻير جو وڻ آهي هن گهر ۾ نبيتن پنهنجي ڌيءَ اِڪٽي سان رهي ٿي.

صبح ٿيندي ئي نبيتن گهر جي صفائي ڪئي ليپو ڏنو. ٿانو ڌوئي رکيا. ڪڪڙين کي داڻو وڌو انهن ڪمن ڪان واندي ٿيڻ ڪان پوءِ هن تلاءِ ۾ چڱي طرح غسل ڪيو ۽ پوءِ ويراندي ۾ گهڙي ڪن آرام ڪرڻ جي نيت سان ويهي رهي....!

هن ٻير جي وڻ کي ڏٺو. گهري سائي رنگ جا ننڍا ننڍا ٻير پنن مان ليئو پائي رهيا هئا هو دير تائين وڻ تي نظرون ڄمايو ويٺي رهي ايتري قدر جو هن جي اکين ۾ سور ٿيڻ لڳو. هر سال موسم بدلجندو هو ته هن وڻ ۾ ٻير ٿيندا هئا. ڀهريائين پن سڪندا هئا ۽ پوءِ ڇڻي ويندا هئا ۽ پوءِ نوان نوان گونچ نڪرندا هئا وڏا ٿيندا هئا ۽ ننڍا ننڍا ٻير پنن ۾ لڪيو پنهنجي جواني جو انتظار ڪندا رهندا هئا.

نبيتن جي دل ۾ سور جي سٽ لڳي انهن بدلجندڙ موسمن هن کي رلايو هو.

هن جي دل ۾ خاموش آهَن جو جيڪو لڪل طوفان هو ائين پئي لڳو ڄڻ هو ڪنهن ڏينهن هن جي.شخصيت کي تباهه ڪري ڇڏيندو.

"ائي نبيتن تون ڪڏهن ڪان ائين ويٺي آهي" وڏي حويلي ڏانهن ايندڙ ساڳي جي ماءُ ان جي ويجهو ٿي ويٺي.

هي جبل جيڏي زندگي تون مرد بنا ڪئين گهاريندينءَ. جواني ته هڪ ئي ايندي آهي انهيءَ ڪان پوءِ جيئن ئي ٻڍاپو ايندو ته ڪير اک به نه کڻي نهاريندءِ.

ساڳي جي ماءُ کي بيمارين ايترو ته ڪمزور ڪري ڇڏيو هو جو هو لٺ جي سهاري بنا، هڪ به پير نئي کڻي سگهي. لٺ جي سهاري هو ڪِٿي تي هلندي هئي.

انهيءَ ڪري ڳوٺ وارا هن کي نالو وٺڻ بجاءِ ڪِٿي امان ڪري سڏيندا هئا.

پوڙهي شيخ قادر جي حويلي ۾ مٿيون ڪم ڪندي هئي، نبيتن جي لاءِ هوءَ مسلسل عذاب بڻجي ويئي هئي. اهڙي مصيبت جنهن ڪان جان ڇڏائڻ مشڪل هجي.

”سوچي وٺ منهنجي ڳالهه تي، راڻي بڻجي رهندينءَ تنهنجي اشاري تي نوڪر نچندا، ڏهه ٻارهن ٻانهيون تنهنجي خدمت ۾ حاضر رهنديون مالش ڪنديون، وار ڌاهينديون غسل ڪرائينديون. انهيءَ عيش ۽ موج کي تہ سهاڳڻ چوندا آهن. ائين تہ نہ ٿجي جو عورت بک مري ۽ انهيءَ مرد سان چنبڙي رهي جيڪو سالن جا سال خبر بہ نہ وٺي“ پان جي پِڪ سان پوڙهي جو وات ڦوڪيل هو. انهيءَ نبيتن ڏي چالاڪيءَ سان ڏٺو ۽ سڄو پان ڳهي ويئي نبيتن جي صبوح ٿي برباد ٿي ويو اچا الاهي ڪم ڪرڻا هئس پر انهيءَ چنڊي صورت ڏسي ۽ غلط لفظ ٻڌي هن جو مٿو ٿي ڦرڻ لڳو.

”نڪري وڃ چنڊي ڪٽڻون جي“

نبيتن پوڙهيءَ کي ڌڪا ڏيندي اندر هلي ويئي سڄي ڪاوڙ ويچاري سٽل اکي تي لاٿائين ”مان صبح کان رڙيون پئي ڪيان ٻڌين ٿي نہ ٿي اٿ شيطان!“ نبيتن اکي کي مڪون وهائي ڪڍيون. اکي مار کائي ويهي رهي هن حيرت مان ماءُ کي ڏٺو ۽ اکين ۾ لڙڪ تري آيس ”هي ڪارو ڪڻ ۽ منشي جي گهر وڃ ۽ ساريون ڪٽي آ“ اِکي اکيون مهٽيندي اٿي ۽ ڪارو کٽي گهر کان ٻاهر نڪتي در تي گهڙي ڪن لاءِ بيٺي تہ ماٽس رڙ ڪري چيس.

”موٽ تي پوسٽ آفيس ويجهان متان ڪو خط پٽ آيو هجي“.

پوڙهي کلندي چيس ”نبيتن تون وڏي حويلي ۾ راڻي رهندينءَ عيش ڪندينءَ عيش. شيخ قادر پنهنجي زالن سان وڏو پيار ڪندو آهي“

”خدا ڪري تنهنجي ڇپ نڪري تنهنجي وات ۾ ڪيئان پون“ نبيتن پير زور سان زمين تي هنيا.

پوڙهي خاموشي سان کلندي رهي.

پوڙهيءَ کي خبر هئي تہ شروع ۾ سڀ ائين ڪنديون آهن. سڄي ڪاوڙ ٿانون تي لاهينديون آهن، خود پوڙهيءَ کي بہ هزارين گاريون سهٽيون پونديون هيون پوءِ آهستي آهستي جڏهن ڪاوڙ نرندي هين تہ جانور وانگر سڌيون ٿي وينديون هيون ۽ هڪ ڏينهن چپ چاپ ان جي پويان هلي ايندي يون هيون.

هوءَ ڄاڻندي هئي تہ جن کي پنهنجي ذات پات پنهنجي عزت ۽ وقار تي ناز هوندو هو، اهي چند زيورن، چند رپين ۽ شيخ قادر جي محل جي آسائش جي ڪرسي سڀ وسري وهنديون هيون. پنهنجي عزت ۽ ناموس پنهنجي وفاداري کي دولت ۽ آرام جي تيز وهڪري ۾ گاهہ جي ڪکَ وانگر وهلئي ڇڏينديون هيون.

ساگيءَ جي ماءُ وري اندر ئي اندر ۾ ڪلڻ لڳي "جيڪو وٺي سو چئو پر مان سچ ٿي چوان ته توکي ڏسي مونکي ڏک ٿو ٿئي. اهڙي جواني پنهنجي هٿان ئي برباد ڪري رهي آهين"

"ڪرازي تون وچين ٿي يا نه؟ مڙس، ڌيءُ، پٽ سيني کي ڪاڌو ٿئي ناگڻ تڏهن به آرام نه آيو ٿئي تو جهڙي کي ڏسڻ به ڏوهه آهي" هاڻي نبيتن جي ڪاوڙ جي انتها ٿي ويئي.ساگي جي ماءُ رنڙ هئي، هن جو مڙس ڌيءَ پٽ سڀ گذاري ويا هئا. هاڻي انهن کي سال گذري ويا هئا پوڙهي انهن سيني کي وساري ڇڏيو هو پر پنهنجي ڪميٽائپ جي ڪري اڪثر گاريون کائيندي هئي پر هو انهن ڳالهين جي عادي بڻجي ويئي هئي.

هوءَ لٺ ڪڙڪائيندي اڳتي وڌي "چڱو سمجهه يا برو جو ڪجهه چيو اٿم تنهنجي سامهون آهي مان ڪونه چوندي هيس ته تنهنجو مانجهي ڪونه ايندو. ڏٺئي نه! آيو واپس؟ هڪ دفعو پرديس جي هوا لڳي ته ڪير به واپس نه ٿو موٽي" هڪ ننڍڙي صندلي پوڙهي جي ڪن ڪان سرڙاٽ ڪندي وچي ڪري.

"هڪ دفعو وري سوچي وٺ نبيتن! جواني هڪ دفعو ئي ايندي آ پوءِ پڇتائڻ سان نه ورندي. شيخ قادر جون ٿي زالون آهن انهن سيني تي تون راڻي بڻجي رهندينءَ اجان به سوچي وٺ" هن دفعي پوڙهي ڪِل روڪڻ جي بلڪل ڪوشش نه ڪئي. ان جي گهنجائيل منهن تي ماضيءَ جا ڪيترائي گناهه ظاهر ٿيڻ لڳا.

"چندي، ڪميٽي....." انهيءَ ڪميٽي نبيتن جي صبح ئي برباد نه ڪيو هو پر سڄو ڏينهن ئي خراب ڪيائين.

نبيتن ٻاهر اگڻ ۾ آئي ۽ ڪالهوڪا ڪَپڙا ٻاهر ڪيا. اها صندلي جيڪا پوڙهي کي هنئي هئائين سا ڪنئي ۽ انهي تي چانور چڙڻ لڳي.

"ياڇائي ڇا ڳالهه آ؟ شربتي وڏي گهر ڏانهن ايندي پيار مان پڇيو. نبيتن جي گهر سان مليل ان جي ساهرن جي عزيزن جو وڏو گهر هو جنهن جا ڪيترائي خاندان هئا. شربتي رشتي ۾ هن جي نڻاڻ پيئي لڳي.

"اهائي نياڳي چندي پوڙهي"!! اجان تائين نبيتن جا چپ ڪاوڙ مان بند هئا. انهيءَ اَنَ ڇڙي پاسي تي رکيو ۽ دِلي ۾ چانور وجهڻ لڳي.

ها مان به انهيءَ کي ڏنو هو ياڇائي تون هڪڙي ڏينهن انهيءَ ڪپٽي جي پٺي پيجي رک تڏهن ئي ان مان جان ڇٽندئي.

"اڄ مان انهيءَ کي صندلي هنئي هئي پر نشانو خطا ٿي ويو" نبيتن ڪمري

۾ ويندي چيو.

”شربتي منهنجي ڀيڻ! اڄ ٿوري مدد ڪراءِ تہ جيئن سڀ چانور صاف ڪري وٺان. وڏيري جي گهر چانور صاف ڪري موڪليان تہ مونکي بہ کائڻ لاءِ ملن.“ نبيتن عاجزيءَ سان چيو.

”ڇوٿي شرمندو ڪرين ڀاڄائي! سؤ دفعا چيو اٿم تہ جڏهن بہ ضرورت پوي تہ سڏي وٺندي ڪر“ شربتي چيو.

نبيتن لاءِ چانور ڪٽڻ لاءِ جدا آڱر نہ هو. بس هڪ ويهہ فوٽ ڊگهو ڪمرو هو جنهن کي سنهڙو لوڙهو ڏيئي ٻن حصن ۾ ورهايو هئائين هڪ پاسي چلهہ چانور ڪٽڻ جو حصو هو ۽ ڪڪڙين جو ڪُڏ هو. ٻيو حصو سمهڻ لاءِ ڪم ايندو هو پر ٻنهي حصن کي در الڳ الڳ هئا.

”قادر شيخ ڇريو ٿوري آ انهيءَ ڪجهہ ڏسي ئي پسند ڪيو آهي سچ تنهنجو جسم اهڙو تہ سهڻو آهي جو ڏسندئي رهان“ ۽ اها حقيقت هئي. شربتي چيس.

نبيتن ملاح جي گهرواري! جڏهن هلندي هئي تہ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ موسيقي جو آواز پيدا ٿي رهيو آهي ان جو جسم ڪنهن سنگ راش جو تراشيل انمول شاهڪار هو. ڀريل ٻانهون سخت اڀريل سينو ۽ گول گول سٿر!

شربتي جي زبان ڪان تعريفي لفظ ٻڌي ان جا پير تيز ٿي ويا. ڇٽ جي ٿلهي ساڙهي ۾ بہ ان جي جسم جو انگ انگ نچي رهيو هو.

ان جو سينو ۽ رانون ترتيب سان لڏي رهيون هيون اکريءَ ۾ لڳل لوهن ڀٽن ۾ چون چون جو آواز مسلسل اچي رهيو هو شربتي ٽڪجي پيئي. پر نبيتن جي پيرن جي حرڪت جاري رهي.

”ڀاڄائي ٿوري دير تہ ترس.“ ان نبيتن جي خوشامد ڪئي. نبيتن جا پير بيهي ويا. ان لڙڪيل رسي کي ٻنهي هٿن سان جهلي ورتو. هو وڏا وڏا ساهہ کڻي رهي هئي ان جي ڇهري تي پگهر موتين وانگر چمڪي رهيو هو.

ان ڪٽڻ لاءِ پير کي لوڏڻو ناهي پر سڄي جان جو زور ٿو لڳي. نبيتن جو جسم رسي جي ڪمان وانگر وريل هو. ان پنهنجو مٿو ويجهو رکيل بانس جي ڏاڪڻ تي رکيو. اکريءَ مان چانور ڪڍندي شربتي نبيتن کي معنيٰ وارين نظرن سان ڏٺو.

”شيخ قادر جي پسند آهين! هر ڀيري هن سچو موتي ڳوليو آهي. پر ڀاڄائي

تون ٿورو هوشيار رهندي ڪر" نبيتن ڪلي ڏنو اڄ سڄي ڏينهن ۾ هن ڀهريون ڀيرو کليو هو. ان هلڪي مُشڪ سان ۾ هن جو ڀڳهر ۾ ڀريل چهرو چمڪڻ لڳو.

"تون پنهنجو فڪر نہ ڪر! ڏينهن و ڏينهن رسيلي ٿي ٿيندي وڃين مان تہ ٻڌو آهي تہ قادر شيخ ڪنوارين ڇوڪرين کي پسند ڪندو آهي".

شربتي اڃا ڪنواري هئي ان جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ شرم کان هو هيٺي ٿي ويئي.

"هونهہ ڪميٽو! منهنجي سامهون اچي تہ منهن ساڙي ڇڏيانس".

شربتيءَ جي ڪاوڙ تي نبيتن کلڻ لڳي ان پڙن جي رسيءَ کي ڍرو ڇڏيو تہ يڪدم هيٺي پڙ هيٺ اچي ڪريا.

اڪي الائي ڇو اڄ ايتري دير ڪئي آهي. نبيتن گهر کان نڪري روڊ تي ڏسڻ لڳي. پوءِ واپس اچي هو چانور ڏار ڪرڻ لڳي. صاف چانور هن هڪ ٻوريءَ ۾ رکيا ۽ ان مان هڪ سير پنهنجي مزدوريءَ جا ڪڍي ورتا.

انهيءَ وقت اِڪي گهر ۾ داخل ٿي. هو مجرمن وانگر ماءُ جي سامهون بيهي رهي. ڪارو بلڪل خالي هو. نبيتن جي جسم مان سرڙاٽ نڪري ويو.

"تو ساريون نہ آنديون؟"

"نہ امان شهر ۾ هڪ مشين لڳي ويئي آهي ماٺهو چون ٿا تہ چانور اتي ڇڙائيندا سين" اِڪي ماءُ ڏي ڏنو ۽ چپ ٿي ويئي.

"تون پوسٽ مين ڏي وئي هئينءَ"

"هو چون ٿا تہ خط، مني آرڊر ڪجهہ بہ نہ آيو آ."

"چڱو! هي جملو نبتن روز ٻڌندي هئي. پر اڄ هوءَ ڏک مان بيزار ٿي ويئي هئي. اڪي ڪارو ڀاسي تي رکيو ۽ دلي مان مٽ چانورن جي ڪڻي ڇباڙڻ لڳي. بڪ جي ڪري ان جي پيٽ ۾ سور ٿيڻ لڳو هو. "امان خبر اٿئي منشيءَ جي گهر چون پيا تہ مشين جي چانورن جو پٽ ڪير وانگر اڇو ٿو ٿئي" اِڪي چانور ڪائيندي چيو ڪنهن بئي ڏينهن بنا اجازت جي چانورن کائڻ تي ماٺهس چڱي ڪُٽ ڪڍي ڇڏيندي هيس. پر اڄ نبين ان جي ٻئيءَ تي هٿ گهمائي رهي هئي.

"اندر ٿالهي ۾ ٿورا ڪتا چانور پيا آهن وچ ڪائي وٺ. دٻي ۾ ڪجهہ ڳاڙها مرچ پيا آهن. پر ڏس هڪ ٿي ڪائجان". نبيتن پيار مان چيو.

اِڪي خوشيءَ مان ڪڏندي وئي ۽ ٿالهي کڻي آئي هوءَ وراندي ۾ ويهي چانور ڪائڻ لڳي. نبيتن اداسيءَ سان ڌيءَ کي ڏسندي رهي. صبح هرويرو ويچاريءَ

ڪي ماريم.

خبر ناهي منهنجي مانجهيءَ ڪي ڇا ٿيو آهي هڪ خط به نه موڪليو ٿئين. ۽ نڪو مني آرڊر هو. ٻهرين به ته جهاز تي ويندو هو پر ڪڏهن به ائين نه ٿيو ضرور ڪا ڳالهه آهي. روز وانگر اڄ به ان کي پريشانين گهيريو.

نبيتن ٻارهن سالن جي هئي جڏهن ان جي شادي ٿي هئي هاڻي هوءَ چوويهن ورهين جي هئي انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا دفعا ان جو مڙس جهاز تي ويو هو ڪڏهن ٻن سالن ڪڏهن ٽن سالن لاءِ ۽ ڪڏهن سال ۾ به موٽي ٿي آيو هميشه ان جا خط ايندا رهندا هئا ۽ پيسا به موڪليندو هو پوءِ هڪ ڏينهن هو رنگا رنگ ساڙهيون، خوشبودار تيل ۽ صابڻ کنيو گهر پهچندو هو. نبيتن جي دنيا ۾ چڻ ٻهار اچي ويندي هئي.

پر هن ڀيري هڪ خط به نه آيو جنهن سال جانورن ۾ بيماري ٿي هئي هو انهيءَ سال ئي ويو هو هن ڳالهه کي پورا ٽي سال ٿي ويا هئا هو نه ئي پاڻ واپس آيو هو نه ئي خط موڪليائين ڪو نياپو به نه موڪليائين.

نبيتن کي طرح طرح جا انديشا ٿيڻ لڳا متان هو بيمار نه ٿي پيو هجي يا متان......هو ان کان وڌيڪ نه سوچي سگهي ڪا اهڙي ڳالهه تي مان مري ويندس. مونکي اهڙيون خوفناڪ ڳالهيون سوچڻ نه کپن. وري ڪٻي پوڙهي جو گناهگار چهرو ان جي نظرن ۾ اچڻ لڳو ۽ ننڍن ننڍن ڪيڙن جيان غليظ اکر ان جي ذهن ۾ ڦرڻ لڳا.

"تنهنجو مڙس هاڻي نه ايندو هڪ ڀيرو جنهن کي پرديس جي هوا لڳي وڃي ته هو واپس ناهي ورندو".

"نه! نه .... مان هي ڪڏهن نه مڃيندس، منهنجو مانجهي ضرور ايندو. هو مونکي وساري نٿو سگهي، هو منهنجو آهي. هو سڀني کان مختلف آهي هو پنهنجو مٿو ڀڪڙي ويهي رهي.

پر هي ڳالهيون هن ٻين کان به ته ٻڌيون هيون هو چوندا هئا ته پرديس وڃي هڪ دفعو ڪنهن عورت جي چڪر ۾ ڦاسندا آهن ته اُن چار مان سڄي زندگي نه نڪري سگهندا آهن هوءَ ايتري ڇري به نه آهي هن کي خبر هئي ته ماڻهو جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا ان ۾ ٿوري گهڻي صداقت ضرور آهي خود ان جي ڳوٺ رئيس الدين جي مثال آهي. هو به جهاز تي سارنگ هو. هڪ دفعو جو ويو ته وري نه موٽيو هت سمنڊ پار انگريزن جي دنيا آباد هئي ۽ رئيس الدين اهڙي ئي هڪ انگريزياڻي جي

چڪر ۾ ڦاسي پيو هو.

سارنگ، جهاز تي ڪم ڪندڙ مزدور هو.

باهمن چاريءَ ۾ نه صرف رئيس الدين ائين ڪيو هو پر درياءَ پار گهاٽ ۾ اهڙا بيشمار مثال هيا. ڪيترائي مرد پرديس وڃي پنهنجي گهر گهاٽ، ٻارن ٻچن کي وساري چڪا هئا. نبيتن پنهنجي اکين سان ڪيترين ئي عورتن کي پنهنجي مانجهي جي ڪري زندگي ٻر روئندي ڏٺو هو.

شربتيءَ جو وڏو ڀاءُ قربان گهڻي عرصي کان جهاز تي ڪم ڪندو هو. باهمن چاري ۽ آس پاس جي ڳوٺن جي اڌ آبادي جهازن تي ڪم ڪندي هئي.

پر هاڻي حالتون بدلجي ويون هيون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن کي اجازت نامي لاءِ ڪلڪتي وڃڻو پوندو هو. ڪلڪتو هاڻي هندوستان جو شهر هو. اتي وڃڻ لاءِ انهن کي وڏي تڪليف ٿيندي هئي. ڪافي پئسه خرچ ٿيندا هئا. تڏهن وڃي پاسپورٽ ۽ ويزا ملندا هئا. انهيءَ ڪري ئي هاڻي گهٽا ماڻهو ٻوڪ ڪرڻ لڳا هئا. هو جانور پاليندا هئا. نخون ناهيندا هئا ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪم ڪندا هئا.

اهي اڄ به پنهنجا پراڻا سفر ياد ڪندا آهن ۽ دور دراز ملڪن جون ڪهاڻيون ٻڌندا آهن. انهن ۾ ڪجهه ته ڪوڙيون هونديون آهن ۽ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون به هونديون آهن جن تي نه چاهيندي به نبيتن کي اعتبار ڪرڻو پوندو هو.

پرڪرم! ان کان پيارو ان جو سهڻو سارنگ! جنهنجي سهڻي صورت ان جي من ۾ لڪل ان کي روئاريندي هئي.

هو اهڙو نه ٿو ٿي سگهي، نبيتن جي دل کي پورو يقين هو ته ماڻهو ڪجهه به چون پر ان جو ڪرم ڪڏهن به اهڙو ٿي نه ٿو سگهي. هو مونکي ڪيئن ٿو وساري سگهي؟ ان جي روح سوين سمنڊ رلڻ جي باوجود نبيتن کي آواز ڏنو هو. ان کي پنهنجو بنايو هو پوءِ هو انکي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهي؟ ماڻهو ڪوڙ ٿا هڻن. ڪڏهن به انهن جل پرين جي جادوءَ ۾ نه ٿو ڦاسي سگهي.

رئيس الدين پنهنجي پيءُ ڏي ڪجهه پئسه موڪليا ان سان گڏ هڪ تصوير به موڪليائين.

تصوير ڏسي نبيتن کي حيرت ٿي انگريزياڻيءَ جو اڇو بدن ان جي لباس مان جرڪي رهيو هو ان جون ننگون گوڏن کان مٿي تائين اگهاڙيون هيون ۽ ٻانهون به هيس ئي ڪونه اها رئيس الدين تي ائين جهڪيل هئي جو ڪليل گلي مان اڌ سينو ڏسجي رهيو هو. نبيتن نفرت ۽ حقارت مان منهن موڙي ڇڏيو.

بي شرم، بي حيا، پنهنجي بدن جو بہ خيال ڪونهيس. رئيس الدين ڪي ايتري پري وڃي اها ٻيڙي وٺي هئي پر تجسس هن کي هڪ دفعو وري مجبور ڪيو ۽ هو تصوير تي جهڪي پيو.

ان جي پيرن ۾ ڪهڙا نہ سهڻا سينڊل آهن. پر اکين ۾ شرم جو نالوئي ڪونهيس. توبهہ اهي ڪهڙا ماڻهو آهن. جيڪي انهن ڪيرين جي پويان پنهنجو گهر ٻار ئي تباهہ ٿا ڪري ڇڏين.

نبيتن جون ڳالهيون ٻڌي ڪدم ڪلي ڏنو ان سوچيو تہ جي نبيتن ملاحن جي دل وندرائڻ وارن عورتن کي ڏسي وٺي ۽ انهن جو سڀ ڳالهيون حرڪتون ڏسي جيڪي اهي ملاحن جي دل وندرائڻ لاءِ ڪن ٿيون تہ شايد حيرت ۽ صدمي کان مري وڃي.

رئيس الدين جي پاڻيتي تصوير ڪٽي هلي ويئي تہ ڪرم آهستگيءَ سان چيو.

نبيتن هي عورتون ايتريون بريون نہ آهن جيتريون سمجهين ٿي؟ هو هڪ جهٽڪي سان اٿي ويهي رهي ائين جيئن ڪنهن ڏنگ هٽي وڌو هجيس.

هوءَ سوچڻ لڳي ڪدم ائين ڇو چيو ڇا واقعي هي انهن رنن کي سٺو ٿو سمجهي. قربان جي گهر واري حشمتي چوندي آهي تہ مرد سڀ هڪ ئي مٽي مان ٺهيل آهن ڪهڙي خبر هي گهر کان نڪري ڇا ٿا ڪن. انهن جي دل ۾ ڇا هي. ڪنهن کي ئي خبر ناهي. سچ پڇين تہ مونکي ذري برابر ڀروسو نہ آهي.

نبيتن جو مٿو ڦرڻ لڳو حشمتي جيڪو ڪجهہ چيو هو ڇاهي سچ آهي. ڪدم حشمتي جو مڙس قربان پئي هڪ ئي جهاز تي هئا. ڇا ڪدم بہ انهن وانگر انگريزياڻين سان محبت جون ڳالهيون ڪندو هوندو.

نہ نہ! منهنجو مانجهي مختلف آهي. ان پنهنجي دل کي تسلي ڏني ڪدم غور سان نبيتن جي پريشان چهري کي ڏسي رهيو هو هن مسڪرائي ڏنو.

مان اهو ڪڏهن چيو هو تہ سڀ جون سڀ فرشتہ آهن. مان اهو پئي چاهيو تہ هو ايتريون بريون نہ آهن جيترو تون سمجهي رهي آهين.

"نہ سارنگ! اهي تمام بريون آهن بي شرم آهن ڪمينيون ڇي ڇي!". "چڱو ڀلا اهي سڀئي بريون آهن نيڪ آ نہ." ڪدم نبيتن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ونندي چيو.

"تون انهن کان پري رهندو آهين نہ. تون انهن جي ويجهو تہ نہ ٿو وڃين". انهن ٻيڙين وٽ الائي ڪهڙو جادو هوندو آهي" نبيتن پاڻ کي ڇڏائيندي چيو.

" ها " ! هن دفعي ڪدم آهستي چيو پر ان جي چپن تي اجان شرارت آميز مسڪراهٽ هئي.

نبيتن ڪدم کي ڏٺو ۽ ان کي پنهنجا شڪ شهبا ڪوڙا محسوس ٿيا. ان کي خبر هئي هو هميشه وانگر اڄ به ڪرم جي ذهن جي هڪ هڪ مشڪلات کي ان جي چهري تي پڙهي سگهي ٿي تڏهن به هو هڪ دفعو پڇڻ بنا رهي نه سگهي.

" تون سچ ٿو چوين نه "؟

" تنهنجو قسم هڪ اکر به ڪوڙ نه ٿو چوان " ڪرم سنجيدگيءَ سان چيو.

تڏهن هوءَ شبنم جي ڀهرين هڪ قطري وانگر جيڪو پن تان ڪري زمين ۾ جذب ٿي ويندو آهي ڪدم جي هنج ۾ وڃي ڪري. ڪدم جي سيني سان لڳي چڻ هو سڪون جي اٿاهه گهرائين ۾ گم ٿي ويئي.

هن کي ڪدم جي هڪ هڪ ڳالهه تي يقين اچي ويو.

" منهنجي سر جا سائين تون انهن عورتن کان پري رهه تمام پري. هي وڏيون چالاڪ هونديون آهن. "

ڪدم هن کي پنهنجي مظبوط ٻانهن ۾ جهلي ورتو ۽ ان جو مٿو نيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو.

" ها منهنجي پياري "!

نبيتن آهستي آهستي پوڙهي کي پٽڻ لڳي نياڳي چندي، مري وڃي، ڪينٿان پوني حرامزادي لڳي ٿو انهيءَ پوڙهيءَ جو شجرو شيطان سان آ.

انهيءَ فيصلو ڪيو ته جي پوڙهي وري منهنجي گهر آئي ته ٻهاري کڻي هٽندي مانس ۽ وات مان هڪ لفظ ڪڍيائين ته چيٽا پري چڏيندي مانس. ۽ پوڙهي جي پٺي وانگر منهن به پيچي رکندي مانس.

يادون قطار ٻڌي ان جو پيڇو ڪري رهيون هيون. نبيتن تمام ننڍڙي هئي جڏهن ان جي ماءُ گذاري ويئي هئي، ان جي پيءُ ٻي شادي نه ڪئي. پيار ۽ لاڏ ڪوڏ سان ڏيءُ کي پاليندو رهيو ان جي گهر ٻيو ڪو به نه هو انهيءَ ڪري گهر تي نبيتن جو راڄ هو.

هڪ ڏينهن هوءَ گهر کان ٻويان ٻالڪ لٽڻ ويئي ته ٻنن ۾ سر سر جو آواز ٿيو هن مٿو ڪنيو ماجل سارنگ جو پٽ ڪرم مشڪي رهيو هو. هو وچولي قد جو مضبوط ۽ صحتمند نوجوان هو. هن کي گنجي ۽ گوڏ ڀاتل هئي، مضبوط ٻانهون

سيني تي ٻڌي بيٺو هيو، هڪ ئي نظر ۾ هن نبيتن جي ڪارين اکين جو جائزو ورتو. هو وڃڻ لڳي تہ ڪدم اُن جو رستو روڪي بيهي رهيو ۽ شرارت مان ڳائڻ لڳو.

هيرا موتي منهنجي آرزو
مان وڃي رهيو آهيان تمام پري!
مان وڃي رهيو آهيان گهڻو پري،
هيرا موتي منهنجي جان!
ٻڌاءِ ڇا آڻيان تولاءِ؟
موتين مالها؟
ڳاڙها موتي ڪاري ڏور
يا اڇي ڏور ۾ نيرا موتي
تنهنجي سهڻي ڳچيءَ ۾
هي موتي سونا تي چمڪندا
هيرا موتي! هيرا موتي!
درياءَ جي ويڪري سيني تي
ٻيڙي هلائيندي!
گهري پاڻي ۾ ترندي!
مان شهر وڃي رهيو آهيان گهڻو پري.

ڪيڏو بي شرم هو هي ماجل سارنگ جو پٽ! ڪيڏي بي شرميءَ سان هو ٻانهون کولي بيٺو هو ۽ مسڪرائي ڳائي رهيو هو. هن کي ذري برابر بہ غيرت ناهي.

نبيتن کي ڏورو حياءُ ٿيو. هن سوچيو جيڪر ڀڄي وڃي پر ڪدم جي تيز نظرن ۽ شوخ مسڪراهٽ جي آڏو هن جا پير مڻ مڻ جا ٿي ويا. ڪنهن ڌاڙيل وانگر هو هن جو رستو روڪيون بيٺو هو.

نظرن کڻڻ بنا هن پڇيو

"تون ڇاٿو چاهين؟

بنا ڪنهن دير جي ڪدم يڪدم چيو.

"مان توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان."

"توبهہ ڪيڏو بي شرم آهين" ڪدم جي دل ۾ جيڪو ايندو هو سوئي چئي ڏيندو هو. نبين شرم کان ڳاڙهي ٿي ويئي. هوءَ ننهن کان چوٽي تائين ڪنبي ويئي

ڏکندي ڏکندي هو اڳتي وڌي ”توکي صفا شرم ئي ڪونهي“ نبيتن مشڪل سان چيو.

ڪدم جو وات ڳاڙهو ۽ شوخ هو. ڪنهن ڏاڙيل وانگر دلير به پر بنيادي طرح شريف هو. هن نبيتن کي اڳتي وڌڻ جو رستو ڏنو. جڏهن هو ٿورو اڳتي وڌي ته چيائين.

”ڇا جو شرم.؟“

نبيتن هن جي ڳالهه جي ورندي نه ڏني ۽ پڄندي گهر ۾ گهڙي ويئي ۽ پنهنجي پاڻ کي بستري تي ڪيرايائين. هن جي دل جي رفتار تيز ٿي ويئي. شرم ۽ خوف ۾ هوءَ سڄي ڪنبي رهي هئي پر ان خوف ۾ به هڪ نشو هو پر هن کي سٺو لڳي رهيو هو.

ڇا جو شرم؟

شرم جي معنيٰ آهي تنهنجو مٿو! هو اندر ئي اندر ۾ کلي. ٻيٺي ٻيٺي ڳانا ڳائڻ ته چڱو ٿو چاڻي پر شرم جي ڳالهه نٿو سمجهي. ڪيڏو چريو ٿو ٿئي هي ڪدم!

بدمعاش ڪٿئون جو.

ماجل سارنگ جو پٽ ايترو به هلڪڙو نه هو. هو سڀ ڪجهه ڄاڻي پيو ته نبيتن جي دل ۾ ڇا آهي. ٻئي ڏينهن صبح سوير هو نبيتن جي پيءُ وٽ اچي ويهي رهيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

هوءَ ڇپري کي ٽيڪ ڏيون ويٺي هئي، هن کي خبر هئي ته ڪدم هن وٽ ڇو آيو آهي.

خوب ڳالهيون ڪر منهنجي پيءُ سان، مان سڀ سمجهان ٿي، تون اتي ڇو آيو آهين. هن دل ئي دل ۾ ڪدم کي چيو ۽ سوراخن مان ٻاهر ڏسڻ لڳي.

ڪدم اڇي قميص ۽ سائي ۽ ڪاري پٽاپٽي گوڏ ٻڌي آيو هو ۽ مٿي ۾ تيل وجهي وڏي سليقي سان ڦٽي ڏيئي آيو هو. ڳچيءَ ۾ ڳاڙهو رومال ٻڌل هوس. جيڪو ڏاڍو پيو سونهيس! هن جا مضبوط لڱ سنگ مرمر جي تراشيل پٿر وانگر چمڪي هيا هئا.

نبيتن کي ڏاڍو سٺو لڳو پر ٻئي لمحي هوءَ پنهنجي سوچ تي شرمندو ٿي ڏکي ويئي. نبيتن جو پيءُ چلم پرڻ اچي رهيو هو. ڪرم جيڪا شرارت ڪئي هئي ان جو خيال ڪري نبيتن اڃ به شرمندو ٿي رهي آهي.

هن ڪمري ۾ ڏٺو ۽ جلدي ئي هار نبيتن ڏي اڇلايا ۽ آهستي چيائين "مان شهر ويو هوس ۽ تنهنجي لاءِ آندا اٿم."

نبيتن شرم کان جهڪي ويئي هوءَ نه ٿي اٿي سگهي پيئي ۽ نه ٿي اُتي ويهڻ هن جي وس ۾ هو. هن اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ ڪنڌ ۾ لڪي ويئي ۽ وڏي مشڪل سان چيائين "شرم ٿئو اچئي".

"شرم ڇاجو"؟ ڪدم شرارت سان ساڳي ڳالهه ورجائي.

نبيتن جو پيءُ وراندي مان سڏي رهيو هو. نبيتن پڻ هيڏي ته اچ ڪدم منهنجي دوست جو پٽ آهي هن کان ڪهڙو حجاب آهي، هي ته مون کي پٽن وانگر عزيز آهي."

ڪمري ۾ ويٺل نبيتن مصنوعي احتجاج ڪيو ڪدم ڪيڏو چالاڪ هو. الائي ڪيئن نبيتن جي پيءُ کي ٿاهي ورتو هو.

هن ڪچ ۾ پيل هار کنيا اهي ٻئي هو بهو اهڙا هئا جيئن هن چيو هو. هڪ ۾ اڇي ڏور ۽ نيرا موتي هئا. ۽ ٻئي ۾ ننڍا ننڍا ڪاري ڏور ۾ پيل هئا. هن کي پڪهر اچي ويو جلدي ٻئي هار هن پنهنجي ننڍڙي بڪس ۾ بند ڪري ڇڏيا. پوءِ آرام سان ويهي ڪرم جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳي.

ماجل سارنگ جو پٽ جيترو بي شرم ۽ بهادر هو اوتروئي پنهنجي وعدي جو پڪو! هن ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ شادي جون تياريون مڪمل ڪري ورتيون هيون ۽ شعبان جي مهيني ۾ نبيتن ڪدم جي گهر ۾ ڪنوار بڻجي آئي. ڪدم اڪثر وڏي نبيتن جي ڪن ۾ چيو. "نبيتن مونکي شرم جو مطلب ته ٻڌاءِ. نبيتن کي هاڻي پهريون حجاب نه هو. هن چيو.

"تون ڪهڙو مڙس آهين جو شرم جو مطلب به نه ٿو اچئي."

"ٻڌاءِ نه سچ ٿو چوان مونکي خبر نه آهي." ڪدم ان جي ڪن ۾ خوشامنديءَ سان چيو.

"جڏهن ڪا ڇوڪري شرمائيندي آهي ته هو پنهنجي محبوب کي چوندي آهي ته مان توسان پيار ڪريان ٿي سمجهيئه" نبيتن اطمينان سان چيو.

ڪدم جو وات ڦاٽي ويو ۽ ڪجهه وقت چرين وانگر ڏسندو رهيو ۽ پوءِ نبيتن کي مضبوط ٻانهن ۾ جهلي ورتائين.

"شرم ان کي چوندا آهن." هن نبيتن جي اڌ ڪليل لبن تي پنهنجا ڪرم جب رکي ڇڏيا.

هيءُ هو نبيتن جو ڪدم پوءِ هي ڪيئن ماڻهن جي ڳالهين تي يقين ڪري هو. هن کي ڪيئن ٿو وساري سگهي. ورهين کان پوءِ به هو پرديس گهمي هن وٽ ضرور ايندو.

نبـــيتن کي دل ســـان يقين هو تہ هو صـــرف منهنجو ڪدم آهي منهنجي مانجهي.!

نبيتن هاڻي ڇا ڪري؟



2

بازار ۾ تي مشينون لڳي ويون هيون پهرين هوءَ وڏيري پال ۽ منشيءَ جون ساريون ڪُتيندي هئي پر هاڻ هو مشين تي چانور ڪيرائيندا هئا. ڪنهن کي به نبيتن جي خدمت درڪار نه هئي. هن انهن جي گهرن جا ڪيئي چڪر ڪيا هر دفعي جواب مليس. گذريل ٻن سالن کان هوءَ چانور ڪُٽي پنهنجو گذران ڪندي هئي پر هاڻ ڇا ٿيندو؟ مستقبل جي باري ۾ ان کي وحشت ٿيڻ لڳي.

هن کان اڳ ڪدم جڏهن به ڪم تي ويندو هو ته ٽئين يا ڇهين مهيني پيسا باقاعدي موڪلي ڏياريندو هو. هي رقم ماءُ ۽ ڌيءَ لاءِ ڪافي هوندي هئي. نبيتن ته ڪجهه بچائي به رکندي هئي. هن دفعي ڪدم ڪجهه پئسا ڏيندي چيو هيءُ تون ڇهه مهينا هلائجان ڇو ته خبر ناهي ڪڏهن جهاز تي ڪم ملي. اڄڪلهه ماڻهن جي ضرورت گهٽ آهي ٻيو وري هندوستان کان بيشمار ماڻهو ڪم لاءِ جهازن تي اچن ٿا. ڇهن مهينن کان پوءِ ضرور پئسا ڏياري موڪليندس.

ڇهه مهينا گذري ويا ۽ پوءِ هڪ سال به گذري ويو. نبيتن کي گهٽي پريشان نه ٿي پئسه جيڪي هو ڇهن مهينن جا ڏيئي ويو هو هن ڇڪي ٽائي سال کن هلايا انهيءَ دوران نه ئي ڪو خط آيو ۽ نه ئي مني آرڊر. هاڻي نبيتن کي پريشاني ٿيڻ لڳي هڪ پاسي ته هن کي ڪدم جو فڪر هو ۽ ٻئي پاسي پنهنجو ۽ اڪيءَ جو. انهيءَ عرصي ۾ هن مختلف ڪم ڪيا. هن ڪڪڙيون پاليون نخون ۽ ڪارا ناهيا. پر اصل ڪم جنهن سان هن جي روزي جو دارومدار هو. سارين جي ڪٽائي ڇڙائي هئي. هوءَ مٽن جي حساب سان ساريون ولندي هئي ۽ صاف ڪري گهر پهچائيندي هئي. ڪڏهن ڪو بانس جون ٽيليون ۽ پن ڏياري نخون ۽ ٽوڪريون ٺهرائيندو هو. هيءُ ڪم نبيتن آهستي آهستي پنهنجي مرضيءَ سان ڪندي رهندي هئي ڇو ته هن ۾ پئسه گهٽ ملندا هئس.

نبيتن هڪ دفعو وري پال جي زال وٽ هئي.

”مان توکي مشين کان به وڌيڪ صاف ۽ اڇا چانور ڪري ڏيندس تون مونکي دفعو موقعو ڏي پئسه به گهٽ ڏجان پر گهٽ ۾ گهٽ مڻ ساريون ته ڏي ته جيئن ته منهنجي روزي هلندي رهي“ .... هن منٿ ڪيس.

پال جي نهن کي نبيتن تي رحم آيو. ”اڄان ته مان توکي ڪجهه به نه ٿي

ڏيئي سگهان ڇو تہ منهنجا سڀ گودام فل آهن. جي ڇانور بہ صاف ڪريان تہ رکنديس ڪاٿي؟ ها پر هڪ مهيني ڪان پوءِ مان توکي ڏئي سگهان ٿي."

"پر مان هن هڪ مهيني ۾ ڇا ڪنديس"؟ نبيتن ڏک ڀريل آواز ۾ چيو اڄ تہ هن وٽ پاءُ چانورن جو بہ ڪونہ هو. پيءُ کي گذاري ورهہ گذري ويا هئا.

هوءُ پنهنجي پيڪن وٽ ويندي بہ گهبرائي پئي. حالانڪ هن جو گهر هن جي گهر سان مليل هو. پر هو بد دماغ ماڻهو هئا. هن کي خبر هئي تہ هو ٿورڙي مدد ڪري مهينا ياد ڏياريندا.

ها شربتي ڪڏهن ڪڏهن چانورن جو ڍبو هن لاءِ لڪائي ڪٽي ايندي هئي. نبيتن کي ائين ڪرڻ نہ وڻندو هو. هوءَ چوندي هئي.

"شربتي تون منهنجي ڪري چوري نہ ڪندي ڪر".

"واهہ هيءَ چوري آ؟ تون منهنجي ياڇائي آهين. ڇا مان تنهنجي لاءِ ايترو بہ نہ ڪريان مان ٻين جهڙي دل ڪٿان آڻيان"؟ شربتي کلي چوندي هئي پر نبيتن ان ڪل ۾ شريڪ نہ ٿيندي هئي. ائين ڪرڻ سان ان کي جرم جو احساس ٿيڻ لڳندو هو.

ٻال زميندار جي حويليءَ ڪان جيڪو رستو هن جي گهر ڏي ويندو هو. هن جي ڪناري هڪ وڏو تلاءُ هو. هي تلاءُ (حوض) زميندار جي ملڪيت هو. اڄ هن ۾ بي شمار ڪنول جا گل ٽڙيا هئا. اڄن گلن ۽ ساون پنن حوض جو ڪنو پاڻي ڍڪي ڇڏيو هو.

نبيتن سازهي مٿي ڪري پاڻيءَ ۾ ٻري تائين هلي ويئي. هن پنهنجي هٿن سان گل پٽيا. هڪ هڪ نديڙي ٻوٽي کي هن ڇپاڙيو تہ هن کي ڏاڍو مزو آيو.

اڄ صبح ڪان هن ڪجهہ بہ نہ کاڌو هو اڄ پنهنجي سيني ٿانون مان هن کي مٺ ڪن چانورن جي ملي هئي جيڪا هن چاڙهي اڪيءَ کي کارائي ڇڏيا هئا. اڪي جڏهن چانور کائڻ لڳي تہ هن ماءُ کي بہ شامل ڪرڻ چاهيو پر هوءَ ٽٽائي ويئي.

"تون في الحال هي چانور کاءُ مان منجهند تائين ٻيا آڻيندس پوءِ ٻئي گڏجي ڪائينداسين..... پر اڪيءَ کي خبر هئي تہ ماءُ ڪوڙ ٿي هڻي. انهيءَ ڪري هوءُ ٽيپهريءَ تائين ماءُ جي ويجهو نہ آئي. شام جو هو گهر آئي ۽ نخ وڃائي سمهي رهي.

ٻال جي گهر ويندي هن اڪيءَ تي نظر وڌي تہ هن کي ڏک ٿيو هڪ ٿي ڏينهن ۾ اڪيءَ جو گلاب جهڙو چهرو مرجهائجي ويو هو. صبح کان هن مٺ چانورن ڪان سواءِ ڪجهہ نہ کاڌو هو. اڄ کان سواءِ هو بکئي نہ رهي هئي. نبيتن جي

زندگي ۾ هي پهريون موقعو هو. پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ءِ ڪدم وٽ هو هميشه ڏوَ تي ڪائيندي هئي. پر گذريل ٻن ڏينهن کان هوءَ ايترا دفعا ٻک تي سَتي هئي جو پيٽ ڀري کائڻ هن لاءِ خواب بنجي ويو هو.

نبيتن جيئن گهر ۾ داخل ٿي ڪاوڙ مان هن ڪي ٻاهه وٺي ويئي. قادر شيخ ڪدم جي چاچي وٽ ويٺو حقو ڇڪي رهيو هو. هن جي ورانڊي کان نبيتن جو گهر ۽ آڳر صاف نظر اچي رهيو هو هوءَ جلدي اندر هلي ويئي.

هن چلهه ۾ ٻاهه ٻاري ۽ ڪنول جا پوٽا رڌڻ لاءِ رکيا پوءِ هوءَ قربان جي زال حشمتي کان ٻه ڳاڙها مرچ به وٺي آئي ۽ ڪني ديڳڙيءَ ۾ وڌائين تڏهن ماءُ ڏيءُ نالي ماتر ڪاڏو ڪاڏو.

نبيتن ڪڪڙين ۽ ٻدڪن کي داڻو وڌو. ڪڪڙيون ۽ ٻدڪون وچي باقي ٻچيون هيون هاڻي انهن جو هڪ هڪ جوڙو هو. نبيتن انهن کي وڪڻڻ نه پيئي چاهي هن انهن کي کڏ ۾ بند ڪيو ۽ ٻاهر اونداهي ويرانڊي ۾ اچي ويهي رهي.

" نبيتن اڙي او نبيتن ڪٿي آهي؟ اونده ۾ پوڙهيءَ جو آواز ڇپري وانگر لڳي رهيو هو. هن کي پنهنجو جسم مرده ٿيندو محسوس ٿيو.

" ائي تون اونده ۾ ويٺي ڇا پيئي ڪرين. اڇا هاڻي سمجهيم شايد ڳاسليٽ ڪونهي ائين نه! پوڙهي، نبيتن کي جلد پنهنجي محبت جو يقين ڏياري رهي هئي.

" پر پٽ تو مونکي غير ڇو سمجهيو آهي؟ مونکي ته ٻڌائين هان، ته مون وٽ ڳاسليٽ ڪونهي." هن شڪايت واري لهجي ۾ چيو ڇڻ نبين جي لاتعلقي سان هن کي ڏک پهتو هجي. لٺ پاسي تي رکي هوءَ نبيتن وٽ هلي آئي.

نبيتن سوچي رهي هئي ته پوڙهي جو منهن پيچان يا پٺي پيچي رکانس.

جڏهن ٻڌو اٿم ته تو وٽ ٽئو نه ٿو چڙهي انهيءَ کان وٺي فڪر ۾ آهيان ڇا ٻڌايانءِ سوچي رهي هيس ته نياڻين تي ڇا گذرندي هوندي. تڏهن به پڇندي تو وٽ آئي آهيان."

اونده ۾ پوڙهيءَ جو چهرو نظر نه پئي آيو پر ائين پيو لڳي. ڇڻ پوڙهي روئڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي.

" تون منهنجي لاءِ غير ته ناهين ۽ نه ٿي ڪي. تنهنجي ماءُ منهنجي رشتي ۾ ڀيڻ هئي مونکي ڏسي ڪيڏي خوشي ٿي هئي ته ڪرم منهنجو نياڻو ٿيو آهي صحيح چوان ٿي نه..

پر پوڙهي جي آواز ۾ شڪايت هئي ته نبيتن هن سان پاڻيپي نه رکي هن کي

هميشہ غير سمجهي پري رهي. هن ڳالهہ جو پوڙهيءَ کي ڏک هو.

نہ مـــان هن جي پٽي نہ پـــيجندس هن اونداهيءَ ۾ ان جي ڳچيءَ کي هڪ جهٽڪو ڏيندس تہ هميشہ لاءِ آزار لهي پوندو. نبيتن دل ئي دل ۾ ڪنهن فيصلي تي پهچڻ چاهيو پئي.

”تو پاڻ ئي تہ پنهنجو ۽ اِڪيءَ جو هي حـال ڪيـو آهي ڪيتـرا دفـعـا مـان تنهنجي مـــدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر تون مـــونڪا ائين تي ٿهين چڻ مـــان تنهنجي دشمن آهيان رهندو مون تي صندليون ٿي اڇلائين.“ پوڙهي هڪ ڳنڍ نبيتن ڏي اڇلائيندي چيو.

”هن ۾ ادائي سير چانور، ٻہ آنا، ڪجهہ بصر ۽ مصالا ٿئي. مون وٽ جيڪو ڪجهہ هيو تولاءِ ڪٽي آئي آهيان ۽ ها وارن جو هي خوشبوءِ دار تيل بہ آهي.“ هن هڪ شيشي نبيتن ڏي وڌائيندي چيو.

پوڙهيءَ کي احساس ٿيو تہ نبيتن ڪجهہ ٻڌي ئي نہ ٿي. هن ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ ناهي لاتو ۽ چپ چاپ ويٺي الائي ڇو سوچي رهي هئي

توبهہ، هن پوڙهيءَ جو نئون مڪر!

نبيتن سوچيو.

”تون شـادي نہ ٿي ڪرين تہ نہ ڪر. پر ايتـرو تہ ڪري سگهين ٿي هڪ ڏينهن در کي ڪڙو نہ ڏين. ڪير ڏسڻ توروئي ايندو تہ تون اندر ڪڙو ڏنو آهي يا نہ. ائين تنهنجو مڙس شادي عزت سڀ تو وٽ ئي رهندو. ۽ ڪو بہ توتي اگر بہ نہ ڪٽندو.“ نبيتن اڃا بہ خاموش هئي. هن جي دماغ ۾ مچ ٻري رهيو هو.

پوڙهي جهـڪي نبـيتن جو منهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ ڏسڻ چاهي پيئي تہ نبيتن جو ردعمل ڇاهي.

”اڄ دروازو اندر کان بندر رکجان. رات ٻين بجي قادر شيخ.....

زور جي هڪ لت ان جي پٽي تي لڳي. پوڙهيءَ جو ســاهہ گــهــڙي کن لاءِ موڪلائي ويو ۽ تڙپي دکي تان هيٺ اڱڻ ۾ ڪري.

”هائي گـهـوڙا! هائي گـهـوڙا! بچايو بچايو خون، خون“ جون رڙيون ڪرڻ لڳي. ڇا ٿيو؟ ڇاهي! ماڻهو ڇئن ئي پاسن کان ڀڳا آيا.

پوڙهي ٻير ڏي اشارو ڪيو جتي اونده ۾ ڪجهہ ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو.

”ڪنهن ماريئي ماسي“؟ قربان اڳتي وڌندي چيو.

هاڻ پوڙهي پنهنجي لت ڪـٽي بيـهي رهي هئي ۽ قـربان کي چيـائين ”ڪنهن

ماريو آ مونکي! وڏو پهلوان ٿو سڏائين ٿورو اڳتي وڃي اوندهه ۾ پنهنجي دليري ڏيکار.

”سوال جواب پوءِ ڪجانءِ“ هن پير ڪان پري اونده طرف اشارو ڪندي چيو.

آخر اتي آهي ڇا؟ شربتيءَ جو ٻيءُ ماني کائيندي اتي آيو هو ۽ ڏاڍو چڙيل هو.

چوان ٿي ته اتي جهنگلي لومڙ آهي.

”مان هوڏانهن وڃي رهي هيس ته هن مونتي ٽپ ڏنو ۽ ڏکو ڏنائين اهو ته شڪر آهي جو مان پاسي ٿي ويس نه ته جيڪر هوءَ مونکي کائي وڃي ها.

ڪو ماڻهو ٻتي ڪٿي آيو پوءِ ته سڀ لئيون سنيالي لومڙ جي ڳولا ڪرڻ لڳا. پوڙهي ڪپڙا ڇنڊيا ۽ ٽڪ ٽڪ ڪندي اتان روانو ٿي.

ساگيءَ جي ماءُ وڏي بدنام هئي. هن ڪيترائي گهر تباهه ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڪيترين ئي عورتن جي عزت جو سودو ڪيو هئائين. هن سان هميشه ڪانه ڪا خوفناڪ ڪهاڻي ڇهتيل رهندي هئي. پر هن ڪنهن کي به سرعام ذليل نه ڪيو هو. هن جا جاني دشمن به ڄاڻندا هئا.ته هو انهن جو راز نه ٻڌائيندي ڪيترائي راز انهيءَ جي سيني ۾ دفن هئا، پر ڪڏهن به اڪر زبان تي نه آيس. انهيءَ ڪري ئي هوءَ پنهنجا ڪم ڪاميابيءَ سان ڪندي هئي.

خطري کان نڪري پوڙهيءَ ڊگهو ساهه کنيو ۽ کلي. هوءَ زنده سلامت ٿي بچي نڪرڻ تي خوش هئي. هڪ ننڍڙي غلطي هن جي اسڪيم کي برباد ڪري ڇڏي هو. سالن جي تجربي هن کي ڏاڍو هوشيار ٻڻائي ڇڏيو هو هن کي خبر هئي ته هن ڪم ۾ صبر ۽ انتظار جي وڏي ضرورت آهي. هن ڪيترن ئي مغرور عوتن کي زير ڪري ڏيکاريو هو ۽ انهن جو غرور ختم ڪري ڇڏيو هئائين پر صبر ۽ ضبط کي هٿن کان نه وڃڻ ڏنو هئائين.

اوچتو لٺ پوڙهي کان نڪري پيئي چانورن جي ڳنڍ جيڪا هن نبيتن کي ڏني هئي اچي پئيءَ تي لڳس پوءِ بصر مصالحه آنا ۽ مرچ هڪ هڪ ڪري نبيتن پوڙهي ڏي اڇلايا. اونده ۾ پوڙهي جيڪو ڪجهه ڪٺي سگهي پئي هن ڪنيو. چانورن کي ائين برباد ٿيندو ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو پوءِ به چڱا چانور پنهنجي پنهي هٿن سان ڳنڍ ڪيا. تيل جي شيشي زمين تي ڪري پچي پيئي هئي ۽ تيل زمين ۾ جذب ٿي رهيو هو پوڙهي جلدي هٿ مٿي تي تيل ۾ هنيا ۽ پنهنجي منهن ۽ وارن کي هٿڻ

لڳي. پوءِ هن لٽ ڪنئي ۽ اوندهه ۾ رستو ڳوليندي رواني ٿي.

اونداهيءَ ۾ نبيتن جو چهرو روشن ٿي ويو. هو ڪيڏي نه پريشان هجي. ڏينهن ۾ ڪيتريون نه سختيون ڪٽي. ڪم ڪار ۾ ڪيتري نه ٿڪل هُجي. پر رات جو نين آرزوئن، اميدن وانگر ڪڏهن جو چهرو ڏسي هن کي سڀ ڪجهه وسري ويندو هو. الائي ڪهڙو جادو هو هن جي چهري ۾ نبيتن جو سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهي ويندو هو. ايستائين جو هن کي پنهنجي بک نه ياد نه رهندي هئي تي سال ٿيا جڏهن هن پنهنجي مانجهي کي ڏٺو هو پر اڄ هن اونداهيءَ رات ۾ هوءَ هن کي تمام ويجهو محسوس ڪري رهي هي. هن کي چٽي طرح ڏسي رهي هئي هن جا مضبوط لڱ ۽ هلڪي مسڪراهٽ.

نبيتن اِڪيءَ کي پنهنجي ويجهو آڻي ۽ ان جي مٿي کي پنهنجي سيني تي رکيو ۽ زور ڏيڻ لڳي. ننڊ ۾ اِڪي ماءُ سان چهٽي پئي ۽ آرام سان سمهي ويئي. پر نبيتن ان جي ويجهوئي جاڳي رهي هئي. ان جو ذهن تمام پري ڪرم جي تلاش ۾ هو. جيڪو الائي ڪٿي گم ٿي ويو هو. هن پڌو هو ته سمنڊ جي ڪا به حد نه آهي سمنڊ تي هلندڙ جهاز وڏن وڏن شهرن وانگر وڏا ٿيندا آهن. شيخ قادر جي حويليءَ ڪان به وڏا جيڪي آسانيءَ سان ڳالهائيندڙ ڇولين تي سڪون سان ترندا رهندا آهن.

سوچيندي سوچيندي هن جو ذهن ٿري ويندو هو. هن جو سارنگ به ڪنهن اهڙي ئي جهاز جو خوفناڪ انجڻ هلائي رهيو هوندو. هن ۾ لڳل پرزن کي هلائيندو هوندو ڪيترن ئي بٽڻن کي اڪٽي پوٺتي ڪندو هوندو. نبيتن جي خواهش هئي ته هڪ دفعو هو ڪڏهن کي ائين ڪندو ڏسي. هوءَ ڏسڻ چاهي پيئي هٽ ڪرم ايڏين ڇولين ۾ جهاز ڪيئن ٿو هلائي. هن کي يقين ئي نه ايندو هو ته ڪو ايڏا جهاز به سمنڊ تي هلن ٿا. پوءِ جيترو غور ڪندي هئي اوتروئي اهي ڳالهيون هن جي سمجهه ۾ نه ايندي يون هيون.

جڏهن هوءَ ننڍڙي هئي هڪ دفعو پنهنجي پيءُ سان گڏجي هڪ ننڍڙي استيمر تي ڪيال درياءَ جي هُن پر پنهنجي مامي جي گهر ويئي هئي. ڪيال درياءُ ايترو ويڪرو هو جو جيستائين نظر هئي پاڻي ئي پاڻي نظر تي آيو. ايترو پاڻي ڏسي هن کي ڦيري اچڻ لڳي هئي ۽ هن پنهنجو منهن پيءُ جي هنج ۾ لڪائي ڇڏيو هو جڏهن ڪيال جهڙو دريا ايڏو آهي! ته سمنڊ جي ويڪر الائي ڪيتري هوندي. نبيتن جي دل ۾ چڻ تير لڳو." چا منهنجو مانجهي اهڙي ئي سمنڊ ۾ پڌي ته نه ويو آ. ڪهڙي خبر انهن وڏين وڏين ڇولين جيڪي آسمان سان ڳالهيون ٿيون ڪن. ڪڏهه

جي جهاز کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هجي. هن کي خبر هئي ته سمنڊ جي وچ ۾ وڏي ڪان وڏو تارون به تري نه ٿو سگهي.

نه..نه مونکي اهي ڳالهيون نه سوچڻ گهرجن. نبيتن خوف مان منهن کي ٻنهي هٿن سان لڪائي ڇڏيو. پر جڏهن به رات جو هوءَ سمهڻ لاءِ ليٽندي هئي ته اهي خيال هن کي ورائي ويندا هئا ۽ هن کي پنهنجو پاڻ بچائڻ مشڪل ٿي پوندو هو.

اوچتو نبيتن جا ڪَن ڪَڙا ٿيا. ڪا شيءِ ٺوڪڻ جي ٺپ ٺپ ڪي رهڙي رهي اهي شايد ٻلي هئي پر هن وقت ٺپ ٺپ ڪي ٻه دفعا ڏڪو ڏنو. پوءِ ڪنهن جي هلڻ جو آواز ٿيو ۽ پوءِ ٺپ ٺپ ڪي ڪنهن لوڏي ڇڏيو.

پوڙهيءَ چيو هو ته رات جو دروازو کليو رکجانءِ شيخ قادر........ .

نبيتن هاڻ پوريءَ طرح هوشيار ٿي ويئي هئي. هو اٿي ويهي رهي تيزيءَ سان هن کهاٽي ڪنئي جنهن کي هو سيرانديءَ رکي سمهندي هئي پوءِ ڏاڍيان چوڻ لڳي.

” ڪير بدمعاش آهي. “؟

ٻاهر گهڙيءَ ڪن لاءِ ماٺ ٿي ويئي پوءِ ٺپ رهڙجڻ جو به آواز ختم ٿيو. هن کي يقين ٿي ويو ته هي قربان آهي. ڪيترن ڏينهن کان هوءَ محسوس ڪري رهي هئي ته قربان هن کي لالچي نظرن سان ڏسي ٿو، هن کان پهريان به ڪيترا ڀيرا هن رات جي اونداهيءَ ۾ ڪيترا ڦيرا ڏنا آهن.

پوءِ ائين لڳو ڄڻ ڪو ٺپ کان هلندو در تي پهچي ويو آهي ۽ هاڻ دروازي کي ڌڪو ڏئي رهيو آهي.

خبردار جو دروازي کي هٿ هنيو اٿئي منڊي کهاڙيءَ سان اڏائي رکندي سانءِ. پر ڪو دروازي کي ڌڪو ڏيندوئي رهيو ” ڪير آهي بيشرم “ گهر ۾ زال هوندي به ٻين جي عزت تي هٿ ٿو وجهي. کهاڙيءَ سان مٿو نه ڦاڙيان ته نبيتن منهنجو نالو ناهي. هو هند تان اٿي ۽ دروازو کولي ڇڏيو.

هو هن رات کان به ڪارو هو نبيتن ڏٺو ته هڪ ماڻهو اونده ۾ قادر شيخ جي حويلي ڏي وڃي رهيو آهي.

اچانڪ خوف کان ڪنبي ويئي.

اهڙي ڀوائتي رات ۾ دروازو ڇو کوليو جي ماڻهو وٺي اچي ها ته مان ڇا ڪريان ها ۽ اها بهادري به ڪهڙي ڪم جي؟ هن جلدي دروازو بند ڪيو ۽ بستري تي اچي ليٽي هوءَ ڏڪي رهي هئي.

پر آخر ڪيستائين هوءَ پنهنجي عزت جي حفاظت ڪري سگهي پيئي. بڪن ۾ مصيبتن جون بلائون وات ڦاڙيون چئن پاسن کان هن ڏي وڌي رهيون هيون هوءَ اڪيلي ۽ بي سهارا هئي، آخر ڇپرين جي ڀتين ٽين جي دروازي جي پويان هوءَ لڪي ڪيستائين پنهنجي پاڻ کي بچائيندي هن بي وسيءَ کان وهاٽي تي متو رکي ڇڏيو. رات جي خاموشي ۾ هوءَ زور زور سان روئڻ لڳي ۽ اهوئي پراڻو خاموش سوال هن جي سيني تي لڙڪ بنجي ڪرڻ لڳو.

”ڇا منهنجو سارنگ ڪڏهن به گهر نه ايندو“.؟..



3

نبيتن! نبيتن! ڪٿي آهين نبيتن؟

خبر ناهي ننڊ ۾ ڪنهن کي سڏي رهيو هو. هو گهبرائي اٿي ويهي رهيو. هن چڱي طرح اکين کي مهٽيو ۽ يقيناً هو ڪو خواب ڏسي رهيو هو.

ڇت تي لڳل بلب وسامي چڪا هئا اوندهہ ۾ ڪا بہ شيءِ واضع نہ پيئي نظر اچي، هن جي چوڌاري ڊگهي قطار ۾ ڪيترائي ماڻهو نيڪر پايون ستا پيا هئا.

ڪرم ڪمبل مان سگريٽ ڪڍيو ۽ در وٽ اچي چوڪيدار کي سڏيو. چوڪيدار جي بتيءَ مان سگريٽ دکايو. ۽ هڪ ڊگهو ڪش هڻي واپس بستري تي ليٽي پيو.

گذريل ٽن سالن ۾ هن پهريون دفعو خواب ۾ نبيتن کي ڏسي وري وڃائي ڇڏيو هو. ڪرم هن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ننڊ ۾ آواز ڏيندو رهيو پر خوشقسمتيءَ سان ڪنهن بہ سندس آواز نہ ٻڌو.

باهمن چاري ۾ بہ هن وقت رات هوندي يا ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ بہ مون وانگر جاڳي هجي ۽ مونکي آواز ڏيئي رهي هجي. اِڪي منهنجي اکين جو نار! شايد هوءَ بہ پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌي جاڳي پيئي هجي.

ڪرم ٻيهر ٻيڙيءَ جو ڊگهو ڪش هنيو نخ جي مصلي ۾ هن جي قميص ويڙهيل هئي کيسي مان خط ڪڍيو هي خط بہ سال اڳ لکيو ويو هو هر هر هٿ ۾ وٺڻ سان هاٿي هو صفا ڳري ويو هو خط تي ايتري تہ مٽي لڳي ويئي هئي جو پڙهڻ ئي مشڪل هو. تڏهن بہ ڪرم ڏينهن ۾ هڪ دفعو ضرور خط کي ڪڍي پڙهندو هو. هن جي پڙهڻ يا نہ پڙهڻ سان ڪو بہ فرق نہ پوندو هو. ڇو تہ خط جي هڪ هڪ سٽ هن کي ياد ٿي ويئي هئي. هن کي اهو بہ ياد هو تہ پلاسٽڪ جي ننڍڙي ٿيلهي هئي جنهن ۾ احتياط سان خط رکندو هو سڄو ڏينهن هي خط ان جي اندرين کيسي ۾ سيني سان لڳل رهندو هو. رات جو قميص لاهي وهاڻي هيٺان رکندو هو. ائين ڪرم خط جي قربت سان عجيب سڪون محسوس ٿيندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن هي سڪون صفا وڪري ۽ هو مايوسي ۽ بي وسي سان اچڻ واري وقت جو

انتظار ڪرڻ لڳندو هو.

ڪمري ۾ اونده هئي پري ڪان فليش لائيٽ جون سنهڙيون ليڪون ڪمري ۾ اچي رهيون هيون. ڪدم روشنيءَ ۾ اکيون ڇنڀي بغير خط کي چڱي طرح ڏٺو ۽ پوءِ ويڙهي سيڙهي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو.

جيئن جيئن هن جا جيل مان ڇٽڻ جا ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا. نبيتن جي ياد ۾ تيئن ئي تيزي اچي رهي هئي. شايد هو انهيءَ تيزيءَ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ بار بار خط کي پڙهي رهيو هو.

ٽي سال گذرڻ بعد به هن کي سمجهه نه پئي آيو هي سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو. هو ذهن تي جيترو بار ڏيندو هو اوترو ئي ڳالهه هن جي سمجهه ڪان ٻاهر ٿيندي ويندي هئي. "راون پورٽ" مختلف بندرگاهن تي سامان لاهيندو ڪيدار پور ۾ اچي بيٺو هو. جهاز جو اصل نالو ته روبن پورٽ هو پر ملاحن هن کي آهستي آهستي راون پورٽ بنائي ڇڏيو هو.

ڪدم پهريون به هن جهان تي ٻه دفعا ڪم ڪري چڪو هو. هو هن ڪان چڱيءَ طرح واقف هو. هن جي خواهش هئي ته هڪ دفعو ٻيهر هن جهاز تي ڪم ڪري، هو ڪناري تي بيٺو زندگي جي هلچل محسوس ڪري رهيو هو ته هريش هن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو.

هي جهاز سياٽي منجهند تائين ڪناري سان لڳي ويندو. هل ته هلي ايتري دير ۾ اسان ڀاءُ جبار سان ملي اچون.

جبار راون پورٽ جو تمام پراڻو سارنگ(ملاح) هو. ڪدم ۽ انجاهم عمر سارنگ جبار کي وڏو سمجهي هن جي عزت ڪندا هئا.

ڪيترائي سارنگ هڪ ٻيڙي ۾ سوار ٿي رهيا هئا. ڪدم ۽ هريش به اچي هن ۾ ويهي رهيا هئا. ٻيڙي هلڻ لڳي. هي سڀ ملاح جهاز تي پنهنجي پراڻن دوستن سان ملڻ وڃي رهيا هئا. هو سڀ تمام خوش هئا. پاڻي ۾ پوگ ڪندا هو روان پورٽ تائين پهچي ويا. جيڪو سمنڊ ۾ بيٺل هو. ماحول ڏاڍو خوشگوار ۽ دوستاڻو هو. هو هڪٻئي سان ڏاڍي سڪ سان ملي رهيا هئا.

هي سڀ جهان تان لهي ٻيڙي تي سوار ٿي رهيا هئا. جبار سارنگ ڪدم کي چمڙي جو پيڪٽ ڏنو ۽ چيائين هن کي سنڀالي رکجان ڪناري تي پهچي مان وٺندو مانءِ.

پر ڪناري تان ڪسٽم انسپيڪٽر جو سپاهي هري ڪشن سڀ ڪجهه

ڏسي رهيو هو. پيڙي جيئن ئي ڪناري لڳيءَ ڪدم هيٺ لٿو هري ڪشن هن کي ڪالر کان وٺي ٻاهر پاسي تي وٺي ويو ۽ چوڻ لڳو ٻانهن مان واچ ڪڍ.

هري ڪشن جي چرچو ڪري رهيو هو ته هي ڏاڍوذليل ۽ فضول پوڪ هو. ڪدم جي سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو ته هن جو هو ڇا مطلب سمجهي. گذريل رات جڏهن هو راون پورٽ تي ڪم ڪري رهيو هو ته هن هانگ ڪانگ مان هن هي واچ خريد ڪئي هئي هن کي واچ جي ته ڪا خاص ضروت نه هئي پر هيءَ واچ هن کي پسند اچي وئي هئي ۽هن خريد ڪري ورتي هئي، هو حيران هوته هري ڪشن کي هن جي واچ ۾ ڪهڙي دلچسپي هئي.

"ڪهڙي واچ"؟ ڪدم ڪجهه نه سمجهندي چيو.

"ذليل ! گهٽي بڪ بڪ نه ڪر". هري ڪشن ڏاڍيان چيو.

هن جي گرفت ڪدم جي ڪالر تي مضبوط تي ويئي ۽ هو ڪدم کي اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو. چڱو نيڪ آهي تنهنجي ڪيسي ۾ جيڪو پيڪٽ آهي سمجهه ته اهو مان ناهي ڏنو هاڻ تنهنجي هٿ جيڪو ڪجهه آهي اهو چپ چاپ مون کي ڏيئي ڇڏ ! اهڙي طرح سودو نهي پوندو". هري ڪشن پنهنجو آواز نرم ڪندي چيو. هو ڪدم سان ڪو سودو ڪرڻ چاهي پيو.

ڪدم موقعي جو فائدو ورتو ۽ جهٽ پنهنجو ڪالر ڇڏائي ورتو ۽ ڪلندي چيو "هل هل واچون ايتريون سستيون نه ٿيون ملن ائين ڪر تون منهنجي واچ وٺ مان تنهنجي پيڻ .... ؟

پيڻ جو نالو ٻڌي هري ڪشن کي باهه وٺي ويئي هن ٻيهر ڪدم کي ڪالر کان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اها ڪوشش هن ناڪام بنائي ڇڏي.

هاڻي ڪدم کي پڪ ٿي ويئي هري ڪشن مذاق جي مـوڊ ۾ ناهي هو سنجيد گيءَ سان هن جي واچ ڦرڻ بيٺو هو. ڪدم جي بچي نڪرڻ تي هري ڪشن ڪاوڙ مان ٽپي ويو. هن کيسي مان قلم گهڙن وارو چاقو ڪڍيو ۽ ڪدم تي ٽپ ڏنو.

هاڻ ڪدم هوشيار تي بيٺو هو. هن جون رڳون ڦوڪجي ويون هيون هو هري ڪشن کان ٻه دفعا بچي هيڏي هوڏي ٿيو پوءِ پنهي جا ٻڪ پئجي ويا پر هو نبتين جو ڪدم هو. جنهن جا لڳ وڻ جي ٿڙ وانگرمضبوط هئا. هري ڪشن هن جي ياڪر ۾ اچي ساهه ڇڏيندو ويو. ايستائين جو چاقو هن جي هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيو.

جهيڙو سخت وڏي ويو هو سڀ ماڻهو پيڙي مان هيٺ لهي هليا ويا. بس هريش بيٺو ڏسي رهيو هو هن جي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪري. ڪدم ڦڙتي سان هيٺان چاقو ڪنيو. هڪ منٽ ضايع ڪندي بغير چاقو هري ڪشن جي پٺيءَ ۾ وهائي ڪڍيو. هري ڪشن جي قميص پويان پٺي تي ڳاڙهو نشان ٿيو پرهو هار مڃڻ لاءِ تيار ٿي نه هو. زخمي هجڻ جي باوجود به هن ياڪر نه ڇڏيو.

ڪدم ۽ هري ڪشن پنهي مان ڪنهن کي اهو اندازو نه هو ته ايتري ڳالهه وڏي ويندي. ويڙهه ۾ پيڪٽ ڪدم جي کيسي مان هيٺ ڪري پيو ايتري ۾ بندر تي ڊيوٽي ڪندڙ پوليس به اتي پهچي ويئي. هنن چمڙي جو پيڪٽ ڪنيو ۽ چاقو به هري ڪشن جي پٺيءَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو.

هاڻ ڪدم پوليس جي حراست ۾هو. ڪدم تي مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ ڪيس هليو. ڪدم تي ٽي ڪيس هيا. ناجائز شين جي سمگلنگ، ڊيوٽي تي ڪم ڪندڙ هڪ ذميوار آفيسر جي فرض ۾ مداخلت ۽ ٽيون هري ڪشن تي ان وقت حملو ڪيو جڏهن هو پنهنجو فرض نهايت ايمانداريءَ سان سر انجام ڏيئي رهيو هو.

ڪدم کي عدالت ٽي سال قيد بامشقت ۽هڪهزار روپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڏنڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ قيد هڪ سال وڌيڪ برداشت ڪرڻي پوندي.

قانون جي ماهرن چيو ته عدالت ڪدم سان خاص رعايت ڪئي آهي ايتري سخت جرم جي سزا وڌيڪ هئڻ کپي ها. ڪدم جي ارادن جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪرڻ بي سود هو. ٿي سگهي ٿو هو هري ڪشن کي قتل ڪرڻ چاهي پيو. پر عدالت هن جرم کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو ۽هن جي سزا گهٽ ٿي ويئي، هاڻ ڪدم کي گهرجي ته خدا جي بارگاهه ۾ رحمدل جج جي لاءِ دعا ڪري.

پر ماهرين جي تسلين سان ڪدم کي پلاڪهڙي آٿت ٿيندي، ڪنهن اڻ ڪيل جرم جي ايتري سزا جو هر گز مستحق نه هو. ۽ اڄ ان جي سزا جو آخري ڏينهن هو. هن جي آزادي جي وچ ۾ اچڻ واري منجهند ۽ رات حائل هئي هن کان پوءِ ڪدم آزاد هو.

هن جو ڪنهن به ڪم ڪرڻ لاءِ دل نه پئي ڪري صبح کان هن ڏهه سير دال پيهڻ شروع ڪئي هئي هن کان پوءِ وچ تي وقفو ٿيو. پوءِ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ تي گهنٽ وڳا پر ڪدم اڃا به سير دال پيهي سگهيو ٿي.

اڄ هن کي جنڊ جو پڙ ڳرو محسوس ٿي رهيو هو. جنڊ جا ٻه ٽي چڪر ڏيڻ کان پوءِ هن جا لڱ ٽڏا ٽيڻ لڳا. اڄ هو جنڊ کي لوڏي به نه پيو سگهي. هو پنهنجي جاءِ تي سر جهڪايون ويٺو هو. هن جو ذهن الائي ڇا سوچي رهيو هو.

ٻه سال ٿي ويا جڏهن نبيتن جو آخري خط هن کي مليو هو. پوءِ شايد هن کو خط ناهي لکيو. هن کي خبر هئي ته باهمن چاري جهڙي شهر ۾ جڏهن علي پور جيل جي مهر لڳل خط پهچندو ته کهڙيون کهڙيون نه ڳالهيون ٿينديون. هن جو جيل ۾ بند ٿيڻ تي ماڻهو طرح طرح جون ڳاليهون ڪندا. هي سڀ ڳالهيون جڏهن نبتين جي ڪنن تائين پهچنديون، الائي هن کي ڪيترو ڏک ٿيندو، هو نبيتن جي پريشانين ۾ اضافو ڪرڻ نه پيو چاهي. نبتين کي پڙهڻ لکڻ ڪو نه ايندوهو پر لفافي تي لڳل عجيب طرح جي ٽڪيلن کي ڏسي سگهي پئي ۽ هن تي نه چاهيندي به يقين ڪرڻو پوندو. ان جي عزت مٽي ۾ ملي ويندي. هو ڳوٺ ۾ ڪنهن کي به منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندو اها ئي ڳالهه هئي جو ڪدم پنهنجون خواهشون ئي ختم ڪري ڇڏيون هيون.

چوڪيدار سپاهي گهمي رهيو هو. وقت پنهنجي تيز رفتار سان گذري رهيو هو. ڪجهه دير کان پوءِ هن کي سڄي ڏينهن جو ڪم ڪرڻو هو. ڪدم جلدي جلدي جنڊ هلائڻ لڳو. ڪر ررر .... جو نهيل آواز هن کي ستائي ڪن ۾ گونجڻ لڳو. هن جي مضبوط ٻانهن جي زور سان جنڊ جا پڙ ڦرڻ لڳا. دال جا ڪڻا جدا ٿي ڪرڻ لڳا..... هڪ اڻ چاتل سُستي هن جي بدن جي هر حصي ۾ سمائجي ويئي هئي. هو هر ممڪن ڪوشش جي باوجود به جنڊ جي ڳرن پڙن کي چوري نه سگهيو ائين ته اڄ تائين ڪڏهن به نه ٿيو هو.

جيل ۾ سڄووقت عمر هو جنڊ هلائيندو رهيو. قيدي عام طور تي هن سخت محنت کان گهبرائيندا آهن. ان پيهڻ ايڏو مشڪل هو جو صحتمند کان صحتمند ماڻهوءَ جو رت به پگهر ٿي وهي ويندو هو. پر ڪدم کي ڪڏهن به هي محنت ڏکي نه لڳي هو آساني سان پنهنجي حصي جو ان پيهي وٺندو هو ۽ ٻين ساٿين جو به پهرائيندو هو.

ڪدم جي ٻانهن جي هڪ جهٽڪي جنڊ جو پڙ ڦرڪي وانگر ڦرڻ لڳندو هو. هو جنڊ ايترو تيز هلائيندو هو جو ان جا پڙ به ڏسن ۾ نه ايندا هئا. ائين لڳندو هو چڻ ٻاهه جا به گولا گهمي رهيا آهن جن جي هيٺيان ان تيزي سان پيهي رهيو آهي هن جو پورو جسم جنڊ جي چوڌاري لاٽون وانگر گهمي رهيو هو. هڪڙي ئي ساه

۾ هو پنهنجي حصي جو ان ختم ڪري ڏيندو هو پوءِ ڪمري ڪان ٻاهر نڪري پگهر اگهندو هو ۽ ڏگها ساهه ڪڍندو هو پر اڄ ان کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ ڪنهن هن جي جسم مان توانائي جو هڪ هڪ قطرو نپوڙي ڇڏيو هجي.

هن جي ويجهو سڏير ڪم ڪري رهيو هو. هو ڪافي دير ڪان ڪدم کي ڏسي رهيو هو هن پنهنجو ڪم پورو ڪري حوالدار جي حوالي ڪيو ۽ ڪدم وٽ اچي ويهي رهيو.

تون ٻاهر هلي تازي هوا ۾ ساهه کڻ تنهنجو ڪم مان ڪري ٿو وٺان، اڄ تو کي گهرجي ڏاڍي ياد اچي رهي آهي.

سڏير ڍاڪا جو رهندڙ هو. پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ هو ڪلڪتي لڏي آيو هو پر اڄ تائين ان جو لهجو ڍاڪا وارن جهڙو هو.

ڪدم مسڪرايو جنڊ سڏير جي حوالي ڪري، هو ويرانڊي ۾ هليو ويو، هن سموري عرصي ۾ هو انهن ماڻهن جو ڪم ڪندو رهيو هو ۽ هاڻ هنن جو وارو هو ته هن جي مدد ڪن.

هو پنهنجي ڇٽڻ جو سخت منتظر هو. هڪ هڪ ڪلاڪ ۽ هڪ هڪ منٽ هن ڳڻي گذاريو هو. مگر عجيب ڳالهه هئي جو هاڻي جڏهن آزاد ٿيڻ وارو هو هن جي جسم مان ساهه ڇڏائي ويو هو هن جي سڀ خوشي ۽ مسڪراهٽ مري ويئي هئي هن جي ذهن تي بار اجا به وڌي ويو هو.

جيئن پاڻي مان ٻاهر نڪري مڇي تڙپندي آهي. ائين ڪدم هي سڄو وقت تڙپندي گذاريو. هن ڪيتري تڪليف ۽ ڏک سٺو هو. انهيءَ ڪري هي تي سال هن لاءِ ٿي جهنم پئي لڳا. ائين پئي لڳو ڄڻ هي زندگي جيل مان ڇوٽڪارو حاصل نه ڪري سگهندو هن کي يقين ٿي ڪو نه پيو اچي ته ڪو جيل ڪان ٻاهر نڪري کلي فضا ۾ سک جو ساه ڪڻندو پر جڏهن اڄ هي آزاد ٿيڻ وارو هو ته هن جي بي چيني ۽ بي قراري ختم ٿي ويئي هئي. انتظار جي شدت هن جي جذباتن کي سمهاري ڇڏيو. اچڻ واري وقت سان سڀ غم، فڪر، پريشانيون ۽ خوف هن سان چهٽي ويون هيون.

نبيتن ۽ اڪي! ڪهڙي حال ۾ هونديون ؟ جڏهن هيءَ مصيبت شروع ٿي ويئي هئي ته ڪدم پئسا اڌارا وني ڏياري موڪليا هئا هن سوچيو هو ته پئسا نبيتن کي ضرور مليا هوندا ڇو ته هن هي ڪم سالڪ صاحب جي هٿان ڪرايو هو. جيڪو سيني سارنگن جو چڱو مڙس هو. هو تمام ايماندار ۽ زميندار ماڻهو هو.

ڪڏهن به هو خراب حرڪت نه ڪندو هو الهيءَ ڪري سڀ سارنگ هن تي ڀروسو ڪندا هئا. هو هميشه هنن ماڻهن جي ڪم ايندو هو.

پر هو رقم نبيتن وڏ ۾ وڏ ڇهه مهينا هلائي سگهي هوندي، ان کان پوءِ ٿي سال هن ڇا ڪيو هوندو، الائي هوپنهنجو گذر ڪيئن ڪندي هوندي.

ڪدم کي دل تي بار محسوس ٿيو. هو جڏهن اهي ڳالهيون سوچيندو هو ته ڳڻتي ان کي ورائي ويندي هئي. ان جا حواس جواب ڏيئي ويندا هئا.

سپاٽي جڏهن مان آزاد ٿيندس ته ڇا ڪندس؟

هن سوچيو ته ڪنهن جهاز تي ڪم ڪرڻ کان اڳ نبيتن ۽ اڪي کي ڏسي اچان. پر جلدي اهو خيال هن دل مان ڪڍي ڇڏيو.

ڳڻتين هن کي هڪ دفعوپيهر سوگهو ڪري ڇڏيو. نبيتن وٽ مان خالي هٿين ڪيئن ويندس. هن لاءِ ڪجهه نه ڪٿي ويس ته هوءَ اداس ٿي ويندي ۽ جيترا ڏينهن گهر ۾ رهندس ته ڪٿان کائيندس هن کي هيترن مسئلن جو حل نه پيو سُجهي جنڊ جي وزني پٿرن وانگر سوچن انجي ذهن کي چيپاٽي ڇڏيو هو.

هن کي خبر به نه پيئي سڌير ان جي ڀر سان اچي ويهي رهيو. وچ هلي جمعدار کي پنهنجي ڪم جو حساب ڏيئي آ. ڪدم جي چهري تي شڪريو ادا ڪندڙ غمگين مسڪراهٽ ڦهلجي ويئي، سڌير به آهستگي سان مسڪرائي ڏنو، هن جي مسڪراهٽ ۾ خوشي ڏک ۽ اميد جاڪرٽا نظر اچي رهياهيا. جيڪا مسڪراهٽ عام طور تي قيدين جي پنهنجي دوستن کي خدا حافظ چوندي محسوس ٿيندي آهي.

ٻئي ڏينهن جنڊ تي سيني قيدين جي چهري تي اهائي مسڪراهٽ هئي. اميد خوشي ۽ ڏک ڀري مسڪراهٽ هئي. ٽڪل ٽڪل هن مسڪرائيندڙ فضا ۾ ڪيترن جي انتظاري ڪيفيت لڪل هئي، ڪدم سيني سان ڀاڪر پائي مليو ۽ جلدي ٻاهر نڪري ويو، هوٿي سال هنن سان رهيو هو هنن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿيو هو، پر هاڻي هنن جي وچ ۾ پنهنجو ساهه گهٽجندي محسوس ڪري رهيو هو. هو سڀ هن کي اجنبي لڳي رهيا هئا.



4

هر طرف پاڻي ئي پاڻي هو جنهن طرف نظر ڪڻ پاڻي ئي پاڻي ائين پئي لڳو ڄڻ سڄي دنيا پاڻي ۾ بدل آهي ۽ هن پاڻي ۾ "روئنڊا" بدڪ جي ٻچي وانگر ترندو وڃي رهيو هو.

هي سامان برادر جهاز هڪ بندر گاه کان ٻئي بندر گاه تائين تيزي سان پنهنجو سفر جاري رکندو هو. سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ وقت روئنڊا گهڙي ڪن بيهندو هو ۽ پوءِ پنهنجي گردش شروع ڪري ڏيندو هو ڪڏهن ڪڏهن ته ائين محسوس ٿيندو ڄڻ هي بيهندو ئي نه بس ائين ئي هلندو رهندو.

انجڻ روم ۾ ڪدم جيڪو نائب سارنگ هو. ريلنگ ڪي وٽي بيهي رهيو هن ڪي ننڊ پوري نه ڪرڻ ڪري ٿڪ محسوس ٿي رهيو هو اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هيون هن جون نظرون قطب نما تي لڳل هيون.

قطب نما جي سئي ڏکي ساڄي طرف گهمي ويئي هن سان گڏ هو اکيون ٻه چنڻ لڳو. هڪ لمحي لاءِ هن جي منهن تي بيچيني جا آثار پيدا ٿيا پر پوءِ جلد ئي غائب ٿي ويا.

انجڻ روم ۾ سخت گرمي هئي جنهن جي ڪري ان جو جسم سڙي رهيو هو. پگهر وارن مان مينهن جي ڦڙين وانگر ٽمي رهيو هو. پگهر مٿي ڪان سيني تائين وهي رهيو هئس، هي ڪارو پاڻي اکين ۾ پوڻ سبب اکيون سڙڻ لڳس. ڪدم کيسي مان رومال ڪڍيو. پيشاني جو پگهر اگهيندي هن جهنم ڪان ٻاهر نڪري آيو ۽ فرحت محسوس ڪيائين.

هن جي نظر جهاز جي واچ تي پيئي ۽ڪاوڙ مان باهه لڳي ويس، بنا ڪنهن ڳالهه جي هن ريلنگ ڪي ٻه ٽي لتون وهائي ڪڍيون. لوهه جي سخت ٿهه سان هن جا پير ٽڪرائي ساڳي جڳهه تي ٻهتا هاٿي پيرن جي جاءِ تي هو پنهنجا هٿ استعمال ڪرڻ لڳو ۽هٿ جي پوري طاقت سان هو شيخ پيڄڻ لڳو پر شيخ تي ڪو اثر نه پيو. هو پنهنجي منهن ڳالهائڻ لڳو.

ڪدم جي هٿن ۾ ٻيهر طاقت جوش ڪاڏو ان جي ڪري هن جي جسم ۾ بجلي اچي ويئي.

"خدا سمجهي هن انجنيئر ۽ ڪئپٽن کي، هي بدمعاش ! ذليل ! ڪمينو!"
ڊيڪ جي ڀئي پاسي کان هن کي پنهنجو استاد منو سارنگ ايندي نظر آيو هن کي ڏسي رهندو، ڪدم کي وري باهه وٺي وئي. ڪپتان جو ڏاڏو پڙ ڏاڏو مطلب ته هن جي خاندان ۾ شايد ڪو ٻيو هجي جنهن کي ڪدم گاريون نه ڏنيون هجن.

روئنداد جهاز سامان بردار

هن جي ڪاوڙ صحيح هئي، وقت هن جي حاضري جو نه هو پر هن کي هي ڊيوٽي سزا طور ملي هئي، چار ڏينهن اڳ ڪدم جو سيڪنڊ انجنيئر سان جهيڙو ٿي پيو هو جنهن جي ڪري هن کي بطور سزا ٽي راتيون ڊيوٽي تي لڳايو ويو آهي.

انجڻ روم ۾ جيڪي آئل مين ۽ ڪلينر وغيره هئا، ڪدم هنن سڀني جو ليڊر هو، آهي سڀ هن کي چاهيندا هئا. هن سزا تي انجڻ روم ۾ ڪو به خوش نه هو، هن بي چيني ڪري ڪپتان کي وعدو ڪرڻو پيو ته هن جي سزا گهٽائي هڪ رات ڪندس.

صبح ٿئي ڪافي وقت ٿيو هو پر اڃا تائين ڪپتان جي خبر نه هئي. هڪ ته هن کي سڄي رات جو اجاڳو هو ٻيو وري هن کي سزا به اجائي ملي هئي ۽ گرمي ايتري هئي جو دوزخ کي به پڳهر اچي وڃي ها، ڪپتان جو ڪٿي نالو نشان به نه هو جو هو اچي هن کي آزادي ڏياري انهن سڀني ڳالهين هن جي ڪاوڙ تيز ڪري ڇڏي هئي.

هي صاحب ماڻهو رڳو ٿا حڪم هلائڻ چاهن، ٿورڙي ڳالهين تي گارين جو مينهن وسائي ٿا ڇڏين. گاريون به هنن جي زبان تي ائين چنبڙيل آهن جيئن تسبيح تي الله ۽ رسول جو نالو.

پٽ تون ڪنهن کي گاريون، ڏيئي رهيو آهين مني سارنگ پيار مان پڇيو.

"هن گڏهه جي پٽ هُڪ کي"

"هوڪ، هو ته سمجهه ختم ٿي رهيو آهي، هڏ ڪين ۾ ساهه ٿو وڃيس بيوقوف جو."

"هڏ ڪيئن؟ ڇاجي ڪري"

"سڄي رات پيئندو ته اها ئي حالت ٿيندي".

"پي رهيو هو؟ ۽ حرامي مون کي چيو ته طبيعت ٺيڪ ناهي."

"هو ڪوڙ ته نه ٿو ڳالهائي. پر بيمار ٿي لڳي ٿو ويچاري جو دل اداس آهي هن جهاز ۾ ته غم جو هڪ ئي علاج آهي "شراب پي غم ختم ڪيو" "هُڪ کي

ڪھڙوغم هو؟هڪ جي خلاف ڪدم جي سچي ڪاوڙ سمنڊ جي لهرن ۾ وهي وئي .هو پاڻ بہ گھڻو وقت پريشان رهندو هو اهڙي موقعي تي هونہ ڪنهن جي ويجهو ويندو هو ۽ نہ ڪنهن سان ڳالهائيندو هو هن کي پنهنجي ڪم کان بہ بيزاري محسوس ٿيڻ لڳندي هئي، زندگي ۾ پهريون دفعو ان تي ڏکن جو اهڙو ڀرپور حملو ٿيو هو. جڏهن بہ هن کي ٻاهمن چاري ۾ تيلن ۽ٽين سان ڏهيل پنهنجي ننڍڙي گهر جو خيال ايندو آهي جنهن جي آڱر ۾ پير جو ننڍڙو وڻ نچندو هو جنهن جي ورانڊي ۾ هڪ وڏي ڪچي ٿلهي تي نبيتين حوض ۾ وهنجي پنهنجا وار سڪائيندي هئي.

”هن وقت اسان جو جهاز ٣٧ ڊگريون اتر ۽ ٢٠ ڊگريون اوير ڏي سفر ۾ آهي“ ڪدم منو سارنگ جي خاموش سوال جو جواب ڏنو.

منو سارنگ کي جهاز راني ۾ ٽيهن سالن جو تجربو هو، هن پنهنجي نائب تي هڪ نظر وڏي ۽ ڏاڍوخوش ٿيو. هي ڪدم جي ذميواري نہ هئي تہ روٽيڊا کي هلائي. هي ڪم تہ ڪدم جي جاني دشمن سيڪنڊ انجنيئر جوهو، جيڪو انجڻ روم جو سربراه هو ڪدم جو تہ انجڻ روم ۾ لڳل ننڍن ننڍن پرزن کي تيل، گريس ۽ صفائي ڪرڻ وارن جي نگراني ڪرڻ هو بقول هن جي تہ هي ڪم ايڏو سولو هو جيئن پني تي انگوٺي جو نشان هڻڻ. پر منو سارنگ جهاز راني جو ڪم وڏي شوق ۽ چاهہ سان سکي رهيو هو بلڪل هن وانگر جيئن منو سارنگ پنهنجي استاد کان سکيو هو جنهن جو روح آسمان تي سير ڪندو هوندو.

منو سارنگ ائين پنهنجي ذاتي تجربي ۽ استاد کي ڏسي ڏسي سکيو هو. گهڻو وقت ٿيو. هن امتحان پاس ڪري سرٽيفڪيٽ بہ حاصل ڪري ورتو هو. هاڻي هن جو ارادو هو روٽنڊا جهڙي وڏي جهاز کي ڇڏي ننڍي جهاز تي ڪم ڪرڻ جو ان جي تجربي جي رعب بہ رهندو ۽ دخل اندازي ٿيندي، ڪدم جي بہ اها ئي خواهش هئي تہ هڪ دفعو امتحان پاس ڪري سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري وٺي پوءِ ننڍن ننڍن جهازن تي جيڪي گهٽ فاصلي تي سفر ڪن ٿا انهن تي ڪم ڪري هڪ تہ انهن جهازن تي هن جي عزت بہ ٿيندي پيو هوگهر کان ايتري مدت لاءِ پري بہ نہ ٿيندو انهيءَ ڪري جڏهن هو انجڻ روم ۾ هوندوهو تہ ڪل پرزن تي نظر رکندو هو تہ جيئن ڪو بہ ڪم هن کان رهجي نہ وڃي. منو سارنگ ڪدم جي ۾ پيرا پٺي ٺپي. ۽ خوش ٿي چيائين.” شاباش ڪدم شاباش! جي تنهنجي ڪم سکڻ جي اها ئي رفتار هوندي تہ ڪم جلد سکي ويندين.“

اهڙي پر خلوص تعريف ۽ اها بہ پنهنجي استاد جي زباني ٻڌي ڪدم کي

ڏاڍي خوشي محسوس ٿي. رات جي ڪاوڙ ۾ ٿڪ سڀ لهي ويو. جهاز جي گهڙ گهڙ هيٺيان لهرن جو خوفناڪ رقص پکن جي مستقل گهون گهون جيڪي پاڻي کي ڪٽيندي اڳتي وڌي رهيا هئا. انجڻ جي گڙ گڙ اهٽ هي سڀ ڪجهه هن کي ڏاڍو خوبصورت لڳي رهيوهو. جهاز ۾ سمنڊ جي آواز جنهن جي يڪسانيت ڪان هو بور ٿي ويندوهوسا هن کي وڻڻ لڳي. هن محسوس ڪيو ته هو هنن سيني.آوازن هن گوڙ ۽ اڻ وٽندڙ شين جو هڪ حصو آهي هنن جي بغير شايد هو زنده رهي نه سگهندو.

خوشي جو هي احساس ڪدم لاءِ صفا نئون هو. شايد هر ملاح اهڙي ئي خوشي محسوس ڪندوهجي جڏهن هن جي ڪم جي تعريف ڪئي ويندي هجي. يا جڏهن هن کي اهميت ڏني ويندي هجي.

"اڄ ڪدم هي سک" منو ميان ڪدم کي نقشي جي ويجهو وٺي آيو. جنهن تي جهاز رانيءَ جا مختلف رستا ڏيل هئا. هن نقشي تي دنيا جا سڀ سمنڊ ۽ انهن تي واقع مختلف بندرگاهن کي ڏيکاريو ويو آهي ڳاڙهي رنگ جي ٿلهين سنهين ليڪن سان سمنڊ جي بين الاقوامي رستن کي ڏيکاريو ويوهو.

توهان پهرين ڪڏهن هن رستي ڪان نه گذريا آهيو. توهان هميشه عدن وارو رستو اختيار ڪيو هو ۽ هاڻ اسين ڪيپ ٽائون ڏي سفر ڪري رهيا آهيون. هن رستي سان واسڪو ڊي گاما پهريون دفعو هندستان ۾ داخل ٿيو هو ڪدم ڌيان سان ٻڌي رهيوهو. هي ڳالهيون هن لاءِ نيون هيون منو ميان ڳالهائيندو رهيو.

انگريز هندستان جي دولت ڦرڻ چاهين پيا. هو هن ملڪ جا هيرا، جواهرات، سون، چاندي سڀ هٿ ڪرڻ چاهين پيا. پرهن کي هندستان ڳولهڻ لاءِ سمنڊجي رستي جي ضرورت هئي. سڀ ڪان پهريون واسڪو ڊي گاما هڪ ننڍڙي بادباني جهاز ۾ هي سفر طئي ڪيو.

"بادباني جهاز ۾ "؟ ڪدم حيرت مان پڇيو " پيو نه ته هن زماني ۾ ستيم شپ ٿوري هئا. هي سڀ ته بعد ۾ ايجاد ٿيا" "مڪ باد باني جهاز ۾ تعجب آهي هنن کي خوف به محسوس نه ٿيو" ڪدم حيرت مان پڇيو. خوف ڇاجو؟ هي ته اهي ماڻهوهئا جيڪي هندستان جي دولت جو ٻڌي لالچ مان چريا ٿي پيا هئا ۽لالچي ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪم ۾ ڪو به خوف ۽ ڊڄ نه ٿيندو آهي ".

"پوءِ اسانجي ملڪ ۾ سون جون ڪاٿيون رهيون هونديون ڪيئن چاچا"؟ ڪدم بيچيني مان پڇيو. منو ميان ڪدم جي ڳالهه ٻڌي کليو." سون چاندي جا ڍير هئا. هيري جواهرات جي ڪا حد ئي نه هئي ڪو به ماڻهو انهن شين جو بکيو

ڪو نہ هو.

ڪدم جون اکيون حيرت مان ڦاٽل هيون. ملڪ ۾ دولت جي گهٽائي غير ملڪين جو اچڻ ۽ انهن جي چالاڪي ۽ دليري جي داستان هي سڀ هن کي ڪنهن ٻي دنيا جون ڪهاڻيون لڳي رهيون هيون.

پر واسڪو ڊي گاما هن جهاز ۾ آيو ۽ سڄي ملڪ کي ڦري راهي ٿيو. هن کان پوءِ هي ريت جاري رهي هي رسم چند سال اڳ بند ٿي. انگريز اڃا ڪالهہ تائين تہ اسان جي دولت ڦري رهيا هئا.

"۽ انهيءَ ڪري ئي اسان غريب آهيون"؟ ڪيئن چاچا؟

جواب ڏيڻ بدران منو سارنگ پنهنجي ڏاڙهي تي هٿ گهمائيندو رهيو هاڻي هن جي نظر نقشي تي هئي ۽ ڪنهن گهري سوچ ۾ هو.

ڇا ڳالهہ آهي چاچا؟ پر منوميان کو جواب نہ ڏنو هي برابر نقشي کي ڏسندو رهيو. شايد هو پنهنجي وطن جي ڦريل ماضي کي ياد ڪري رهيو هو. ڇا اسان پنهنجو شاندار ماضي موٽائيندا سون؟ هن اداسي سان چيو.

چند گهڙين کان پوءِ هن نقشي تي لڳل شيشي جي ٿڌي سطح تي آڱر گهمائي هن وقت اسان ٢٠ ڊگريون اوير ۾ سفر ڪري رهيا آهيون جڏهن اسان جو جهاز ١٨ ڊگرين ۾ داخل ٿيندو. هي ساڄي طرف مڙندو ۽ اسان ڪيپ ٽائون جي بندرگاهہ ۾ لنگر وجهندا سين. اتان اسان خط مستقيم مان سفر ڪندا بحر اوقيانوس پار ڪندا سين. تون اتي اوقيانوس سمنڊ ڏسي سگهين ٿو. هي سمنڊ آفريڪا ۽ آمريڪا جي وچ ۾ آهي هن جو پاڻي انتهائي خطرناڪ آهي. ڪدم جيڪو اوير بنگال جي ننڍڙي ڳوٺ باهمن چاري جو رهاڪو هو جنهن چوڏهن سالن جي عمر ۾ سمنڊ جي زندگي گذاري هئي ۽ سورهن سالن جي عمر ۾ ويڪري سمنڊ ۾ گهمي رهيو جيڪو وڏين ۽ خوفناڪ لهرن تي سوار هن لوڻائي پاڻي تي جذب ٿي ويو هو جيئن زمين جا ڪنارا پاڻي ۾ ملي ختم ٿي ويندا آهن اهو ئي ڪدم نقشي تي جهڪيل انتهائي شوق سان ۽ غور سان ڏسي رهيو هو. منو ميان نقشي تي پيهر آڱر رکندي چيو ۽ هي آمريڪا آهي هن کي بہ يورپ وارن ڳولي لڌو هو. پهرين ماڻهو جيڪو آمريڪا پهتو اهو ڪولمبس هو. در اصل هو بہ هندستان جي ڳولا ۾ نڪتو هو پر آمريڪا وڃي نڪتو.

"سڄي ڇا هي انگريز صاحب بہ اهڙيون غلطيون ڪندا آهن" ڪرم جي اکين ۾ حيرت مان پاڻي اچي ويو.

ها هي اهو ئي امريڪا آهي ڏکڻ ۽ اتر ۾ حصن ۾ ورهايل اسان جي زمين جو عظيم الشان ٽڪر اتي به اسان ٽن جاين تي بيهندا سين پوءِ نيو پورٽ جيڪا هتي نظر اچي تي ڪان ٿيندا اسان سڌا اوقيانوس سمنڊ ۾ اڳتي وڌندا سين. پوءِ اسان ملڪ جي گادي جي هنڌ تي پهچندا سين اتي اسان پهرين سئومينٽ پورٽ تي بيهندا سين.

منو ميان جي معلومات وسيع هئي. هي تيز ۽ بلڪل صحيح ڳالهائيندو هو پر الائي ڇاجي ڪري هو سائوٿ هيٽن نه پيو چئي سگهي. هميشه سيبو منٽ يا ڪو ٻيو نالو وٺندو هو. سيڪنڊ انجنيئر انجڻ روم ۾ ڏسي ڪجهه چيو منو ميان کي ڪاوڙ وٺي ويئي هن ٻئي پاسي منهن ورائي ڇڏيو.

هاڻي قطب نما جي سئي آهستي آهستي لڏي رهي هئي. روئندا پنهنجو رخ تبديل ڪري رهيو هو ۽ هڪ وڏو موڙ ڪٽي رهيو هو منو سارنگ موٽر جو بٽڻ هيٺ ڪيو ۽ آپريٽر کي اشارو ڪيو ۽ سامهون لڳل اوزارن ۽ مشينريءَ تي جهڪي پيو. پوءِ هن ڪدم کي چيو ته ”تون سڄي رات جاڳيو آهين وڃي هڪ گلاس کير پي سمهي رهه “.

ڪدم وڃڻ لڳو پر چند ڏاڪا هيٺ لهڻ ڪانپوءِ بيهي رهيو هو هي معلوم ڪرڻ چاهي پيو ته هُڪ صاحب کي ڪهڙي پريشاني آهي هو اهومعلوم ڪرڻ چاهي پيو ته آخر هُڪ صاحب پريشان ڇو آهي پر باوجود ڪوشش جي هو نه پڇي سگهيو منو ميان نه صرف هن کان عهدي ۾ وڏو هو پر هن جو بزرگ به هو ڪدم جي پيءُ ماجل سارنگ سان هن جا گهرا ۽ پراڻا تعلقات هئا ان ڪري ڪدم ان جي عزت ڪندو هو منو ميان به هن سان ڏاڍو پيار رکندو هو چوندو هو ته ڪدم منهنجي مثل پاءُ جي نشاني آهي. هو ٻئي هڪ ئي ڪئبن ۾ سمهندا هئا پر تنهن هوندي به حجاب ۽ بزرگيءَ جو فاصلو برقرار هو.

”چاچا ! هُڪَ صاحب ڇو پريشان آهن ؟

ڪدم جي واتان هي الفاظ زور ي نڪري ويا

منو ميان پر اسرار ڪل ڪليو. ” دربن ڪان خط پهتو ٿس ته تنهنجي زال سخت بيمار آهي ۽ اسپتال داخل آهي “پوءِ هو انجڻ ڏي روانو ٿيو ۽ پنهنجي منهن ڳاريون ڏيڻ لڳو هي به ڳڌهه به پٽ ڪو ماڻهو آهي جو ويهي زال لاءِ پريشان ٿيندو.

ڪدم آهستي آهستي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو. هو سوچي رهيو هو منو

ميان هڪ صاحب جي بي درديءَ سان ڳالهه ڪئي ماٺهوڪارو هجي يا اڇو، سٺو هجي يا خراب پرزال تہ بحرالحال زال آهي، ڪهڙي بہ رنگ نسل جو هجي زال جو بڏي پريشان ضرور ٿيندو. هن سلسلي ۾ ڪي اصول ٽوڙئي ٿا ناهي سگهون.

هن ڪي منو ميان جو لهجو عجيب لڳو هو سمجهي ٿو تہ هُڪ صاحب اڇو آهي حاڪم آهي انهيءَ ڪري هن ڪي زال جي بيماري تي پريشان ٿيڻ جو حق ڪونهي يا شايد هو اهڙي جذبي جو اهل ئي ڪونهي هي ڪيڏي بي انصافي جي ڳالهہ آهي ڪدم ڪي منو ميان جياها ڳالهہ نہ وڻي رهي هئي.

هاڻي ڏينهن چڙهي آيو هو. هو پنهنجي بند گهٽيل ڪمري ۾ وچڻ بدران ڊيڪ تي هليو آيو.

دنيا جي تاريخ سمنڊ ۽ خشڪي تي لڙيل فتح ۽ شڪست جي لڙاين ۾ انسان جي تباهي ۽ عظمت سان پريل آهي. هڪ ڏينهن ڪدم ڪي بہ تاريخ جا اهي راز ياد ايندا، هو نون ۽ ننڍن جهازن کي ائين ئي جهاز راني جا راز سمجهائيندو هتي واسڪو ڊي گاما آيو ۽ خوشي مان رڙ ڪري چيائين هو سامهون هندوستان آهي.

پر هن وقت ۳۴ ڊگريون خط استوا ۽ ۱۸ ۽ ۱۹ ڊگريون خط مستقيم سفر ڪندي ڪدم جي ذهن ۾ نبيتن منهنجو انتظار ڪري رهي آهي هن گهرجي ننڍڙي دنيا ۾ نبتين جو پيار ۽ اڪي جي پيارن ٽهڪن جي جهنڪار ٿي رهي آهي.

روٽنڊا مال بردار جهاز هو پر ڊيڪ تي ۽ ڪن ڪيبنن ۾ مسافر بہ رهندا هئا. هي غريب هندستاني ۽ پاڪستاني هئا. جيڪي آفريڪا جي بندرگاهن ۾ مزدوري ڪري گذارو ڪري رهيا هئا. جيئن تہ هي تمام غريب هئا ان ڪري سامان ڪٽندڙ جهاز ۾ سفر ڪرڻ هنن لاءِ سستو ۽ آسان هو. هن ڊگهي سفر ۾ هو ڪدم سان ڏاڍا ٺهي ويا هئا. ڪڏهن ڪو ڪچٽي چاڙهيندو هو تہ ڪدم ڪي بہ ضرور ڏيندا هئا ڪو ڪدم ڪي ڏاڍيان آواز ڏيندو هو ”ڪدم هيڏي اچ گرم ماني ۽ ڳڙ کاءُ“

هنن جي محبت حجاب ۾ ملاوت نہ هئي هنن جو ڳالهائڻ پر خلوص هو. ڊيڪ تي سفر ڪندڙ هي مسافر پنهنجي ٻارن ٻچن سان ائين گڏ سفر ڪري رهيا هئا چڻ هي انهن جي روزمره جي زندگي آهي. جهاز ۾ هو گهر وارو ماحول رکندا هئا هنن ۾ هن ڪي گهر جو سچو پيار ملي ويندو هو. هن ڪي ائين محسوس ٿيندو هو چڻ نبتين جي ننڍڙي دنيا ۾ آهي. پر ڪدم ۽ ان جا ساٿي مسلسل پاڻي ۾ سفر ڪري رهيا هئا هنن ڪي زندگيءَ ۾ سڪي تي رهڻ جو ٿوروئي وقت ملندو هو. هو

ايترن ماڻهن ۾ هوندي به اڪيلا هئا پنهنجي جان جا واحد محافظ ! هي ماڻهو وحشي ۽ خطرناڪ لهرن تي سوار پناهگير هئا.

زمين تي رهندڙ زمين کان پري رهندڙ هنن ملاحن جي احسانن کي به نتا سمجهي سگهن جيڪي زمين لاءِ بي انتها پيار کٽي گهمندا رهندا آهن. زمين سان هنن جو ناتو مضبوط ۽ پائيدار هو. سخت زمين تي رهندڙن جو ٿورڙو پيار هنن لاءِ بي بها خزانو آهي.

عبدالعزيز جيڪو مدگا سڪر ۾ مزدوري ڪندو هو. پنهنجي ٻارن ٻچن سميت ڪيپ ٽائون وڃي رهيو هو هن جي زال ڪدم کي پاءُ چوندي هئي اسان ڪيپ ٽائون ۾ جهاز تان لهندا سين زندگي رهي ته ضرور ملبو عبدالعزيز چئي رهيو هو. "پوءِ ملبو" ڪدم يقين سان چيو هو سارنگ هو ۽ سارنگ هميشه سفر ڪندا رهندا آهن. مان ضرور هن رستي کان لنگهندس پوءِ هن عبدالعزيز جي زال کي چيو.

منهنجي پيڻ ڇاتي چوي پوءِ هو پوڳ ڪرڻ لڳا. هي جيڪا منهنجي زال آهي نه هن تو کي پاءُ انهي ڪري بڻايو آ ته جيئن سڪل مڃي آساني سان تري سگهجي.

عزيز جي گهر واري گهونگهٽ مان جنهن سان هن جو اڌ منهن ڍڪيل هو عزيز کي ڏنو ۽ ڪدم کي مڃي ڪائڻ جي دعوت ڏني. ڪدم يڪدم ها ڪئي، طئي ٿيو ته مڃي ڪدم جي استوو تي رڌجي. هنن سان جلدي موٽڻ جو وعدو ڪري اتان اٿيو ۽ ڪپتان جي حڪومت ۾ داخل ٿيو. ڊيڪ تي هلندي ڪدم سوچي رهيو هو انساني فطرت به ڪيڏي نه عجيب آهي. ماڻهو سڄي عمر پري ٻين ملڪن ۾ گذاريندي به پنهنجي تهذيب ثقافت ۽ قومي عادتن کي سيني سان لڳائي رکندا آهن ۽ انهيءَ جي سلامتي لاءِ جدوجهد ڪندا رهندا آهن.

ڪئپٽن هڪ پنهنجي ڪيبن جي ٻاهران ڊڪ چيئر (ڊيڪ تي ڪرسي) تي ويٺو هو. هن جو ذهن، جهاز، سمنڊ ۽ سفر کان پري ڀٽڪي رهيو هو.

ويجهو وڃي ڪدم ڏٺو هو روئي رهيو آهي. هن جي ڳلن تان ڳوڙها وهي رهيا هئا. ڪدم چاهي پيو ته هو هن کي ڏسي ويجهو اچي بيهي رهيو ڪو ٻيو وقت هجي ها ته هن کي ڇڙٻ ڏئي ها. پر اڄ هو قاعدي کي اصولي دنيا کان ڇڏي ٻي دنيا ۾ گم هوجتي پاڻ کان ننڍي غلطين کي معاف ڪري ڇڏبو آهي.

هڪ هن کي ڏسي ورتو جيئن ڪنهن دريا جو بند ڀڄي پيو هجي ڳوڙها وهي هن جي ڪپڙن ۾ جذب ٿيڻ لڳا. هن پنهنجو منهن هٿن سان ڍڪي ورتو.

ڪدم چپ چاپ ٻيٺو هو. هن جي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڇا ڪري هڪدم ڪپتان رڙيون ڪري روئڻ لڳو هن جوآواز سڏڪن ۾ بدلجي ويو ڪنهن ٻار وانگر هو ڊڪ چيئر تي مٿو رکي ويٺو هو هن جو سڄو جسم ائين ڳول وريل هو ڄڻ هن جي پيٽ ۾ سورهجي.

سڏڪن ۾ هو گهٽو ڪجهه چئي رهيو هو پر ڪدم کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو. " ڪدم منهنجي زال منهنجي پياري روزي اڃا تائين شايد هو مون کي ڇڏي هن دنيا مان موڪلائي ويئي هجي ".

ڪدم هن کي دلاسا ڏيڻ لڳو.

صاحب توهان فڪر نه ڪريو توهانجي ملڪ ۾ سٺن ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي ڪا ڪوت ڪانهي تون سٺي ڪان سٺو علاج ڪرائي سگهين ٿو توهان کي ڏوڪڙ پئسي جي به ڪا ڪوت ڪانهي توهان جي گهرواريءَ جو علاج ٿي رهيو آهي هوءَ جلدي صحتياب ٿيندي. توهان فڪر نه ڪريو. پر ڪپتان هن دلاسي جو اثر نه ٿيو. هو ائين ئي رئندو رهيو نه هو نه بچندي هوءَ مري ويندي مان ئي انجو قاتل آهيان هن جي موت جو ذميوار مان آهيان. هاءِ منهنجي روزي ڪهڙي نه پياري هئي. مان هن کي ماري وڌو.

" صاحب توهان هن کي ڇو ماري رهيا آهيو اها هئي نه پر آهي؛

ڇا چيئي ؟ ڇا هوءَ زنده آهي". ڪپتان اوچتو حيرانگي مان چيو. ها هوءَ زنده آهي ڪدم جي آواز ۾ يقين جي مضبوطي هئي." نه ڪدم! روزي زنده رهي نه ٿي سگهي. اڄڻ وقت مان هن سان وڙهي آيو هوس هاڻي هوءَ مري ويئي هوندي هُڪ پنهنجو مٿو ڪرسي جي ٽيڪ سان ڏاڍيان هنيو ۽ وري روئڻ لڳو.

ٻيو ڪو وقت هجي ها ۽ ڪدم هُڪ صاحب کي روئندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ها. هو سوچي به نه پيو سگهي ته هي صاحب به ائين روئندا آهن. هو ته هن کي فقط رڙيون ڪندي، حڪم ڏيندي ۽ گاريون ڏيندي ڏسندو هو. هو سمجهندو هو ته هن جي سيني ۾ انسانن جهڙي دل ناهي هي بد دماغ ۽ بدزبان طبقو صرف ڪم وٺڻ ڄاڻي ٿو ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جو هن کي ڪو خيال ڪونهي ڪپتان صاحب کي ايڏي ڏک ۽ لاچاري مان روئندو ڏسي ڪدم کي عجب لڳو هن جو واسطو بيشمار صاحبن سان پيو هو. پر هن لاءِ هي تجربو منفرد ۽ انتهائي ڏک رسائيندڙ هو.

اڄ هُڪ صاحب کي روئندو ڏسي هن کي زري به خوشي نه ٿي. هن جي دل

۽ همدردي ۽ محبت جو جذبو بيدار ٿي ويو. هن کي محسوس ٿي ويو تہ هُو بہ هن وانگر اڪيلو ملاح آهي. جيڪو پنهنجن ڪان جدا ٿي سمنڊ جي سيني تي لوڏا کائي رهيو آهي هن جي ذهن تي نبيتن جهڙو چهرو ايري رهيو هو. معصوم چهرو! پر اڄ هن کي هي پنهنجي ويجهو تمام ويجهومحسوس ٿي رهيو هو. نبيتن جي ۽ ان جي چهري ۾ گهٽي قدرهڪجهڙائي هئي. بس هڪ چهرو ڪجهہ ڏنڊلو هو. جيئن ڏنڊ ۾ پڌل سج جو اداس چهرو چاتل سچاتل هوندي بہ پري پري ۽ اجنبي لڳندو آهي. ڪپتان شايد سڄي رات جاڳيو هو. گهٽي پيئڻ ۽ جاڳڻ ڪري هن جون اکيون سڄي ويون هيون عام ڏينهن ۾ بہ هن جو چهرو ڳاڙهو رهندو هو. پر اڄ تہ ائين لڳي رهي هو ڄڻ ڪنهن گلابي رنگ هٽي ڇڏيو هجيس هُڪ صاحب ڪافي ڳرو ماٺهو هو پر اڄ هو هلڪڙو ڏيکار جي رهيو هو.

ڪدم کي هن تي گهڻو رحم آيو. هو هُڪ صاحب جي ڪرسي جي ويجهو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو. صاحب توهان تہ صفا ٻارن وانگر روئي رهيا آهيو. اهڙي وقت ۾ مردن جو روئڻ ۽ پريشان ٿيڻ ڪجهہ چڱو نٿو لڳي. مون کي پورو يقين آهي تہ جيئن ئي اسان ڪيپ ٽائون ۾ داخل ٿينداسين توهان کي پنهنجي گهر واري جي باري ۾ سٺي خبر ملندي.

هُڪ صاحب اوچتو ائين اٿي بيهي رهيو ڄڻ هن کي بجلي جي شاڪ لڳي آهي هو هڪ جهٽڪي ۾ جهاز جي دنيا ۾ موٽي آيو جتي ننڍن سان فري ٿيڻ اصولن جي خلاف هو پنهنجي گهنجايل قميص کي بيلٽ اندر وجهندي هو ڪدم کي ائين ڏسڻ لڳو ڄڻ هن جي مداخلت ۽ گستاخي هن کي تمام خراب لڳي هئي. پوءِ هو پنهنجن جوتن کي ڏاڍيان زمين تي هڻندو اندر ڪئبن ۾ هليـــو ويو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. ڪدم هن اوچتي تبديلي کان گهبرائجي ويو. هڪ صاحب کي ائين ويندو ڏسي هن کي عجب لڳو. هن پنهنجو منهن پري آسمان ڏي ڪري ڇڏيو جتي نيرو آسمان سمنڊ سان گلي ملي رهيو هو. پاڻي جو رنگ ڪٿي اڇو ۽ ڪٿي ڪارو، ڪٿي سرمائي ڪٿي گهاٽو نيرو ۽ ڪٿي سائو هو. سمنڊ جي سيني تي اس ۽ ڇانو جي هي راند هن کي ڏاڍي دلچسپ لڳي.



5

"چاچا معاف ڪجو". ڪدم سنهي پني ۾ ننڍڙو پيڪٽ واپس ڪندي چيو مان هي ڪم نہ ڪري سگهندس پائتي جي هن انڪار تي منو ميان ڪي سخت ڪاوڙ وٺي ويئي منهن ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي ويس هن ڪجھ سخت لهجو استعمال ڪندي چيو.

"مان تو ڪي پٽن وانگر سمجهندو آهيان ۽ تون منهنجو ايترڙو بہ ڪم ڪري نہ ٿو سگهين مان تو ڪان مفت ۾ تہ ڪم نہ ٿو وٺان. تو ڪي پئسہ ملندا هن جا پئسہ سمجهيئہ.

" مون ڪي نہ کپي حصو وصو" آخر تون مون ڪي هن گناہ ۾ ڇو شريڪ ڪري رهيو آهين"

"گناہ؟ اڙي گناہ ڇاجو؟ منو ميان ڪي هن جي جواب تي ڏاڍي حيرت ٿي.

"هي گناہ ناهي تہ ٻيو ڇا هي"؟ ڪدم ضد ڪري ٻيهي رهيو. پوءِ هو کلي ڳالهائڻ لڳو "ڏس چاچا هيءَ ناجائز شيءِ آهي تون هن ڪي بندر گاہ مان سمگلنگ ڪري ٻاهر وجڻ چاهين ٿو هي ڪيتري نہ خراب ڳالهہ آهي منو ميان ڪو جهڙو تهڙو سارنگ نہ هو هو سالن کان سمنڊ تي گهمي رهيو هو. پاڻي جي جائز ۽ ناجائز واپار کان هو چڱي طرح واقف هو هي سڀ ڪم روزمره وانگر هن جي زندگي جو حصو هو. هو سمنڊ تي رهندڙ پنهنجن ساٿين جي احساسات ۽ جذباتن ڪي ائين پڙهي ويندو هو جيئن پني تي عبارت ڪي پڙهبو آهي.

"هن ۾ کهڙو ڏوهہ آ. اسان هتي ڏينهن رات محبت ڪيون ٿا پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي هتي ڏڪا ڪائون ٿا. ڇا اسان ڪي ايترو بہ حق ناهي جو هي ننڍڙو پيڪٽ ڪٽي ٻاهر وجون. تو جهڙا تہ سدائين نقصان ۾ هوندا آهن.

"نيڪ آ مان چريو ئي سهي جيڪي ماڻهو پاڻ ڪي هوشيار سمجهن ٿا اهي پلي هي ڏنڏو ڪن مان تہ هن کان پري ئي چڱو آهيان" ۽ ڪدم صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڇو نہ ڪري هن هڪ دفعو جبار سارنگ جي ڪري ٽي سال جيل ڪاٽي هئي. زندگي جي هن شرمناڪ حادثي ڪي هو ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهي هن ڏينهن جي هن ڪي خبر هجي ها تہ هن پيڪٽ ۾ ڇا هي تہ ڪڏهن بہ اهڙي

ياري دوستي ۾ نہ ڦاسي ها ڪدم پنهنجي جاءِ تي ضد ڪري ويٺو رهيو. منو ميان کي ڪاوڙ وٺي رهي هئي هو اهڙن ماڻهن کي نوڪري وٺي ڏيندو هو. جن تي هن جو يقين هو تہ هو هن جي ڪجهن ڪمن ۾ هن جي مدد ڪندا.

مگر ڪدم پنهنجي ضد تي قائم هو منو ميان کي جي خبر هجي ها تہ هو ڪدم کي ڪڏهن بہ نہ وٺي اچي ها. هو اندر اندر پنهنجي فيصلي تي پريشان ٿي رهيو هو.

"ياءُ ماجل منهنجو دوست بہ هو تہ ساٿي بہ تون هن جو پٽ آهين مان تو کي پنهنجي پٽن وانگر ٿو سمجهان تو کي خبر آهي تہ نوڪريءَ لاءِ ڪيترا ماڻهو مون کي منٿون ڪندا هئا. پر مان توکي پنهنجو سمجهي هتي وٺي آيو آهيان ۽ تون منهنجو هي خسيس ڪم بہ نہ ٿو ڪرين هي ننڍڙو پيڪٽ پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي منهنجي پويان پويان ايندين تہ تو کي ڇا ٿي پوندو. رهندو مون کي ٿي نصيحت ڪري رهيو آهين. تو کي شرم اچڻ گهرجي. هن کي سخت افسوس ٿي رهيو هو هن ڇو ڪدم کي پاڻ سان ڪنيو.

ڪدم چپ چاپ ويٺو جهاز تي لڳل پٽين کي ڳڻيندو رهيو. هو چاڻي پيو تہ جهاز جا شريف ۽ سنجيده سارنگ لڪي ڪهڙو ڌنڌو ڪندا هئا. منو ميان جو اهڙو پڪو عاليشان گهر ناهيو هو ۽ هڪڙي چوڪري کي بي اي ڪرائي هئي ۽ ٻئي کي واپار ڪرائي ڇڏيو هئائين هو سڀ هن ڌنڌي جي ئي برڪت هئي. روٺندا جي ٻتلر ڪبير وٽ ڪلڪتي جهڙي شهر ۾ تي عاليشان گهر هئا.

هي ان وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن ڪدم پهريون ڀيرو جهاز تي ڪم ڪرڻ آيو هو ۽ ان جو پيءُ بہ ان جهاز تي ڪم ڪري رهيو هو. هو مصلي تي پنهنجي پيءُ جي ويجهو ويٺو هو. نماز کان پوءِ ان جي پيءُ هن کي چيو هو.

"پٽ ڪعبة الله ڏي منهن ڪري چئہ تہ حرام جو هڪ پئسو بہ نہ وٺندس. ۽ نہ ئي ناجائز ڪم ڪندس ڇو تہ حرام جي ڪمائي ۾ برڪت ناهي".

پوءِ ماجل سارنگ دعا لاءِ هٿ کنيا هئا. دعا ختم ڪرڻ کان پوءِ هن مصلو ويڙهي ڇڏيو هو ۽ ڪدم کي چيو هو" ياد رک جنهن بہ ڏينهن تو اهڙو ڪم ڪيو ان ڏينهن کان نہ تون منهنجو پٽ آهين ۽نہ مان تنهنجو پيءُ".

"چڱو ٻلا اڌ مال تنهنجو بس هاڻي تہ خوش آهين"

منو ميان هن جي خاموشي مان فائدو وٺڻ چاهيو. تون جوان آهين تنهنجي بہ دل بہ گهرندي هوندي گهمڻ ڦرڻ لاءِ جڏهن بہ ضرورت پوي مون کان گهري وٺندو

ڪر. مان ڪڏهن انڪار نہ ڪندس. هن ڪدم جي پٺي نپي پنهنجي ليکي ڳالهہ پڪي ڪري وڃڻ لڳو. ڪيبن جي در تي پهچي هن ڪدم کي اک هنئي.

چاچا مان تو کي چٽي چڪو آهيان تہ مان هي ڪم نہ ڪندس ۽ نہ ئي مون کي حصي وسي جي ضرورت آ توهان سمجهو چو نٿا" ڪدم ڪجهہ ڪاوڙ مان چيو. پر هن وقت تائين منو ميان ڪيبن جو در بند ڪري وڃي چڪو هو. ڪدم جا ڪن بند ڪيبن جي پٽين سان ٽڪرائجي واپس موٽڻ لڳا .

هي جهازي بہ عجيب ماڻهو آهن جيستائين سمنڊ ۾ هوندا آهن. جهاز جي حفاظت ۽ سفر جون زميواريون هنن لاءِ اهم هونديون آهن. هنن کي بس هڪ ئي فڪر هوندو آهي. تہ جهاز خيريت سان لڳي. سمنڊ جي بي پناهہ ويڪرائي ۽ وحشي لهرون هنن کي بي خوف ۽ بهادر بڻائي ڇڏينديون آهن. انهن جي هٿن جي گرفت جهاز هلائڻ ۾ وري بہ ڪمزور نہ ٿي ٿئي.

پر هڪ دفعو هو زمين تي پهچن تہ هي پرسڪون ۽ باوقار ملاح هرڻ وانگر آزاد فضا ۾ ڪڏندا وتندا آهن زمين جومهربان ۽ نرم ڇهاءُ ۽ هنن کان هر قوت فيصلہ کسي وٺندو آهي. صحيح ۽ غلط برو ۽ ڀلو هنن کان سڀ وسري ويندو آهي. ٿڪل پکيءَ وانگر هو سمنڊ جي وسيع سيني تي هو بي چيني سان ڪنهن باريڪ ڀوري زمين جي ليڪ جي تلاش ۾ هوندا آهن.

جيئن ئي جهاز ٿڪل قدمن مان ڪنهن بندگاهہ ۾ داخل ٿيندو آهي. انهن کي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿيندي آهي هنن کي بس هڪ ئي ڳالهہ ياد هوندي آهي تہ زمين جي ڪشش هنن کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي. هنن تي جنون جي ڪيفيت هوندي آهي هو قيدي جانورن وانگر جيڪي سالن جا جهنگل جي آزاد فضا جا سڪايل هوندا آهن.

زمين سان ميلاپ جي ڪري هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هوندا آهن. ٿورن ڏينهن ۾ هو زمين جي دنيا جو گهڻي کان گهڻومزو وٺڻ چاهيندا آهن هزارين خواهشون بيشمار تمنائون هنن جي دلين ۾ تڙپنديون آهن پر ايترين تمنائن کي هو اجا پورو ئي نہ ڪندا هئا جلد ئي لنگر ڪنهن ٻئي طرف ڏانهن کنيا ويندا هئا ۽ هي ملاح وري ڌرتي جي سڪ سيني ۾ سانڍي روانہ ٿي ويندا هئا. هڪ ٻئي ۽ نئين ڪناري جي تلاش ۾.

روٽندا جيئن ئي ڪناري لڳو جهاز ۾ قيامت اچي ويئي هيٺ لهڻ وارن ۾ سڀ کان اڳيان هڪ صاحب هو ۽ هن جي پويان عملي جا سينئر آفيسر.

ڪدم کي وهنجڻ ۽ ڪپڙا بدلائڻ ۾ ڪجهه دير ٿي ويئي هو جهاز کان لٿو هن ڏٺو تہ هَڪ صاحب چرين وانگر ٽپا ڏيئي رهيو هو ۽ ڪدم جي چوڌاري تلاش ڪري رهيو هو هَڪ صاحب هيٺ لهي سڀ کان پهريائين پنهنجي زال بابت معلوم ڪيو گهر کان خط آيو آهي جنهن ۾ لکيل هو تہ روزي خير سان اسپتال مان گهر پهچي ويئي آهي، هَڪ صاحب روڊ تي ئي نچڻ شروع ڪري ڏنو نچندي نچندي هن ڪدم کي ياڪر ۾ ڪنيو "ڪدم تو سچ چيو هو تنهنجي ڳالهہ سهي نڪتي منهنجي روزي هاڻي ٺيڪ آهي،" پوءِ هن ڪدم جي ڪيسي ۾ زوري ڪجهه پئسہ وڌا ۽ چيائين. "ڪدم اڄ اسان جهازين جي رات آهي. وڃي عيش ڪر مان هاڻي هلان ٿو منهنجي گڏي منهنجو انتظار ڪندي هوندي" هن ڪان اڳ جو ڪدم ڪجهہ چوي هَڪ صاحب هن جوهڻ ڇڏي پري بيٺل هڪ اڇي عورت سان غائب ٿي ويو.

ڪدم لاءِ هي جڳهہ نئين نہ هئي پر ماحول اهو ئي هو جيڪو هو ٻين بندر گاهن تي ڏسندو هو. اها ئي اکين کي انڌو ڪندڙ روشني اهو ئي گوڙ هنگامو ۽ اهائي ماڻهن جي اچ وڃ ڇوڪرين جا معنيٰ ڀريل اشارا ۽ مسڪراهٽون دلالن ۽ دوڪاندارن جون منٿون. اهو ئي حال هن هانگ ڪانگ، عدن، سنگاپور ۽ ٻين ڪيترن ئي بندر گاهن تي ڏٺو هو، اهڙي خوشي اهڙيون اهڙو جنون جيڪو ماڻهن تي سحر طاري ڪري ڇڏي جسم ۾ باهہ ڀري ڇڏي هنگاما آرائي جا اهي سامان جهازين جي بک لاهڻ لاءِ هوندا آهن.

ڏينهن رات سمنڊ ۾ رهندڙ هي ماڻهو هن جذبي کي محسوس ڪندا آهن ۽ اعتماد سان سمنڊ جي دنيا ۾ اهو ڪجهہ ڪندا آهن جيڪا هن جي دل چاهيندي آهي. ملاح همٿن جي جمع ٿيل قوت سان زمين تي ڪري پوندا آهن زمين سڪايل پڇارين لاءِ پنهنجون ٻانهون کولي ڇڏيندي آهي هو انهن جي طاقت ۽ همت کي گهڙي ڪن لاءِ سمهاري ڇڏيندي آهي. پيار ۽ محبت جا بکايل هي ملاح زمين جي هنج ۾ ائين ايندا هئا جيئن ٻار ماءُ جي هنج ۾.

بندرگاه جوماحول گهڙي ڪن ۾ بدلجي ويو زمين تي رهندڙ هي صحيح سالم انسان هنن جهنگلين کي ڏسي خوش نہ ٿيندا هئا هنن کي ڪهڙي خبر تہ هي ويچارا سمنڊ جي ڪشادي سطح مهينن جا مهينا قيد رهيا آهن هو زندگي ۽ زمين جي ميلاپ سان مزو ماڻڻ لاءِ ڪيڏي دل ۾ پيار سان سفر ڪري آيا هئا. خانہ بدوشن وانگر پاڻي ۾ رلڻ کان پوءِ زمين جي خوشبو لاءِ ڪيڏا بيچين هئا.

اتي ڪدم جوڪو بہ واقف نہ هو هن ڀؤ ڪري ماني کاڌي. هاڻي هوهلڪي

موڊ ۾ چانهہ جا ڍڪ پري رهيو هو. هن جي پيرن هيٺيان سخت زمين هئي. چار ئي پاسا ڏرتي جا رهاڪو هئا. انهن جو گوڙ ۽ گرم گرم ڪاڏي خوشبوءِ ٻين ملاحن وانگر هن تي سڪون ۽ اطمينان جي ڪيفيت هئي. هو مزي سان چانهہ پي رهيو هو. سگريٽ جو دونهون هن جي وات مان نڪري رهيو هو. هو روشني ۽ روشني ۾ ڪنڊڙيل ٿهڪن کي ڪن لائي ٻڌندو رهيو. هن تي نشي جي ڪيفيت هئي.

منو ميان پوڙهو هو پر عيش ۽ خوشي ماڻڻ لاءِ سڀ ڪان اڳين قطار ۾ هن سان گڏ هڪ اڇي ڇوڪري ويٺي هئي. ٻئي ڪنڌ ۾ ويٺا هئا ۽ شراب پي رهيا هئا. ڇوڪري هڪ منٽ لاءِ بہ چپ نہ پئي ڪري. گهڙي گهڙي هو پنهنجو سينو منو ميان جي سيني سان پئي لائي، اوچتو هن جي نظر منو ميان جي، اڇن وارن تي پئي. هو پيار سان هن جي وارن ۾ آڱريون گهمائڻ لڳي. جيئن ڪنهن ٻار کي ڪو دلچسپ رانديڪو هٿ اچي ويو هجي، ٿوري دير ڪان پوءِ ڇوڪري هن جي ڏاڙهيءَ کي پنهنجي هٿن ۾جهنگلي گاهہ وانگر مهٽڻ لڳي. پوءِ هن ڏاڙهي وٺي پاڻ ڏانهن ڇڪي هن جو مٿو ڪنهن چاٻي جي رانديڪي وانگر هڪ پاسي ڦري ويو اوچتو هڪ جهٽڪي سان هن ڏاڙهي ڇڏي ڏني. منو ميان جو مٿو وڃي ڪرسي سان لڳو. ڇوڪري ڏاڍيان ڪلڻ لڳي ۽ وري وارن کي پٽڻ لڳي. منو ميان رڙ ڪئي ۽ جدا ٿي ويهي رهيو. پر هن جون اکيون مزي مان چمڪي رهيون هيون. هاڻ ڇوڪري منو ميان جي ڪڇ ۾ ويهي رهي. هو هن جي ڏاڙهي ۾ آڱريون گهمائي رهي هئي. ۽ گرمجوشيءَ سان ڳالهيون بہ ڪندي رهي.

ڪڏهن منو ميان ۽ ان اڇي ڇوڪري کي حيرت مان ڏسي رهيو هو. ٻئي نسلي طور هڪٻئي کان جدا هئا ۽ عمر جي فرق ڪانسواءِ هنن جي ٻولي بہ مختلف هئي. پر ٻنهي ڪيڏي جلدي ۽ آساني سان هنن اختلافن تي قابو پائي چڪا هئا. زبان جو بہ فرق هنن جي جذباتن جي اظهار ۾ مسئلو نہ هو. هو اهڙي ٻولي ڳالهائي رهيا هئاجيڪا بندر گاهن جي زبان هوندي آهي. جنهن کي هر سارنگ ۽ پورٽ تي روزي ڪمائيندڙ هر عورت سمجهندي آهي. هي ملاح ڪنهن وقت ڪان هنن بندرگاهن ۾ لهندا آهن هي ٻولي ڳالهائيندا آهن هنن جون وقتي محبوبائون هن زبان سان هنن جو استقبال ڪنديون آهن. منو ميان جيڪو تمام پري بنگال جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو رهاڪو آهي. جتي ميگهنتو ٿي وهي ۽ ان جي اڇي دوست جيڪا ڪيپ ٽائون جي رهندڙ آهي ٻئي هڪٻئي سان اهائي ٻولي ڳالهائي رهيا آهن. جيئن ئي رات تيئڻ لڳي گهٽي مان ملاحن جاوڏن ۽ بي پرواهہ ٽهڪن جو آواز اچي رهيو هو. ڪڏهن ڏنو

روئندا جو سيڪنڊ انجنيئر ڊي سلوا هڪ مشڪي عورت سان گهٽي جي موڙ تي غائب ٿي رهيو هو.

هڪ ماڻهو منو ميان جي ميز جي آڏو اچي رهيو. ٻنهن ۾ ڪجهه اشارا ٿيا. ڪجهه دير تائين خاموش گفتگو ٿيندي رهي جيئن بندرگاهن تي اصول آهي پوءِ ماڻهو هوٽل ڇڏيان هليو ويو منو ميان هڪ بوتل گهرائي پنهنجي يار جي ڪن ۾ ڪجهه چيو شايد رات گذارڻ جي باري ۾ ڇوڪري هائو ۾ ڪنڌ لوڏيو منو ميان ڪدم جي ميز وٽ اچي ويهي رهيو.

”پٽ هڪ منٽ منهنجي ڳالهه ته ٻڌ“! هن وڏي پيار مان چيو. هو ڪدم کي گڏ وٺي هن طرف ويو جنهن طرف ڪجهه دير اڳ هو اڇيءَ چمڙي وارو ويو هو. هيءَ ڪجهه ڪليل جڳهه هئي. هي جڳهه هوٽل کان جدا ٿي ڏسڻ ۾ لڳي پر هئي هوٽل جو هڪ حصو ڪجهه ننڍا ننڍا ڪمرا ويرانڊي سان ٺهيل هئا جن ۾ هلڪي روشني هئي.

منو ميان هڪ ڪمري جو پردو کنيو ۽ ڪدم کي اندر وٺي هن ۾ گهڙي ويو هو انگريز ان ۾ ويٺو هو. منو ميان اوور ڪوٽ جي کيسي مان ٻه پيڪٽ ڪڍيا ۽ پوءِ تڪڙ ۾ ڪدم جي کيسي ۾ هٿ وجهي اهو ئي ننڍڙو نيري پني ۾ ويڙهيل پيڪٽ ڪڍي ورتو جنهن کي جهاز ۾ ڪدم هٿ به نه لاتو هو. ڪدم جو حيرت مان وات ڦاٽي ويو.

منو ميان ٽئي پيڪٽ هن ماڻهو کي ڏنا هن پيڪٽ وٺي نوٽن جون دستيون منو ميان کي ڏنيون ۽ جلد ٻاهر نڪري ويو.

”چاچا هي سڀ ڇا هي؟ تو اهو منهنجي کيسي ۾ ڪڏهن وڌو جي مان پڪڙي پوان ها ته توکي خبر آ ته ڇا ٿئي ها.“ ڪدم جي حيرت گهٽ ٿي ته ڪاوڙ مان چيو.

”ششش. خاموش آهستي ڳالهاءِ “منو ميان هن کي ڌڪيندي چيو ڏس پٽ مان به ڪمرا صاف ڪرايا آهن هي منهنجي آهي ۽ هي ٻيو وارو تنهنجو تون اندر وڃي ڏس ائين چئي منو ميان پردو کنيو اندر هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ وڏي کٽ تي هنڌ وڇايل هو.

منو ميان ڪدم کي چپ چورڻ جي به مهلت نه ڏني ۽ ڳالهه جاري رکندي چيو ”تون هتي ڪڏهن به اچي سگهين ٿو. هي ڪمرو هن رات لاءِ تنهنجو آهي هي

تون شرمائين ٿو ته"؟ هن ڪدم کي ڳاڙهو ڏسي چيو." اسان چاچا ڀائيتا ٿيا سين ته ڇا ٿي؟ هڪ ٻئي ڀائيءَ جا رهاڪو آهيون اسان وچ ۾ شرم ۽ حجاب جو ڪهڙو ڪم"؟

هاٿي هو روشني هيٺيان هئا. منو ميان نوٽن جي دستيءَ مان ڪجهه پئسا ڪڍي ڪدم جي کيسي ۾ زوري وجهي ڇڏيا. ۽ هن کان اڳ جو هو ڪجهه چوي وڃي پنهنجا ميز تي ويهي رهيو.

ڪدم ماڻهن جي واتان منوميان جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌو هو. پر اڄ پنهنجي اکين سان ڏسڻ کان پوءِ به هن کي يقين نه پيو اچي. هو هن جي پيءُ جو پراڻو دوست هو ڪدم دل سان انهيءَ جي عزت ڪندو هو. هو نه صرف عمر ۾ هن کان وڏو هو پر تجربي ۾ به هو گهڻو ڪجهه هو. هومنو ميان کان ڪجهه سکڻ چاهي پيو.

منوميان کي سمنڊ جي هڪ هڪ شيءِ جو تجربو هو. جهاز جي ڏڪن ڪل پرزن ۽ انجڻ جي ڪارڪردگي انهي جي محـــابي هئي. روڻندا جي انجڻ جي هڪ پرزي تي آگر رڪندو هو ۽ سڄو جهاز ان جي رحم و ڪرم تي هلندو هو. هي هئو ڪدم جي پيءُ جو پراڻو دوست منو چاچا. فنڪار ذهين ۽ تجربيڪار! پر اڄ هي سڀ ڪجهه ڪيئن ٿي ويو هو هڪدم مٿاهين کان ڪدم جي نظرن مان ڪري پيو تمام هيٺ هن جي ميز اڃان خالي هئي اداسي سان هو ڪرسي تي ويهي رهيو هو. جيترو ان جي باري ۾ سوچيندو رهيو اوترئي ان جو ذهن وچڙندو رهيو. منو ميان بل ادا ڪيو ۽ ان ڇوڪريءَ کي وٺيون ڪمري ڏي روانو ٿيو.ڇوڪري هاٿي چپ هئي.

اسٽيج ويجهو جتي ڪو بينڊ تي ڪا ڌن وڄائي رهيو هو. ان تي هڪ عورت جهڪي ويٺي هئي. هن منوميان کي ڪدم جي کيسي ۾ پئسا وجهندي ڏسي ورتو هو تڏهن کان هو برابرڪدم کي چتائي ڏسي رهي هئي. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب تاثر هو، ڪدم مٿي نهاريو ته هن جي اک وڃي ڇوڪريءَ جي اک سان ٽڪرائي ڇوڪري جون اکيون چمڪڻ لڳيون.

هن ۾ کلي عام دعوت هئي هن جي ڳاڙهن چپن ۾ دنيا جا ا رمان نظر اچي رهيا هئا. ڪدم ڇرڪ ڀريو ڇوڪريءَ جو خاموش چهرو ۽اکيون بندر گاهين جي ٻولي ڳالهائي رهيون هيون، هن ڪدم جي سڏڻ جو انتظار نه ڪيو. پاڻهي هن جي ويجهو ڪرسي ڇڪي ويهي رهي. پوءِ هن هڪ گلاس پاڻيءَ جو گهريو. ڪدم بيئرجي هڪ بوتل گهرائي ڏني. بيئر ختم ڪري هن چيو بک لڳي اٿم. منهنجي لاءِ

ڪاڏي جو آرڊر ڏيو. ڪاڏي دوران هو برابر بندر ڳاهن جي زبان ڳفتگو ڪندي رهي. هوءَ ڪدم جي هٿن تي پنهنجون ٻانهون ڊگهيڙڻ لڳي. هن جون ٻانهون برف جيان اڇيون ۽ مکڻ جيان نرم هيون. ڪدم جي جسم ڪي ڪرنٽ اچي ويو ڇوڪريءَ جو ڇهاءُ هن کي گل وانگر نرم محسوس ٿيو، هاٿي ڇوڪري پنهنجو هٿ ڪدم جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو. ڪدم هوشيار ٿي ويو پر هو پنهنجي جاءِ کان صفا نه چريو.

ڇوڪري آهستي آهستي اطمينان سان ڪاڏو کائي رهي هئي ماني کائڻ ڪانپوءِ هن اجنبي ملاح جو اکين جي اشارن ۾ شڪريو ادا ڪيو.

اوچتو ڇوڪري چرين وانگر زور زور سان کلڻ لڳي. هن جي ٽهڪن ۽ ان جي نرم ڇهاءُ ڪدم جي اندر ۾ باهه لائي ڇڏي ائين پيو لڳي ڄڻ هو سمنڊ جي وڏين وڏين لهرن تي ڊڪي رهيو هن پر ڇوڪريءَ جي نرم ڇهاءُ هن کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو هو. هو هاٿي کلي کلي بي حال ٿي رهي هئي. هن ڪدم کي آئس ڪريم جي فرمائش ڪئي آئس ڪريم اچي وئي.

”تون ڪيڏو خشڪ انسان آهين ڇا اجان منهنجو ساٿ نه ڏيندين“؟ هن ڪدم سان شڪايت ڪئي ڪدم پنهنجي لاءِ به آئس ڪريم گهرائي ورتي. آئس ڪريم کائيندي ڪدم سوچي رهيو هو ته هي ڇوڪري شايد مون کي نئون سارنگ ٿي سمجهي. ڄڻ مان هاٿي ئي دنيا جي سفر تي نڪتو آهيان ڄڻ ڪو جهنگ جو ڇٽ آهيان انهيءَ ڪري کلي رهي آهي.

” آئس ڪريم ڏاڍي مزيدار آ. مان هڪ ٻي به کائيندس. نه! اسان ٻئي هڪ هڪ کائيندا سين“ ائيس ڪريم جو ٻيو پيالو کائي ڇوڪري ڪدم جو شڪريو ادا ڪيو هن دفعي اکين سان نه پر زبان سان ”هاٿي اسان ڪافي پئندا سين.“

هوءَ ڪدم کي ائين هر شيءِ جي ائين فرماش ڪري رهي هئي ڄڻ سالن جي واقف هجي. هن درميان ڪو شرم حجاب نه هو. شايد هر بندرگاهه جو اهو ئي طريقو آهي. اجنبين جي اچ وڃ رهي ٿي ۽ تعارف ۽ تڪليف ۽ حجاب هي سڀڪجهه بي معنيٰ اهي. هي سڀ ڪجهه انهيءَ ڏينهن کان شروع ٿيو هو جڏهن دنيا جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ڪو ملاح ٿڪجي ڪنهن سمنڊ جي ڪناري سان پنهنجي ٻيڙي سميت لڳو هو.

انهيءَ ڏينهن کان هوتڪل ۽ پيار جا پياسي بندرگاهن ۾ ائين داخل ٿيندا

آهن ۽ هيءَ سامونڊي عورت پنهنجي سامونڊي مسافر جو مٿو پنهنجي سيني تي رکي هنجو سڄو ٿڪ انتهائي ۽ درد کي پنهنجي وجود ۾ جذب ڪري هن کي تازو بڻائي ڇڏي ٿي. انهن جي جسم ۾ نرمي ۽محبت جي گرمي ڀري ڇڏين ٿيون پنهنجو پاڻ آسودو ڪري هي ملاح وري سفر تي روانو ٿي ويندا آهن ۽ هي عورت سمنڊ جي ڪنهن ٽڪي ماندي مسافر جو انتظار ڪرڻ لڳندي آهي.جهازين ۾ هي عورتون انهيءَ ڪري ئي مقبول آهن.

پيار جا اجايل ملاحن ۽ ڇوڪرين جو هي رشتو هميشه کان ائين ئي قائم آهي ڪن ملاح جو ۽ برف جهڙي اڇي ٻانهن واري ڇوڪري جو به! اڄ پهريون دفعو ڪدم جي اندر جو ملاح جاڳيو هو هن زندگي ۾ پهريون دفعو اها اڄ محسوس ڪئي هئي. جنهن کي بندرگاهه ۾ داخل ٿيندڙ ٻيو سارنگ ئي محسوس ڪري سگهيٿو.

هاڻي رات اونداهي ٿي چڪي آهي. پورٽ نشي ۾ آهي سارنگ ۽ ان جون محبوبائون بار ۽ ريستورانن مان نڪري ڪنهن خاموش جڳهه جي تلاش ۾ هئا. جيڪي وينا هئا سي نشي ۾ پورا ٿي چڪا هئا اهي پنهنجي محبوبائن جي ڪلهن تي مٿو رکي ستا پيا هئا.

ڇوڪري ڪدم جي تمام ويجهو سري آئي ۽ پنهنجون ٻانهون ان جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيون، ٻين ڇوڪرين وانگر هن جي به خواهش هئي ته ڪدم پنهنجو مٿو هن جي ڪلهي تي رکي ۽ اجنبي ملاح منهنجي ايترو ويجهو اچي جو هن کي مان پنهنجي هنج ۾ سمهاريان ۽ هن جو سڄو ٿڪ سستي دور ڪريان.

هاڻي ڪدم هن کي غور سان ڏٺو هن جي مطلب وارين اکين ۾ سمنڊ جون ڇوليون هيون. هن جي جسم ۾ هن کي وراڪا ڪائيندڙ سمنڊ ايري رهيو هو. ڪدم کي هن جو جسم ۽ پيار خوبصورت لڳو ۽ هو ان جي سڏ تي پنهنجو پاڻ ڇڪجڻ لڳو. جيئن هر سارنگ سمنڊ جي پڪار تي ان ڏي ڇڪندو آهي.

ڪدم پنهنجو مٿو ان جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو ۽ پنهنجا چپ ان جي ڳاڙهن چپن تي رکي چوسڻ لڳو. جنهن جي گرمي ان جي روح تائين اثر ڏيکاريو هنن جا چپ پاڻ ۾ ائين ملي ويا جيئن به سمنڊ هڪ ٻئي ڏي تيز ايندا هجن ۽ پاڻ ۾ ائين ملي وڃن جو انهن کي جدا ڪرڻ ناممڪن ٿي پوي.

ڪدم جو منهن ڇوڪريءَ جي ٻانهن ۾ لڪل هو، هن جو مٿو ڪلهي تي رکي هو بيهي رهي ۽ ڪدم به بيهي رهيو هاڻي هو انهيءَ اونداهي ويراندي ڏي وڃي

رهيا هئا جتي هلڪي روشني وارو ڪمرو هن جو منتظر هو. پر .. نبيتن !

اوچتو هن جي ذهن ۾ نبيتن جو خيال تري آيو. هو هڪدم بيهي رهيو. هو پنهنجي ٽنگن تي بيهي رهيو، ڇوڪري هن جي منهن ڏسڻ لڳي اڄ تائين هن اهڙو ملاح نہ ڏٺو هو. هوءَ ڪرسي تي ويهي رهي ۽ همدردي سان پڇڻ لڳي.

”تنهنجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي؟ تو ڪي اوچتو ڇاتي ويو آهي “؟ انهيءَ وقت ٻاهر ڪان سيٽين جي آواز اچڻ لڳو. ڳورن بتون جو آواز ۽ رڙيون دروازا کولڻ ۽ بند ڪرڻ جي آواز ماحول جي خوبصورتي کي ڊاهي وڌو ۽ چارئي پاسا شور متل هو.

در اصل اچين ڇوڪرين ڪارن ٻورن ۽ ڪٽڪائي ملاحن سان ملي انهيءَ قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي جنهن مطابق اڇن ۽ ڪارن جوجنسي ميلاپ ناجائز ڳالهہ هئي ۽ جي اهي پاڻ ۾ جنسي ميلاپ ڪن تہ قانون جي محافظن جواهو فرض آهي. تہ هو انهن کي سختي سان روڪين ڪيپ ٽائون جي بندر گاهہ ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو هو سراسر قانون جي خلاف هو انهيءَ ڪري انهن کي ختم ڪرڻ ضروري هو.

ڇوڪري ڇرڪ ڀري بيهي رهي پر ڪدم هن کي ٻانهن کان وٺي ويهاري ڇڏيو هن پنهنجي ڪيسي مان سڀ پئسا ڪڍيا جيڪي منوميان هن کي زوري ڏنا هئا ۽ سڀ ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ ڏنا.

ڇوڪري گهڙي کن سوچيندي رهي پئسا اڃا هن جي هٿ ۾ هئا. ڏڪندي هن ٻہ نوٽ جدا ڪيا ۽ پنهنجي پرس ۾ وڌا پوءِ هن غور سان ڪدم ڏي ڏٺو انهن اکڙين ۾ بي قرار سمنڊ هاڻ ماٺ ۾ هو هاڻي طوفان جي جڳهہ تي سڪون هو هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هڪ لمحي ۾ بندرگاهہ جي هي ڇوڪري نبيتن بڻجي ويئي هئي. هڪ پاڪدامن باقي پئسہ ميز تي رکي هوءَ هلي ويئي.

ڪدم ڪرسي تان اٿيو هن کي سڏڻ لاءِ پر هو قانون جي محافظن جي گهيري ۾ هو. هن بنان ڪنهن هٻڪ ۽ شرم اهي پئسہ جيڪي ميز تي پيا هئا کيسن ۾ وڌا ۽ ڪدم کي ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون.

بندرگاهہ تي خاموشي هئي. رات بہ ڪافي گذري چڪي هئي رات بہ ڏينهن جي ٽڪ ڪان اکيون ٻوٽي رهي هئي.

چار ئي پاسا ڀڳل بوتلون ۽ شيشا پيا هئا پنهنجن ٻوٽن سان شيشن کي ڀور ڪندوڪدم جهاز ڏي وڃڻ لڳو.

بستري تي ليٽيل ڪدم پاسا ورائيندو رهيو ۽ و هاڻي سان مٿو هڻندو رهيو. اڄ رات هن کي ننڊ نہ ايندي. هڪ چهرو هر هر هن جي ذهن جي پردي تي اچي

رهيو هو. هو ويجهو آٿي پيو تہ هو ڪومل چهرو منجي من جي جاءِ تي هڪ اڇي ڇوڪري ڳاڙهو تندرست ۽ سرخي پائوڊر هنيل چهرو اچي بيو وڃي ٻن چهرن جي اکيوٽ هن کي چريو بڻائي ڇڏيو هو.

هو بستري تان اٿي ٻاهر ڊيڪ تي نڪري آيو ۽ پاڻي تي روشنين جوعڪس ڏسڻ لڳو هڪ اسٽيمر آهستي آهستي ڪناري ڏي وڌي رهيو هو. اونده ۾ اسٽيمر ڏسڻ ۾ نہ پيو اچي صرف انجون ٻتيون نظر اچي رهيون هيون.

هن جي مٿان آفريڪا کنڊ جو آسمان ستارن جو تاج پايون بيٺو هو ۽ هيٺيان ڪلندو ٽپندو بحر اوقيانوس.

آخر اڄ هو نبيتن جو پيارَ چهرو صاف ڇو نہ ٿو ڏسي؟ هن سوچيو هو پياري صورت هڪ جهلڪ ڏيکاري ڇو ٿي غائب ٿـي وڃي. هن جو چهرو ۽ ڇپن جو ترِ هن جي ذهن تي مڙي اچي رهيا هئا. سمنڊ تي پيل روشني جي ڪرڻن وانگر ڪڏهن صاف ۽ ڪڏهن ڌنڌلو. انهيءَ اکيوٽ ۾ هڪ ڇوڪريءَ جو سينو ٻانهون ۽ نيريون اکيون ۽ جسم جو هر هڪ عضوو هن جي سامهون اچي رهيو هو.

سامهون مسٽر هَڪَ نشي ۾ لڏندو اچي رهيوهو. ڪدم جي زبان تي اهي ڳالهيون مڙي ويون هيون جيڪي هن کي ياد هيون ڪدم لوڏو ڪاڏو هن جو مٿو هن جي محبوبہ جي ڪلهي تي رکيل هو. اوچتو هن جو پير ترڪيو ۽ هو هيٺ ڪري پيو. ڇوڪري ڪنهن مددگار جي تلاش ۾ هئي ۽ چارئي پاسا ڏسڻ لڳي. ڪدم ڊيڪ ڪان هيٺ لٿو ۽ هڪ کي جهلي اٿاريو ۽ ڪدم کي وڏي پيار مان چيو.

" ڪدم تون ڏاڍو سٺو آهين. منهنجي گـڏي ڪري پيئي آهي هن کي بہ اٿاري ڏي" ڪدم اندر ئي اندر ڳاريون ڏيڻ لڳو. حرامي جون هر جاءِتي گڏيون ئي گڏيون آهن هَڪَ ۽ انجي محبوبا کي ڪيبن تائين پهچائي هو ڊيڪ تي گهمندو رهيو اوچتو ڪدم جا پير بيهي ويا. هن ڏٺو جنهن ڪمري ۾ قيمتي سامان بند هو جنهن کي بنا اجازت کولڻ منع هو انهي ڪمري جو در ڪوليون منو مياڻ۾ ڊي سلوا بيٺا هئا! پوءِ هنن پلائي ووڊ جا نهيل ڪجهہ ڪوکا ٻاهر ڪديا ۽ هيٺ بيٺل هڪ ٻيڙي ۾ لاهي ڇڏيا ٿوري دير ۾ ٻيڙي غائب ٿي وئي ڪدم ائين ظاهر ڪيو ڄڻ هن ڪجهہ ڏٺوئي ناهي. خاموشي سان اڳتي وڌي ويو. ريلنگ تي جهڪندي هن کي تازي هوا چهري تي لڳندي رهي. هن هوا جي تازگي ۽ گهر ۾ هو ڪجهہ پُسي ويو هاڻي هن کي ڏاڍي فرحت محسوس ٿي رهي هئي.

●

6

"امان ! امان ! بابا ٿو اچي "

" ڪاٿي آ ؟ ڇا ٻاهر بيٺو آ؟" نبيتن پنهنجي ساڙهي نيڪ ڪندي ٻاهر نڪري آئي انهي ڪوشش ۾ هؤ در سان بہ ٽڪرائجي ويئي.

" ڪاڏهون ٿو اچي تنهنجو بابا؟"

" شايد هو هيڏانهن ٿو اچي" اڪي حوض ڏي اشارو ڪيو. هن ڪان اڳ جو اڪي ڪجهہ سمجهي نبتين حوض ڏي ڀڄڻ لڳي.

حوض جي اوپرين پاسي نبتين جي ساهرن جي عزيزن جي ڇانورن جو فصل هو. هن ٻٽي جي هن پاسي جيڪو روڊ آهي هوڏانهن هن جو ٿين جو پيٽي چمڪندي نظر ايندي هئي. ڳنڍ جنهن ۾ هن جو سامان ٻڌل هوندو هو. سا متي تي هوندي هئي. هڪ خاص جاءِ تي پهچي هو روڊ ڇڏي ٻنين ٻارن مان هلندو هو.آهستي آهستي هن جي پيتي ڦڪي ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جي گوڏ ٻڌل هن جي ڳنڍ نظر اچڻ لڳندي هئي. پوءِ ڪدم ڇتو نظر ايندو هو. هو تالاب تي اچي بيهي رهندو هو. ڳنڍ ۽ پيتي ڪپر تي رکي هو حوض ۾ وهنجڻ لاءِ گهڙي پوندو هو.

نبتين جو دل ڌڙڪي رهي هئي. اڄ هن کي سالن جي بيچيني ۽ انتظار جي تڪليف تي قابو پائڻ محال هو. ايڏي خوشيءَ جي خبر ٻڌي هن جو جسم ڌڪي رهيو هو.

هو هر هر ڪوشش ڪري رهي هئي تہ ڪدم جي هڪ جهلڪ ڏسان هن پنهنجين اکين کي ڪولي ۽ بند ڪري رهي هئي تہ جيئن روڊ تي پري تائين ڏسي سگهي. پر سارين جي سنگن ۽ تيز اُس جي روشني ۾ چمڪندڙ روڊ ڪانسواءِ هن کي ڪجهہ بہ نظر نہ آيو.

هي لاباري جي مند هئي. هاري جهڪيل لابارو ڪري رهيا هئا نبتين انهن کي غور سان ڏسڻ لڳي شايد هن کي اميد هئي تہ هنن ڪم ڪندڙن مان ڪو ڪنڌ متي ڪٽندو ۽ اهو ئي هن جو ڪدم هوندو. پر زندگيءَ جون واضح حقيقتون اهڙا معجزا ائين ٿالهي ۾ سجائي پيش نہ ٿيون ڪن. نبتين نااميد ٿي هڪ دفعو وري روڊ تي نظر گهمائي اس ۾ تپيل روڊ کي هر هر ڏسڻ سان نبتين جون اکيون پرجي آيون هن تري سان اکيون مهٽيون پوءِ هن کي خيال آيو شايد هيءَ خبر ڪوڙي هجي آخر اڪيءَ

سڀ ڪجهہ ٻڌو ڪاتان.

"اڪي هي تون ڪنهن کان ٻڌو هو تہ پٽهين پيوءِ اچي؟ هن ڪاوڙ مان پڇيو.

"پيـال گنج ۾ هڪ دوڪاندار آهي هن جو پـاءُ پنهنجي چاچا سـان ملڻ ويو هو. جيڪـو جهاز تي سـارنگ آهي هـن جي چاچا ٻڌايو آهي تہ ڪدم سارنگ بہ واپس اچي رهيو آهي."

اڪي جو جواب ٻڌي نبيتن کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

" پر تو کي ڪنهن ٻڌايو." نبتين ڪاوڙ مان پڇيو.

هن دوڪاندار جي ڀاءُ پيال گنج واپس اچي دوڪان تي ڳالهہ پيئي ڪئي. هن وقت وڏي حـويلي جي منشي جو دوڪان تي ويٺي هو. منشي هي ڳالهـ باهمن چاري ۾ ماٺهن کي ڏسي جامجي چاچا جي ڏي بہ ٻڌي هئي" هو اڪي جيڏي هئي ۽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهند ي هئي اڪي اها خبر هن کان ٻڌي هئي ۽ پنهنجي ماءُ کي ڏسي هئائين.

" تہ تو هي رام ڪهاڻي مون کي پهرين ڇو نہ ڏسي." نبيتن چڙي چيو ڇڻ سچو ڏوهہ اڪئي جو آهي. اڪي چپ چاپ پيرن هيٺـيان پيل گاهہ مهٽينديي رهي. نبيتن کي ڏيءُ تي پيار آيو هن اڪي کي يڪدم ياڪر پائي ورتو.

الائي اصلي ڳالهــ ڇا هئي ۽ هن تائين پهــچندي ڪيتــري بدلجي وئي هئي سـارنگ اچي رهيـو آ! هي خبـر سـچي هجي يا ڪوڙي پر نبـيتن کي پڪ هئي تـہ هو ضـرور ايندو، هن دل جو ڌڙڪي رهي هئي ۽ گـواهي ڏيئي رهي هئي تـہ هو اچڻ وارو ئي آهي. هن جو يقين ايڏو تہ مضبوط ٿي چڪو هو. جو هيءُ خوشي ۽ اميد ۾ ٻڌي رهي هئي پر ٿـوري ئي دير بعـد هن جي خوشي ۽ امـيـد هن کـان پنهنجو پاڻ ڇڏائڻ لڳي. ۽ بي وسي مان هن جا پير مڻ مڻ جا ٿي ويا.

پوءِ بہ ڪافي دير تائين هو حـوض جي ويجهــو بيـٺي روڊ کي ڏسندي رهي. اس ۾ تيزي اچي رهي هئي ۽ روڊ تي ڏسڻ مـشـڪـل ٿي پيو هو هن کي الائي ڇو اهو وهم ٿي ويو هو تہ ايڏي تيـز روشني ۾ هن جو مـانجهي جو چهرو نظر ايندو. ايڏي دير بيهڻ سان نبيتن جا پير آڪڙجي پيا هئا.

پنهنجي ڏيءُ جو هٿ وٺي هو مايوسي مان گـهر ڏي موٽي، گهر هوءَ بانس جي پٽ سان ٽيڪ ڏيئي ڊير ٿي وئي هي عـام ٽڪ نہ هو جيڪـا هو روز جي ڪم ڪار کان پوءِ محسوس ڪندي هئي اڪئي جو مٿو هن جي هنج ۾ هو جنهن تي هو پيار سان هٿ گهمائي رهي هئي اڪي صفا پنهنجي پيءُ تي هئي نبيتن هن جي منهن

ڏي ڏسي رهي هئي.

ڪدم جونڪ، اڪيون، هن جي ڪاڏي سڀ هن کي اڪي جي پياري صورت نظر ۾ اچي رهيو هو هن ٻڌو هو جيڪي ڇوڪريون پنهنجي ڀيءُ مهانڊي هونديون آهن اهي ڀاڳ واريون هونديون آهن. يا خدا تون منهنجي اڪيءَ کي سکيو رکجان، هن کي چاهيندڙ مڙس، سٺو گهر ان سان پريل ڀنيون نصيب ڪري.

نبيتن پنهنجي ماءُ جهڙي هئي هن منهن مهانڊو هوبهو ۽ قدبت صفا ماءُ تي هو ۽ نازڪ مزاج پڻ هي انهيءَ ڪري ئي قادر شيخ هن جي پويان پيوهو. ڳوٺ جا غنڊا چور انهيءَ کي چتائي ڏسندا هئا. انهي خوبصورت باوقار جسم ۽ نازڪ چهري هن جي راتين جو آرام ڦٽائي ڇڏيو هو.

نبيتن کي پنهنجي قسمت تي روئڻ اچڻ لڳو، هوءَ سوچڻ لڳي ته ڪاش مان پنهنجي ڀيءُ تي هجان ها، هن سان ٿورو گهٽو منهن مهانڊو ملي ها ته ائين نياڳا منهنجي پويان نه پون ها. مان ڪٿي مزي سان هجان ها.

اڪي تيزي سان وڏي ٿي رهي هئي. نبيتن جي ڳڻتيءَ ۾ اضافو ٿي رهيو هو. ڳوٺ ۾ ڏهن ٻارهن سالن جي ڇوڪري کي جوان سمجهيو ويندو هو، ٻارهن سالن جي عمر ۾ هو شادين جي قابل ٿي ونديون هيون، نبيتن کي خبر هئي ته اڪي جي شادي هن کي جلدي ڪرڻي پوندي، هؤ تيزي سان وڏي رهي هئي، هن کي ڏسي ائين پيو لڳي جڻ هي ڏهن سالن جي عمر ۾ ئي شادي لائق ٿي ويندي. نبتين اڪيلي اڪي جي ايندڙ جواني جو مقابلو ڪيئن پئي ڪري سگهي. هو جيترو سوچيندي هئي پريشانين ۾ اوترو ئي پنهنجي پاڻ کي ڦاسائيندي هئي، هن جون ذاتي پريشانيون، ڪدم جو غائب ٿي وڃڻ، سڀ ڪجهه اڪي وڌندي جسم جي آڏو گهٽ هو.

نبتين سوچي ٿڪجي پئي. اڪي جو چهرو ڪدم جو چهرو سڀ ڪجهه هن جي اکين ۾ گهمڻ لڳو. هو هڪ ظالم ڏک جي چار ۾ ڦاٿل هئي، هن جو دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي هئي. هڪدم هن جي اکين مان ڳوڙهن جو درياءُ وهي آيو، هوءَ ڏينهن رات ڳوڙها ڳاڙيندي هئي پر ڳوڙهن جو هي چشمو اڻ کٽ هو، هوءَ جيترو به سوچيندي هئي پنهنجي باري ۾ ڌيءَ جي باري ۾ ۽ مڙس جي باري ۾ اوترو ئي ڳوڙهن جو درياءُ وهي ايندو هو.

اڪي گهٽن ڏينهن کان ساڙهي جو ضد ڪري رهي هئي. هو سالن کان ماءُ جون ڇتيون لڳل ساڙهيون پائيندي هئي. هڪ دفعو وري نبيتن پنهنجي بدقسمتي تي روئڻ لڳي.

هوءَ پنهنجي سڪيلڊي ڌيءَ جي هڪ ننڍڙي خواهش پوري ڪرڻ ڪان مجبور هئي جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا نبيتن جا ڏک ۽ ڳوڙها به وڌندا ويا.

ساڙهي سان اڪيون اگهندي هن آهستگي سان اکي جو مٿو هنج مان ڪنيو" پٽ سمهڻ ڪان اڳ در بند ڪجان اڄ مون کي دير ٿي ويئي آهي. وڏيري ناراض ٿيندي".

ساڙهي جو هڪ حصو منهن تي وجهي. گهونگهٽ ڪڍي چهرو نڪ تائين لڪائي گهر کان ٻاهر نڪتي هن ٿو روئي اڳ وڏيري جي گهر ۾ نوڪري ڪئي هو سڄو ڏينهن ڪم ڪندي شام ماني کان اڳ موٽي ايندي هئي ٻين نوڪرن ۽ هن ۾ اهو ئي فرق هو. ڏينهن رات ٻين جي خدمت ڪرڻ سان هن ڏکي حالت کي وڌيڪ ڏک ٿيندو هو. انهيءَ ڪري هو شام جو گهر موٽي ايندي هئي.

پوڙهيءَ جي مسلسل اچڻ ۽ ٻکن مان مجبور ٿي هن هي ڪم ڪرڻ شروع ڪيوهو پرهاڻ پورهئي ۾ عار محسوس نه ڪندي هئي ها ننڍي وڏيري جي ترڙائپ سبب ڪڏهن ڪڏهن هو پاڻ کي بي وس ۽ مجبور محسوس ڪندي هئي.

"نبتين تو کي پنهنجي سارنگ جي ڪا خبر ملي"؟

اڄ به ننڍي وڏيري ترڙائپ سان رستو روڪيندي پڇيو. هن جي نظرن ۾ ڪميٽائپ هئي. ابتيون سبتيون وکون کڻندي نبيتن چوڌري جي پٽ جي نظرن کان بچي نڪرڻ لڳي. هن جي نظرن ۾ جيڪا بدمعاشي هئي ان کي محسوس ڪري نبيتن ڪنبي ويندي هئي.

پوئين ورانڊي ۾ وڏيري جي وڏي نهن ويٺي هئي هن پنهنجي ڏير جي ڳالهه ٻڌي ورتي اتي ويٺي ويٺي هن چرچو ڪندي چيو "اڙي تون انهي جي سارنگ جي ٽوڳالهه ڪرين وجي خبر چار ته لهه، هن ته ڏهه ٻيون ڪري ورتيون هونديون".

" هن ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي انهن ننڍن ماڻهن جو ڪم ئي اهو آ. اڄ هڪ شادي ڪئي انهيءَ کي ڦٽو ڪري ورتو وري ٻي" ڏير ٻاچائي جي ٽيڪ تي چيو.

ڪمري اندر بيٺي نبيتن ڪنن ۾ آڱريون ڏيئي ڪن بند ڪري ڇڏيا. اف هي ماڻهو ڪيڏا ظالم آهن مڙس کان وڇڙي مان اڳي ئي ڏکي آهيان ۽ طعنن سان مون کي وڌيڪ ڏک ڏيئي رهيا آهن. پوءِ منهنجو مانجهي مون کي ڇڏي ته ڪو نه ويو آ منهنجي دل تي چوي ته هو ضرور ايندو.

"تون اتي بت بڻي ڇو بيٺي آهين". وڏيريءَ ڪمري ۾ ايندي هن کي ڇڙٻ

ڪدي.

"هاٿي ٿوري دير ۾ ڪڪر ڇانئجي ويندا. ڇانور ٻاهر ڪدي ٽڙڪي تي رک ته سڪن نه ته ڪالهه تائين ڳري ڪن ٿي ويندا. هو ڳالهائيندي ٻاهر نڪري ويئي.

نبيتن هن کي ڪمري ۾ داخل ٿيندي نه ڏٺو هو. "مان اچان ٿي". هن تڪڙ ۾ چيو ۽ وڏي نهن جي ننيڙي جا ڪپڙا ڪٽي حوض ڏي رواني ٿي.

وڏيرڻ هر وقت هن کي ڇڙٻون ڏيندي رهندي هئي مگر هن جون ڇڙٻون وڏي نهن جي تعنن ۽ نندي چوڏري جي ڪني مذاق آڏو شربت ڍڪون هيون.

اڄ هن جي ڪم ڪرڻ ۾ دل نه لڳي هن جو ذهن ڪم نه ڪري رهيو هو. هن لاءِ سوچ جون تارون ملائڻ مشڪل ٿي رهيون هيون هن جا هٿ تيزي سان ڪم ڪري رهيا هئا. اوچتو هن کي احساس ٿيو ته هو ڏاڍيان ڳالهائي رهي هئي. صبح جي انتظار جي شدت هن تي وري طاري ٿيڻ لڳي هن جي اندر مان آهي نڪتي ۽ ڇپن تي اچي خاموش ٿي ويئي.

هو صبح نه آيو هو. پرڪهڙي خبر هو شام اچي وڃي يا رات جي اونده ۾ اچي ۽ ڪنهن کي خبر نه هو اچي ئي ويو هجي يڪدم نبيتن جا هٿ بيهي ويا.

هو هن وقت گهر آيو هوندو ته هو مونکي نه ڏسي ڇا سوچيندو؟ مان هي ڀهرين ئي ڇو نه سوچيو هو وڏيڪ تيزي سان ڪم ڪرڻ لڳي.هوءَ سوچي رهي هئي مون کي صبح ساڻ هن جي اچڻ جي خبر ملي هئي ڇا تي پئي ها جي مان اڄ ڪم تي نه اچان ها. سارنگ هميشه پنهنجي اچڻ کان اڳ ضرور خبر ڪندو آ.

صرف هڪ دفعو ائين ٿيو.هوءَ سخت بيمار هئي کٽ تي پيئي هئي تڏهن ڪدم بنا اطلاع جي رات جي اونده ۾ روشن تاري وانگر چمڪيو هو، هو بخار مان تپي رهي هئي ۽ شام کان بيهوش هئي. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ هن کي ڪو سڏي رهيو هو هوءَ گهٻرائجي ويهي رهي هئي. هن کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار نه اچي رهيو هو. پوءِڪنهن در ڪڙڪايو ۽ آهستي سڏ ڪيو در کول نبيتن" هان هيءَ ته ڪدم جو آواز هو، هاٿي هو چڱي طرح هوش ۾ هئي هن اٿي در ڪوليو ۽ ٻاهر نڪري آئي.

شايد اڄ به سارنگ ائين اچي ۽ آهستي آهستي در ڪڙڪائي آواز ڏيئي، نبيتن ..... در کول نبيتن هن خيال سان هن کي ڪٽ ڪاڙيون ٿيڻ لڳيون ائين هوءَ پنهنجو پاڻ مسڪرائڻ لڳي. هن جي ٿالهئي ۾ وڏيري ۾ پيالا ڇانورن جا وڏا جنهن مان

باقِ نڪري رهي هئي پوءِ هن تي ٿورڙي دال وڌائين ٿالهي پوتي سان ڍڪي هوءَ نندي نهن ڏانهن آئي. ننڍو وڏيرو جيڏو خراب هو ۽ بدمعاش هو اوتري سندس زال طبيعت جي نيڪ هئي. هوءَ ايتري نرم ۽مهربان هئي جو نبيتن کي هن کان ڪجهه گهرندي شرم محسوس ٿيندو هو. پر اڄ شرم ۾ لڄ پاسي رکي نبيتن هن وٽ ويئي. هوءَ ڪجهه گهري به نه رهي هئي. صرف اڌ سير چانور ئي ته گهريا هئا ڪنهن وقت به هن جو مانجهي اچي سگهي ٿو، کائڻ لاءِ ڪجهه سامان گهر ۾ رکڻ ضروري هو.

"هيءَ تو کي اڌ سير چانورن جي ڪهڙي ضرورت ٿي پيئي." نندي نهن حيرت مان پڇيو." بس اڄ ئي منهنجي دل تي گهري ته مان داغيل چانور کائوان"، نبيتن ڪوڙ هنيو. "نيڪ آ تون دروازي تي بيهه ته مان ڪٽي ٿي اچان "نندي نهن خوشدلي سان چيو.

هوءَ نبيتن جيئن ئي دروازي تي پهتي هن چانورن جي ڳنڍ هن جي هٿن ۾ ڏيئي آهستگي سان چيو "جلدي لڪائي وٺ پوڙهي ڏسي ورتا ته قيامت اچي ويندي."

نبتين چارئي پاسا ڏئو وڏيري ڳڙ تورائي رهي هئي، هن ڳنڍ ساڙهي ۾ لڪائي ۽ تڪڙي در کان ٻاهر نڪري ويئي.

نبيتن کان هن وقت سيڪجهه وسري ويو هو هن کي اها به ياد نه هئي ته ڪدم جي خبر هن تائين ڪيترن واتان ٿيندي هئي هن تائين پهتي آهي وڏيري جي گهر ايند ي هن اڪي جي ساهڙي کان انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪرائڻ چاهي ته هن چيو ته ادا کي ڪنهن چيو هو ته ڪدم ڪيدار پور پهچي ويو آهي هاٽي جڏهن هو ڪيدارپور پهچيو ويو آهي ته هت ايندي ڪهڙو وقت لڳندو.

صبح وانگر هاڻ به نبتين پنهنجي دل کي دلاسا ڏيئي رهي هئي. سارنگ اچڻ وارا آ اهو ايندو! ضرور ايندو! هاٽي مون وٽ اڌ سير چانور آهن هو جڏهن به ايندو گرم گرم پيٽ ٿاهي کارائيندي مانس.

ايڏي تڪڙ جي باوجود نبيتن جڏهن گهر ۾ پير رکيو ته سج لهڻ وارو هو. اڪي چوزا کڏ ۾ بند ڪري رهي هئي. ڪڪڙيون جو جائزو وٺڻ لڳي. هن جي وزن ۽ گوشت جو اندازو لڳائڻ لڳي. هن جي وڏڻ ۾ ڪافي دير نه لڳندي ها پرڪڪڙ اجان ننڍو ۽ نرم هو.نبيتن فيصلوڪيو ته سارنگ لاءِ ڪڪڙ جو گوشت ئي جهٽ تيار ٿيندو. هو الائي ڪڏهن ڪو بکايل هجي هن لاءِ کاڌو جيترو جلد تيار ٿئي

اوترو ٿي سنو آ. جڏهن رات جا پاڇا وڌڻ لڳا، نبيتن بتي ۾ ترو تيل وڌو ۽ وٽ رڌائي وراندي رکي پوءِ هو ڳنڍ چوڙي چانور صاف ڪرڻ لڳي. هن ڪنڌ کڻي اکي ڏي ڏٺو. شايد هن کي ڪا نئين خبر ملي هئي مگر اکي جي چهري تي ڪنهن نئين ڳالهه جا آثار نہ هئا. هو حيرت مان ماءُ جو منهن تڪي رهي هئي هي ماءُ کي ڇا ٿيو آهي. جو هن وقت بتي باري ڪم ڪري رهي آهي. جڏهن کان نبتين جي گهر ۾ چانور ڇڙڻ جو ڪم ختم ٿيو هو. هو شام تي ئي بتي وسائي ڇڏيندي هئي. نبتين ترڙو تيل نندي وڏيري کان وٺي رکي ڇڏيو هو تہ جيئن ضرورت ۾ ڪم اچي ۽ هاڻي اکي کي انهي قيمتي تيل جي ضايع ٿيڻ جو افسوس ٿي رهيو هو.

چانور صاف ڪري هن ٿالهي ۾ رکيا چانورن جا ڪٽا جيئن سارين۾ هئا هن پنهنجي تنهن سان ڪوٺي ڪديا ۽ ٿالهي سان ڍڪي نبيتن مٿي جاري ۾ رکي ڇڏيا.

"اکي ات هل ماني کاءُ" اکي کي پنهنجي ماءُ جي آواز ۾ غير معمولي ميناس ۽ نرمي محسوس ٿي. ماءُ ڏيءُ پليٽ جي چوڌاري ويهي رهيون هوءَ ماني کائڻ کان پوءِ ستي نہ پر بتي کڻي سڄي گهر ۾ گهمندي رهي گهر ۾ ڪيترائي ڪم ڪار هئا جن لاءِ هن کي وقت ئي نہ ملندو هو پراڄ هن کي اهي سيئي ڪم ياد اچي رهيا هئا گهر جون پيتيون خراب ٿي رهيون هين گهڻي وقت کان هن ڪالمب جهنب نہ ڪئي.هئي ڪمري جي اوپارين پٽ ۾ ڪوئن جا ڏرڙ هئا نبتين ڪيترائي ڀيرا سوچيو تہ هنن سوراخن کي بند ڪري ليپو ڏيئي ڇڏي پر هو سوچيندي ئي رهجي ويئي ۽ سوراخن جو تعداد ڏينهو ڏينهن وڌندو ويو.

گهر ۾ هڪ ئي ڇڪو هو جنهن جي رسي بہ ڍري ٿي چڪي هئي. هو ڪنهن بہ وقت ٽٽي سگهي ٿون ڪٿان رسي جو ٽڪرو بہ آندو هو پر اهو ائين ئي پيو هو اڄا تائين نہ نهي سگهيو.

سارنگ هي سڀ ڪجهہ ڏسي سوچيندو تہ هن کي گهر سان ڪا دلچسپي ئي نہ هئي.هي ڪيتري نہ خراب ڳالهہ هئي ۽ پوءِ هن جي ذهن ۾ هي خيال ڄمي ويو باهر اونده ۾ ڪنهن جي ڳورن جوتن جو اواز اچي رهيو آهي. ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو ڪو گهر ۾ داخل ٿيندو. هو خوشيءَ مان ٽڙي پوندي ۽ وڃي ان سان ياڪرين پئجي ويندي.

"امان! تون بتي وسائي ڇڏ نہ تہ سڄو تيل ختم ٿي ويندو" اکي جي آواز سان جڻ هوءَ جاڳي ۽ حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آئي هن بتي وسائي ڇڏي ۽ کٽ تي اچي سمهي رهي هوءَ ستل بہ دفعا چرڪ پري اٿي ائين پيو لڳي جڻ ڪو آهستي در

ڪڙڪائي رهيو آهي رات پرسڪون ۽خاموش هئي پر پري تائين ڪو آواز نہ هو.

ڪنهن وڻ جي ٽاري ٽٽي ۽ وڏي گهر جي ٽين واري ڇت سان لڳي. نبيتن خوف مان ڏڪي ويئي هڪ ڪتو هن جي گهر گهڙي آيو نبيتين جو ساهہ نڪرڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو ڄڻ ڪو هلندو هن جي دروازي تي اچي بيهي رهيو آهي. حشمتي جو پٽ روئي رهيو هو قربان پنهنجي‌زال کي ننڊ مان اٿاري رهيو هو هو "اٿ جلد ڪر" نبيتن ڇرڪ ڀريو شايد هن کي ڪو آواز ڏيئي رهيو آهي وقت گذرندو رهيو پر پيرن جو ڇاتل سڃاتل آواز هن وري نہ ٻڌو. هو چپ ڪري ستي رهي. ڪو ننڊڙو آواز ٿي ٻڌي پر سارنگ هن کي اچي نہ اٿاريو ٽڪ ۽ اوجاڳي ڪان نبتين جون اکيون سڄي ويون هيون. بانسن جي ڇت ۾ هڪ سوراخ هو سارنگ جو چهرو هن مان ڏسي رهيو هو. هو ڦڪو ۽ ڪمزور لڳي رهيو هو هن جا مضبوط لڱ ڪمزور لڳي رهيا هئا. نبيتن کي هن جو چهرو ڪمزور محسوس ٿيو خطري جي ڳالهہ هئي. هو الائي ڪهڙا سمنڊ پار ڪري هن وٽ آيو هو هو الائي ڪهڙا ڪشت ڪشالا ڪاٽي هن وٽ آيو هو. هن جو ڪمزور ٿيڻ تعجب جي ڳالهہ نہ هئي. هو هاٿي ڪلي ڪلي نبتين کي ساڙهيون سٽيا تيل، ڦٽي، وارن جون پنون، الائي ڇاڇا ڏيئي رهيو هو. هو اڪي لاءِ بہ سٺيون سٺيون شيون آنديون هيون. هڪدم هن ننڊ مان ڇرڪ ڀريو، شايد سارنگ هن کي آواز ڏيئي رهيو هو. "نبيتن در کول نبيتن" ....!

هو اٿي ويهي رهي ۽ در ڏي ڀڄي .... پر ٻاهر اجان اونداه جي گهري ۽ ويڪري چادر وڇايل هئي.

پري پري تائين ڪو بہ آواز نہ هو. نبتين اونده ۾ اکيون ڦاڙي ڏٺو پرچارئي پاسا اونده ! ظالم ۽ مانيٺي اونده ڇانيل هئي. هن جي قسمت وانگر ڪجهہ چمڙا، اونده ڇانيل هئي هن جي قسمت وانگر ڪجهہ چمڙا وانده ۾ ڳالهائي رهيا هئا ڄڻ اُهي بہ هن جي قسمت تي ماتم ڪري رهيا هجن هن دروازوبند ڪري ڇڏي ۽ بستري تي اچي ڪري پيئي.

ڏک ۽ مايوسي مان هن جو جگر ڇيهون ڇيهون ٿي رهيو هو هن کي ائين رستو ڏسڻ بيڪار محسوس ٿيو منهنجو مانجهي پري تمام ڪنهن سمنڊ جي لهرن ۾ گم ٿي ويو آهي. شايد پوڙهي نيڪ ٿي چوندي هئي. هن جون خوفناڪ ڳالهيون هن کي سچيون محسوس ٿيڻ لڳيون صبح ٿيڻ ڪيڏي خوش ۽ پر اميد هئي. پر هاڻي هن جون سڀ اميدون ختم ٿيڻ لڳيون هن کي پنهنجو اندر خالي خالي

محسوس ٿيڻ لڳو. هن وهاڻي کي ڪٽي زور ڏنو. ڳوڙها وهي وهاڻي ۾ جذب ٿيڻ لڳا. اڄ هو گهٽن ڏينهن ڪان پوءِ وڏي آواز ۾ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي.



7

نبيتن دير ڪان پير جي وٺ کي ڏسي رهي هئي ائين لاڳيتو مٿي ڏسڻ سان هن جي اکين مــان پاڻي وهڻ لڳو هو. شــايد وٽن جي ڪندن ۾ هن کي پنهنجي زندگي جو سور محسوس ٿي رهيو هو ڪي ڪي سڪل بيمــارين ڪنهن ڪنهن ٽاري تي ڏک ڀري ماضي جي تصوير ٺٽيل هئا. مٿي ٽارين ۾ نوان گونچ نظر ڪان پري لڪل هئا نبيتن هنن ڦتندڙ نون گونچن ۾ مستقبل جو سهڻو خواب ڏسڻ چاهي پيئي. هي ڪمــزور ۽ ننڍڙا گــونچ جلدي وڏن پنن جي شــڪل اختــيــار ڪري وٺندا پوءِ سڀ ٽاريون پيرن سان پرجي ويندبون ڪچا پير آهستي آهستي ڳاڙها ٿيندا ۽ ائين سال گذري ويندو پر ......

"پر" هن جي زندگي کي سهارو ڏنو هو. نبتين جلد ڏيان ٿي چار ڏي ڪري ورتو جيــڪــو ڪافي دير ڪــان وڇايل هو. ڏور ۾ ڳنڍ ڏيئي هو وري چار نــاهڻ لڳي هي چار هوءَ مجي چاچا جو نــاهي رهي هئي. اهڙو ئي هڪ چار هوءَ پهرين به نــاهي هن کي ڏيئي چڪي هئي گهر جو ڪم ڪار ڪري نبيتن هي چار ٺاهڻ ويهي رهندي هئي هڪ چار نــاهڻ جا هن کي به روپيــا ملندا هئــا هن ســوچيو مــون وٽ هاڻي چار ورپيا ٿي پوندا. اڪي جي ساڙهي خريد ڪنديس هڪ دفعو هن ڪوري و

گــهــري رنگ جي ســاڙهي ڏني هئي جيــڪــا هن کي ڏاڍي وٽي هئي. پنهنجي ڪپــڙن جو هن کي فــڪــر نه هــ. وڏيري ۽ ان جي ننهن جون ٽتل قــاٽل پراٽيــون سراٽيون ســاڙهيــون هن لاءِ ڪافي هيــون هن ڪــان وڏيڪ جي هن کي خواهش به نه هئي.

الائي ڪتــان پوڙهي لٽ ڪــڙڪائيندي ڪنجهندي اچي پهتي هن پنهنجي لٽ ٿلهي سان رکي ۽ پاڻ پت سان ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي.

روز مــاٺهو مرندا رهن ٿــا پر هن پوڙهي کي موت به وساري ڇڏيو آهي. هو بيــمــار ٿي پوندي ۽ ڪجهــ ڏينهن ڪــان پوءِ وري چاڪ چڱي ڀلي ٿي ويندي هئي پوڙهي جي زندگي هن لاءِ عذاب بڻجي ويئي هئي. هن کي پوڙهئي جو پوائتو چهرو نظر ايندو هو ته هو خوف مــان ڏڪي ويندي هئي نبــتين پوڙهي وري ڏنــو ۽ وري

پنهنجي ڪم سان ڏيان سان جمبي ويئي هن چار ڪي پنهنجي ڪاٻي هٿ تہ رکيو هو ۽ ساڄي هٿ تيزي سان ڪم ڪري رهيو هو ڌور آڱر تي ويڙهي هو جلد جلد ڳنڍ ڏئي رهي هئي ۽ ڌور جو ريل انهي تيزي سان هيٺ هوڏي نچي رهيو هو. هو چار جون ڳنڍون مضبوط ڪري رهي هئي ايتري مضبوط جو هڪ مڇي ڦاسي تہ نڪري نہ سگهي. پوڙهي نبتين جي تيزي سان ڪم ڪندڙ هٿن کي ڏسي رهي هئي اڄ هو تمام خاموش هئي. ائين پيو لڳي چڻ قادر شيخ جي لاءِ ڪم ڪندڙ هئي بڇڙي عورت جيڪا ماڻهن جي زندگي ۾ ڪنهن بري خبر وانگر داخل ٿيندي ۽ سڄي گهر کي تباه ڪري ڇڏيندي هئي نبتين جي مضبوط ارادن آڏو جهڪي پيئي هئي.

"نبتين ! تو وٽ ڪو بچيل ماني ڳيو هجي تہ پوڙهئي کي کاراءِ"

نبتين پوڙهي عورت کي حيرت مان ڏسڻ لڳي. قادر شيخ جي حولي جا عيش و آرام نوڪرن چاڪرن جي اڄ وڄ. هن جي دولت، هن جي شاندار ڪمري ۾نبيتن لاءِ قادر شيخ جي بيقراري هن ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ پوڙهي هن ڪان ڪجهہ کائڻ لاءِ گهري رهي هئي نبيتن جا تيزي سان ڪم ڪندڙ هٿ بيهي ويا نچندڙ ريل بيهي ويو.

"نبيتن مون کي ڪجهہ تہ ڏي کائڻ لاءِ هڪ گرهہ ئي ڏي ڪٿي. ڪالهہ ڪان چانورن جو هڪ ڪٽو بہ پيٽ ۾ ناهي ويو." پوڙهي عاجزي سان چيو هن جي آواز ۾ دل ڏاريندڙ ڏک هو.

نبيتن جيڪا اجان تائين حيرت مان الائي ڇا سوچي رهي هئي. هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي، بک هاڻي ان جي پراڻي دوست هئي هن کي ائين محسوس ٿيو چڻ پوڙهي جي آواز ۾ بک ان کي ئي سڏي رهي آهي.هوءَ اندرهلي ويئي. هن کي نبتين وڏي فراخ ولي سان بہ پيالا ماڻي يت ڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ماءُ ڏي بک سان ئي سمهي پونديون هيون پر نبتين بہ تي گرهہ بچائي ڪنهن ڏار ڏار پيالي ۾وجهي ڇڏيندي هئي. پاڻيءَ ۾ پسي هي چانور ڪتا تي پوندا هئا. پيٺل مرچ ۽لوڻ سان کائيندي ڏاڍو مزو ايندو هو هن بچيل چانورن مان اڪي منجهند جو بہ کائيندي هئي. نبتين سوچي هو تہ پوڙهي جي وات ۾ ڇيٽا ڏيندس پر هن وقت هو هن جي وات ۾ پنهنجي ڏيءَ جي حصي جو ڪاڌو ڏيئي رهي هئي. يت جي ٿالهي پوڙهي کي ڏيئي هن ٻي ٿالهي ۾ اڪئي لاءِ باقي بچيل چانور ڪديا. اڪي ڪافي دير ڪان غائب هئي نبتين هن جي ٿالهي رکي هن کي ڳولهڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويئي.

حوض جي ڀرسان جيڪي چانورن جا فصل بيٺل هئا نبيتن هرون ڀرون اوڏانهن وڃڻ لڳي هوءَ جڏهن بہ ايندي هئي هن جون نظرون گرم روڊ تي ڪنهن کي تلاش ڪنديون رهنديون هيون هي اهو ئي رستو تہ هو جنهن تي هلي ڪدم هن لاءِ خوشيون آڻيندو هو ۽ اها ڪنهن کي خبر تہ هو هڪ ڏينهن هن روڊ تي هلندو هن جي زندگيءَ ۾ خوشيون ڀرڻ لاءِ موٽي اچي هن روڊ کي ڏسي هو پنهنجا سڀ ڪم وڏيرڻ جون ڇڙٻون، گهر ۾ موجود چار جيڪو پورو ٿيڻ وارو هو. انهن جي مزدوري جي پيسن مان هو پنهنجي ڌيءَ لاءِ ساڙهي ونڻ واري هئي سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندي هئي تالاب جي هن پار ڀال جو گهراٿو آباد هو. الائچي ۽ انبن جي گهاٽي جهڳٽي مان صرف گهر جي ڇت نظر ايندي هئي هن طرف کان ٻارن جي خوشي مان ڪلڻ آواز اچي رهيا هيا. هنن آوازن مان هڪ اڪي جو بہ هو.

اڪي کي نہ صرف ٻي جومنهن مهاندو ورثي ۾ مليو هو پر هن جون عادتون بہ پنهنجي پيءَ جهڙيون ئي هيون هو سڄو ڏينهن هوڏي هيڏي ٽپندي رهندي هئي.

نبيتن جيئن ئي گهر کان ٻاهر نڪرندي هئي اڪي جن وانگر گهر کان غائب ٿي ويندي هئي. نبيتن فيصلو ڪيو تہ اڄ هن سان سختي سان پيش ايندس. اڪي وڏي ٿي ويئي آهي. هاڻي ان جي شادي ڪرڻ جي عمر آهي. پر هي ڳالهيون هن جي سمجهہ ۾ نہ آيون. نبيتن دل ئي دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ۽ گنج ۾ داخل ٿي اتي ٻارن انبن جي ٽاري چني وڏي هئي هنن بانسن جي ڇپري جي ڀت ۾ بيهاري ڇڏي هئي جنهن کي ٻارن مٽي سان ليپي ڇڏيو هو ڇن جي آڏو ٻهاري ڏيئي صاف ڪري هنن اتي رنگين مٽي سان طرحين طرحين تصويرون ٺاهي ڇڏيون هيون اتي ئي ڪنڊ ۾ چلهہ بہ ٺاهي ڇڏيو هو جنهن تي شايد هو ڪو رڌ پچاءُ ڪنديون هيون.

ڪجهہ وقت اڳ ڀال ۾ درگا اڪي ۽ ان جي ساهڙين ان جي نقل تي هڪ ڇن ٺاهي مختلف رنگن ۽ گلن ٻوٽن سان سينگاريو هو ۽ هاڻ هو گهيرو ڪري نچي رهيون هيون ۽ هڪ ئي آواز ۾ ڳائي رهيون هيون.

چوري ڇٽن جي فصل ۾ وئي.
اتي هڪ بہ گل نہ هو.
هن جا ڌڳها وار ڪنڌڙيل هئا.
چوري ڪنڌ کي جهٽڪو ڏنو
ٻنيءَ ۾ چارئي پاسا گل پکڙجي ويا.

نبـتين حـسـرت مـان پارن کي ڏسڻ لڳي. سـاڙهين ورهين جي هيءَ ننڍڙيون ڇوڪريون پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ گم هيون هن کان ٻاهر زندگي جا ڏک درد غم هنن جي سمجهه کان ٻاهر هو. دنيا وات ڦاڙيون الائي الائي ڪهڙا ڏک کنيو هنن جي انتظار ۾ بيٺي هئي. هن جو انهن کي بلڪل فڪر نه هو هنن کي پنهنجي پاڻ ۾ گم ڏسي نبيتن اکي کي چڙهڻ به وسري ويو.

اکي جي نظر ماءُ تي پيئي ته هو گهيرو توڙي ماءُ وٽ آئي ۽ انجي ساڙهي ونئي بيهي رهي نبيتن پيار مان ڌيءُ جي مٿي تي هٿ گهمايو هن جي نظر هڪ دفعو وري روڊ ڏي گهمي ويئي ۽ دل مان هڪ آه نڪتي.

"امان مان هتي ترسي پوان، اڄ اسان گڏجي پڪوان ناهيندا سين". اکي ڊڄندي چيو "تون هلي ماني کاءُ پوءِ اچي راند ڪجان مونکي وڏيري جي گهر وڃڻو آهي."

نبيتن کي اطمينان ٿيو ته ڌيءُ جي دل ۾ منهنجي لاءِ خوف آهي.

اکي جواب ۾ کلي ڏنو هن کي پنهنجي ماءُ جي دلڪش ۽ باوقار شخصيت تي وڏو ناز هو.

نبتين واپس آئي ته ڏٺو پوڙهي ڪاڏو ڪائي چڪي هئي ۽ هاڻي اکي جي پليٽ کي مکين کان بچائڻ لاءِ پکو هٽي رهي هئي اڄ پوڙهئي جو رويو بلڪل نئي مختلف هو هن جي چهري تي ڪتي به بيشمار گهنجن ۾ بدمعاشي ۽چالاڪي لڪل نه هئي.

هن جي زبان مان خوشامد ۽ مٺين مٺين ڳالهين بدران سنئين سڌي شريفانه گفتگو ٻڌي نبتين کي حيرت ٿي رهي هئي.

اکي سرڙ سرڙ جي آواز سان پنهنجو پيٽ ڪائي رهي هئي ۽ نبتين غور سان پوڙهي ڏسي رهي هئي جيڪا پيٽ ڪائڻ کان پوءِ مطمئن نظر اچي رهي هئي هڪ مٺ چانورن جي هن جي چهري کي ڪيڏو پر سڪون بڻائي ڇڏيو هو.

"خدا خوش رکئي پٽ" تنهنجي عزت آبرو جي حفاظت ڪري" پوڙهي جي آواز ۾ ايڏو خلوص ۽ پيار هو جيڪو نبتين محسوس ڪري رهي هئي. نبتين کي ياد هو ته پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪنهن ايڏي دل جي گهرائين سان پيار ڏنو هجي.

نبيتن جي سمجهه ۾ نه پيو. اچي ته پوڙهي ۾ ايڏي تبديلي ڪيئن ٿي آهي هن ڪڏهن انکي بک مـرندي نه ڏنـو ۽نه هوئي ڪڏهن ڪنهن وٽ ائين خلوص ۽ سڪ سان ويئي هئي هن جوفقط هڪ ئي سبب ٿي سگهي ٿو؟ نبيتن کي حاصل ڪرڻ

۾ ان جي ناڪامي ! شيخ قادر ان ڪيمفت ۾ تہ ماني ڪو نہ ڪارائيندو هو. هي
ٻهرين موقعو جو ساڳي جي ماءُ ڪنهن عورت جي مضبوط ارادن آءُ پنهنجن منصوبن
۾ناڪامي ڪاڏي هئي ۾پوڙهئي انهن ڳالهين جو ڪو ذڪر نہ ڪيو نبيتن ڪي سچي
دل سان ڏکهي عمر جون دعائون ڏيندي لٽ ڪٽي ٻاهر نڪري ويئي.

نبيتن جلدي اٿي بيـهي رهي اج بہ هن ڪي وڏيري جي گـهر وڃڻ ۾ دير ٿي
رهي هئي هن پليتون صاف ڪيون چار ڪٽي رکيو ۽ ٻاهر نڪري آئي انهيءَ ئي وقت
شربتي پنهنجو ٻارهنج ۾ ڪٽي اچي پهتي "ياچائي تو ڪي بابا سڏي ٿو."

شربتي جي شادي گذريل سال ٿي هئي. هن هڪ سال ۾هو هڪ ٻار جي ماءُ
پڻ بڻجي چڪي هئي. اج ڪلهہ هوءَ پنهنجي پيڪي آيل هئي ،تمام خوش هئي ۽
هن ڪي مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي .وڏي گهر ڏي ويندي نبيتن چيو. پر ڪجهہ قدم
اڳتي هلي هوءَ بيهي رهي وڏي گهر جي ٿلهي تي شيخ قادر شربتي جي پيءُ سان ويٺي
ڳالهيون ڪري رهيو هو پر هر هر هو نبتين جي گهر ڏي ڏسي رهيو هو. "هي هاٿي
آيو آهي"شربتي چيو. مان هن بدمعاش جي سامهون نہ ايندس شربتي تون وڃي پڇي
آ تہ چاچا ڪي مون ۾ ڪهڙو ڪم آهي ساڙهي جو گهونگهٽ ڪڍي نبيتن واپس
موٽي آئي. اڪي! او اڪي تنهنجي ماءُ ڪٿي آ شربتي جي ڏاڏي پوڙهي تميزالدين رڙ
ڪندي چيو.

تون اڪي ڪي جو نٿي موڪلين مان بہ هن جي سامهون نٿي اچڻ چاهيان
پنهنجي ڏاڏي جوآواز ٻڌي شربتي چيو اڪي ڪي موڪلي ٻئي پردي مان ڏسڻ لڳيون.
پٽ هيڏي اچ، اجان تہ تنهنجي ماءُ نہ آئي قادر شيخ قادر اڪي ڪي پنهنجي ويجهي
ڪندي چيو تنهنجي ماءُ وڏيري جي گهر ۾ ڪم ٿي ڪري، هي اسان لاءِ ڪيڏي نہ
شرم جي ڳالهہ آهي ڇا ڪدم جي ڪا آمدني ناهي. ڇا هن جا سڀ مائٽ مري ويا.
سارنگن ڪي ڪٽي ڪيڏيون بہ بکون اچن پر ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آ جو هنن جون
عرتون وڏن گهرن جوڪم ڪن. تميزالدين بہ ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

ڇا تو ڪي خبر ناهي تہ سارنگن جو گهراڻو ڪيڏو غير تمند آ. هن جا مرد
ڪيڏا مضبوط ۽ همت وارا هوندا آهن.جيڪي محنت مزدوري ڪري ڪمائڻ ڄاڻندا
آهن. مان تہ اج تائين ڪنهن سارنگ جي زال ڪي گهر کان ٻاهر گهمندي نہ ڏٺو آ.
"قادر شيخ وڏي آواز سان نبيتن ڪي ٻڌائيندي چيو.

"هي پنهنجي ماءُ ڪي وڃي ڏي" شيخ قادر ڪجهہ پئسا اڪي ڪي ڏيندي
پنهنجو منهن نبيتن جي گهر ڏي ڪندي چيو. "تنهنجي ماءُ ضرورت ۾ وساري سگهي

تي پر اسان هن کي وساري نٿا سگهون. ڪڏهن اسان جو پنهنجو ٿي نينگر آ ڪو غير ته ڪونهي".

پوڙهي پنهنجن منصوبن ۾ ناڪام ٿي چڪي هئي. انهيءَ ڪري شيخ قادر پاڻ ميدان ۾ لهي آيو هو. اڄ تائين هن جو شڪار هن کان بچي نه سگهيو هو. نبتين هڪ واحد عورت هئي جنهن هن جو مضبوطي سان مقابلو ڪيو هو. قادر شيخ کي شڪست جي احساس پاڳل بڻائي ڇڏيو هو. هو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو. نبتين ڪاوڙ مان اڪي کان پئسا کسي قادر شيخ سان مقابلوڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي هن جي ساڙهي منهن تان ڪلهي تان ڪري پئي هئي. قادر شيخ حرص مان اڌ لڪل حسن کي ڏسڻ لڳو. نبتين کي ڪنهن به ڳالهه جو هوش نه هو.

هن سڀ پئسا ڪٺي قادر شيخ جي منهن تي هنيا پئسا هيڏي هوڏي پکڙجي ويا. "شربتيءَ جا پيءُ ڏٺو تو! چاچا تميزالدين ڏس هن جي عورت جي همت کي تون شاهد هججان ته مان هن کي پئسا ڏنا ۽ هن ورائي منهن جي منهن تي هنيا ڪڏهن اچي ته تون هن کي ڏسجان" هاريل نوٽ ڪٺندي قادر شيخ چيو.

هاڻي نه ٿي هن کي ڪڏهن جي ضرورت آهي ۽ نه پئسن جي هاڻي هن جا بيشمار عاشق ٿي پيا آهن پوءِ هن کي پئسن جي ڪهڙي پرواهه ؟ ڪڏهن اچي يا نه اچي ڪو فرق نٿو پئي جي هو نه اچي ته سٺو آ. وڏيري جي گهر ڪم ڪرڻ ۾ جو مزو آ سو ڪڏهن ويچارو ڪيئن ٿو ڏئي سگهي. هن جو ته ست پيڙهيون به اهو نٿيون ڏئي سگهن جيڪو وڏيري جي گهران ٿوملي. شربتي جا پيءُ سمجهو تو؟ هو هڪ ئي آواز ۾ ڳالهائيندو رهيو. هن جي آواز لفظن۾ غلاظت ڏسڻ ۾ پئي آئي. نبيتن جي مضبوط ۽ خوبصورت سيني جي هڪ جهلڪ هن کي پاڳل بنائي ڇڏيو هو. هن جي لڱ لڱ ۾ باهه لڳائي ڇڏي هئي. هو اجان چوي ها پر نبتين دروازو بند ڪري وجي چڪي هئي. هن جي پٺيان اڪي به پنهنجي ساهيڙين وٽ پکو ان ناهڻ لاءِهلڻ لڳي.

نبيتن ڪم تي دير سان پهتي ان ڪري هن کي شام دير تائين ڪم ڪرڻو پيو وڏيري تمام سخت هئي. هو پنهنجو پورو ڪم وٺندي هئي. سڄو ڪم ختم ڪرڻ ۾ نبتين کي چڱي دير ٿي وئي. هو ٻاهر نڪتي ته سج جا آخري ڪرڻا وڻن تان غائب ٿي ويا هئا. اونده وڌي رهي هئي. هاري پنهنجو مال ۽ گاهن جون ڀريون کڻي موٽي رهيا هئا. روڊ بلڪل خالي هو جهرڪيون پنهنجن پکن ڏانهن موٽي رهيون هيون. چمڙن جي نڪرڻ جو وقت ٿي رهيو هو.

نبتين پٽ جي تالهي هٿ تي رکي تيز تيز قدمن سان اڳتي وڌي رهي هئي وڏيري جي گهران موٽڻ ۾ ڪڏهن به ان کي ايتري دير نه ٿي هئي. هو اونده کان ڊڄندي هئي ڇو نه ڊڄي اونداهي راتين ۾ ئي ته گهر جي چئني پاسن کان سڏ ٿيندا اهن ۽ ڳوٺ جا بدمعاش ۽ غنڊا ڪنڊن ۾ پنهنجي شڪار لاءِ لڪي ويهندا هئا.

هو جيئن ئي سٽي واري فصل جي رستي تي پهتي ته هن جو سڄو جسم ڏڪي پيو. رستي جي ٻنهي پاسن کان سٽي پري پري تائين ويٺل هئي هن جي قد کان به هٿ مٿي. هن جي ساون پنن ڪري اونده وڌيڪ ڇانئجي وئي هئي. رستو ڏسڻ مشڪل ٿي رهيو هو.

نبتين پٽ جي تالهي ساڄي هٿ کان کاٻي هٿ تي رکي ۽ تڪڙي تڪڙي هلڻ لڳي. رستو ايڏو به ڊگهو نه هو هن جي اڳيان ويڪرو روڊ هو. پر پنن ۾ هي ڪڙ ڪڙاهٽ ڇا جي؟ هوءَ اوچتو بيهي رهي ۽ ڪنهن جي آهستي آهستي هلڻ جو به آواز اچي رهيو هو آلا. نبيتن اکيون حنيي ڏيان سان هيڏي هوڏي ڏٺو پر هاڻي هر طرف خاموشي هئي. هن سوچيو شايد ڪنهن جهرڪي جي اڏامڻ ڪري لڏي رهي آهي ۽ تيزي سان اڳتي وڌڻ لڳي.

پر هو ڪجهه وکون هلي ته ڪا شيءِ سٽي لتاڙي ٻاهر نڪري آئي ۽ ان کان اڳ جو هو ڏسي ها ته انسان آهي يا جانور هن ڊڪي نبيتن کي قابو ڪري ورتو. حملو ايترو اوچتو ۽ زوردار هو جو هن جا پير ڪڇي ويا. پٽ جي تالهي هن جي هٿمان ڇڏائي هيٺ ڪري پئي. جانور چارئي پاسا هارجي ويا. نبتين جا هوش اڏامي ويا. پر پوءِ به هن جا هٿ قدرتي طور پنهنجي بچاءَ لاءِ مٿي ڪجي ويا ۽ هن کان رڙ نڪري وئي پرخوف جي ڪري هن جي نڙي ۾ آواز هو ۽ هٿن ۾طاقت.

ماڻهو (يا هوڪوجانور) پنهنجو هٿ نبتين کي ايڏو زور ڏنائين جو هن جو ساهه نڪرڻ لڳو. هن جي هڏن مان نڪاءُ نڪرڻ لڳا. ماڻهو هو يا ڪو جانور هو پنهنجو هٿ ڍرو ڪيو ۽ هن جي منهن ۾ ڪپڙو وجهي ڇڏيائين. نبيتن ڪيڏي به ڪوشش ڪئي پر رڙيون نه ڪري سگهي . پر اوچتو هن ماڻهو تي (يا هو ڪو جانور هو) خوف هاوي ٿي ويو. ڊڄڻ جي ڪا ضرورت نه هئي پر پوءِ به هو الائي ڇو ڊڄي رهيو هو.نبيتن اتي بلڪل بي جان ٿي پئي هئي. هو تڪجي پيو. هن پنهنجا هٿ گهڙي ڪن لاءِ ڍرا ڪيا ۽ ساهه پٽڻ لڳو ڪجهه دير کان پوءِ هن نبيتن کي چڱي طرح قابو ڪيو ۽ سٽيءَ جي فصل ۾گهلي ويو هن هڪ جاءِ تي نبيتن کي سنئون ڪيو ۽ پاڻ ان جي مٿان سمهي رهيو. پر نبيتن جيڪا خوف مان بي هوش ٿي

وئي هئي هاڻي سجاڳ ٿي رهي هئي. هن جي جسم ۾ طاقت بہ اچي وئي هئي. هن اکيون کوليون ۽ ڏٺو تہ هن جي مٿان جانور نہ پر ماڻهو هو. ماڻهوءَ جي لباس ۾ جانور! نبيتن سڃاڻي وئي. هن نبيتن کي پنهنجن ٽنگ ۾ قابو ڪري ورتو هو ۽ ايئن قابو ڪيو هئائين جو هوءَ لڏي بہ نہ پئي سگهي ۽ نہ ئي هٿ پير هلائي سگهي پئي. ۽ پوءِ هن جا هٿ نبيتن جي جسم تي هلڻ لاءِ نبيتن جي سيني تي، پيٽ تي ۽ هيٺ ۽ اڃان هيٺ.

نبتين کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ وڇون گهمي رهيو آهي. ماڻهو جي وات مان گرم ٻاڦ نڪري رهي هئي.هن جو منهن سڙڻ لڳو. پر انهيءَ ٻاهہ سان سارنگ جي زال نبيتن جي جسم مان چٽگون نڪرڻ لڳيون ڪاوڙ ۽ نفرت جون چٽگون ۽ پوءِ ائين محسوس ٿيو ڄڻ سڄي جي گهاٽي اونده ۾ ٻاهہ لڳي وئي آهي.

نبتين پنهنجو جسم سخت ڪري ورتو. ڄڻ شڪاري جانور پنهنجي شڪار تي ٽپ ڏيڻ وقت ڪندو آهي ۽ هڪ جهٽڪي سان پنهنجو ساڄو هٿ هن ڪان ڇڏائي ورتو ۽ پوءِ هن ماڻهو جي ٻنهي خصن کي قابوڪري ورتو ۽ پنهنجي پوري طاقت سان زور ڏيڻ لڳي ۽ زور ڏيندي رهي ۽ .... ايستائين جو هو سور مان ڦٿڪڻ لڳو.. هو جيترو پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. نبيتن اوترو ئي پنهنجي قوت سان وڌيڪ زور ڏيڻ لڳي.هن اٿي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر اجائي هن پنهنجا پيرزمين تي رکيا ۽ گوڏن سان زور ڏئي اٿي بيهي رهيو. پر نبتين پنهنجو هٿ اڃان ڍرو نہ ڪيو هن جي هٿن ۾ ايتري طاقت الائي ڪٿان اچي وئي هئي. ائين پيو محسوس ٿئي ڄڻ هو هن جانور جي سڄي مستي پاڙئون ڪڍندي. ماڻهوءَ جي سڄي جسم ۾ سور ٿيڻ لڳو ۽ هن رڙ ڪئي. هن جي رڙ سڄي مان ٿيندي اونده چيريندي ڳوٺ تائين پهچي وئي ۽ پوءِ قادر شيخ اتان ڀڄي ويو. عورت جي عزت ئي ان جو قيمتي زيور آهي هن کي موت جي خوفناڪ ڇهري آڏو بہ پنهنجي عزت جو خيال هوندو آهي.

هن جانور نبيتن جي ساڙهي لاهي ڦٽي ڪري ڇڏي هئي. نبتين پنهنجي ڪاپي هٿ سان ساڙهي ڪنئي سٽي لتاڙيندي هوءَ ٻاهر نڪري آئي ۽ رستي تي هلڻ لڳي جلد هوءَ روڊ تي پهچي وئي. هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ هو جانور انجو پيڇو ڪري رهيو آهي ان جا هزارين هٿ ٿي ويا آهن جيڪي هن کي قابو ڪري وٺندا. نبتين چرين وانگر ڊڪڻ لڳي.

هاڻي گهر اونده ٿي وئي هئي ۽ روڊ صاف نظر نہ اچي رهيو هو.هن جي پيرن

۾ ڪنڊا لڳي ويا هئا ۽ پير رتو ڇاڻ ٿي پيا هئا. هڪ دفعو هن ٿابو کاڌو ۽ ويهي رهي.هڪ دفعو هو هڪ ڇوڪري سان ٽڪرائجي ۽ڪري پئي. هن کي ڪنهن ڳالهه جو هوش نہ هو.هو پنهنجي گهر ڏي ڊڪندي رهي.

فاصلو گهٽو نہ هو پرهن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هوءَ ڪلاڪن کان ڊڪي رهي آهي آخر هوءَ پنهنجي گهر جتي پير جو وڻ هو پهچي وئي.

اڪي اڪي هن پنهنجي پوري طاقت سان آواز ڏنو پرهي آواز آهستي هو ڄڻ تمام پري اچي رهيو هو هوءَ دروازي وٽ بيهوش ٿي ڪري پئي.



8

پوءِ اهو ئي پاڻي رستي سفر، انهن ئي مست موجن سان ڏينهن رات مقابلو رستو جنهن جو ڪوانت ڪونهي لهرون جن ڪي ڪٿي نٿو سگهجي فضا سوساٽ ڪندڙ سمنڊ جون هوائون هڪپئي جي پويان پچندڙ لهرون بند گارهه پري هٽڻ ڪري نظرن ڪان غائب ٿي ويو هو. هاڻي هو وري سارنگ هئا. سمنڊ جي سيني تي ترندڙ جهاز جا بي خوف سپاهي چست، ڦڙتيلا ۽ سڪون جا مجسما. ڪدم اڪ ڪلندي ئي ويهي رهيو هن ڪين جي دري ڪولي ۽ٻاهر ڏسڻ لڳو تيز هوائون ان جي اگهاڙي سيني تي لڳي رهيون هيون. پر هن پرواهه نه ڪئي ۽اکيون ڦاڙيو پري آسمان تائين ڦهليل سمنڊ کي ڏسندو رهيو. سچ نڪرڻ ڪان اڳ سمنڊ ۽آسمان ڪيڏا پيار اٿا لڳن. جهاز تي نوڪري ڪرڻ وقت ڪدم چوڏهن سالن جو هو ۽ پندرنهن سالن ڪان هو هر روز هي منظر ڏسندو رهيو هو. پرهو ڪڏهن به بور نه ٿيو. هن منظر ۾ جادو جي ڪشش هئي جو ڪدم جي دل پرجي ئي نه ٻي صبح منجهند، شام آسمان جو هر گهڙي بدلندڙ رنگ ۽ هوا تي ترندڙ ڪڪرن جا ٽڪرا ۽ انهن جي مختلف شڪل ڏسندي ئي ڏسندي عجيب صورت اختيار ڪري وٺندا هئا. سمنڊ جي نمڪين پاڻيءَ ۾ پرين وانگر هلندڙ پاچا ڪدم کي هنن ڳالهين. سان ڪا خاص دلچسپي نه هئي رنگن جي دنيا حسن جي گهٽائي شايد هن جي سجهه ڪان ٻاهر هئي ڳاڙها ڪارا، اڇا ۽ ميٽوڻا رنگ جيڪي سمنڊ جي نيري پاڻيءَ سان اڪ ٻوٽ ڪندا رهندا هئا. ڪدم هنن کي وڏي حيرت سان ڏسندو هو ۽ ان جومٿو ڦرڻ لڳندو هو. هو آسمان ڏي نظر ڪڻندو هو ته اهي ئي رنگ هن کي آسمان ۾منظر ايندا هئا. ڳارها گلابي سرمائي ۽ ٽامي جهڙا چمڪندڙ رنگ ڪوئلي وانگر ڪارا رنگ، کير جهڙا اڇا رنگ، رنگن جا هي خزانا، هنن جي ملڻ جادلڪش نمونا ڪدم حيرت مان اکيون مهٽڻ لڳندو هو. ۽ پوءِهي پراسرار سمنڊ، هن جو ڦهلجڻ هن جي ويڪر ۽ پري ۽ تمام پري جتي آسمان ۽ پاڻي خوشيءَ مان نچندا ۽ نئين روپ سان ڏسڻ وارن جادل موهيندا آهن.

اڄ صبح به ڪدم جون نگاهون سمنڊ ۽ آسمان جي چار ۾ ڦاسي پيون هيون ۽ هن جي دل دري تان هٽڻ نه پئي چاهي تڏهن اوير ۾ جتي آسمان لهي ساگر جا چپ چمي رهيو هو. سچ جي پهرين ڪرڻن هن کي پنهنجي ڳاڙهين ڳاڙهين اکين

سان ڏٺو. پوءِ هو سمنڊ جي سيني مان لهي آيو. آسمان وڏي پيار سان ان جي آجيان ڪئي ستل دنيا سجاڳ ٿي ۽ نئين زندگي جنم وٺي رهي هئي. تڏهن آسمان بي چين هو. ۽ هوا تيز ۽ سمنڊ ٻه سهڪي رهيو هو.

هر لهر ان نئين جنم جي قاصد هئي آسمان خوشيءَ سان پريات جي مٿي تي عنبر هنئي هئي ۽ سمنڊ جون لهرون خشڪي ڏي. جهنگ ۽ ميدانن ڏي بندرگاهن ۽ ڳوٺن ڏي پچنديون اچي رهيون هيون. نئين ندگي جي خوشخبري دنيا وارن کي جاڳي ٻڌائڻ لاءِ.

سمنڊ صبح جي وقت نه جوش ۾ هوندو اهي ۽نه مانيٽو. سمنڊ صبح جو وقت نه خوفناڪ هوندو آهي ۽ نه ڪاوڙيل سمنڊ صبح جي وقت انهي جوان ڇوڪري وانگر هوندو آهي. جنهن کي زندگيءَ جي مزي واري تجربي جو ذائقو پهريون ڀيرو نصيب ٿيو هجي. جنهن جي انگ انگ مان رس ٽمندو هجي. Test

هو سڄي دنيا کي هن دنيا ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ بي چين هوندي آهي. پهرين تجربي جو خيال ايندي ي هو شرمائجي ويندي آهي. اکيون جهڪائي، ويڙهجي هو واپس موٽي ايندي آهي.سمنڊ کي سجاڳي جي هن گهڙي جادو ڪري وڌو هن وهندڙ وهڪري ۾ ڳاڙهي رنگ جي تڙپ سان سمنڊ جو پاڻي جهرمن جهر مر ڪري رهيوهو آسمان هن کي ياڪر وڌو هو ۽هوا مور چل هلائي رهي هئي پاڻي ۽ آسمان جي رنگ ۾ فرق مشڪل ٿي پيو هو. ٻئي هڪ ئي رنگ گهري ڳاڙهي رنگ ۾ سمايل هئا.

هاڻي سج مٿي ايري رهيو هو.هن جي رفتار تيز ٿي رهي هئي. چڻ هن کي ڪٿي تڪڙو پهچڻو هجي. آسمان جو رنگ به مٽجي رهيو هو. گهري ڳاڙهاڻ تي هلڪي ڦڪي ۽ نيري رنگ جي چادر چڙهي رهي هئي.

تڏهن آڪاش ۽ ساگر جيڪي ياڪرين پيل هئا هڪ ٻئي کان جدا ٿيا.پيار جي سونهري زنجير هڪ جهٽڪي سان ٽٽي پئي. ايئن پئي لڳوڄڻ هنن ۾ميلاپ هو ئي نه هاڻي آسمان پنهنجي ڪڪرن جي ٽڪرن کي جهڳٽي جي صورت ۾ ناهي سج جي چوڌاري نچي رهيوهو. اوچتو جهاز تي گهنٽيون وڄڻ لڳون ڪدم هوش ۾ اچي ويو هو ائين دروازي کي کولي ٻاهر نڪري ويو. جهاز جي ٻئي حصي ۾ ٻاهم لڳي وئي هئي دونهين جا ڪڪر اٿي رهيا هئا. هوا تيز هئي. انهيءَ ڪري ٻاهم تيز ٿي رهي هئي. ڪدم سوچيو جي باه جلدي نه سوائي وئي تہ جهاز جو خير ناهي.

"روٽنڊا" سڙي رهيو هو ۽ چارئي پاسا بي انداز پاڻي هو. خشڪيءَ جي

رهاڪن لاءِ اهڙي حادثن جي ڪا خاص اهميت ڪانهي.بس ايتري جو ٻئي ڏينهن تي اخبار ۾ اچي ها تہ روٽندا جهاز سڙي ويو ۽ بحري ائٽلانٽڪ ۾ ٻڏي ويو . پرروٽندا جي مسافرن لاءِ تہ هي زندگي ۽ موت جو سوال هو. هنن کي تہ هيءُ ڳڻتي هئي جوباهہ نہ وسامي تہ لکن جو زيان ٿي پوندو. جهاز ۾ وڏا وڏا سوراخ ٿي پوندا ۽ سمنڊ جو پاڻي جهاز ۾ ڪاهي پوندو ۽ پوءِ پاڻي جي وزن سان جهاز آهستي آهستي ٻڏڻ لڳندو سارنگ خوف ۾ سمنڊ ۾ ٽپا ڏيڻ لڳندا. جنهن جو ڀاڳ هوندو بچي پوندو نہ تہ پاڻيءَ جي چادر ۾ هميشہ لاءِ سمهي پوندو. شعلا ائين وڌي رهيا هئا ڄڻ بلائون وات ڦاڙيو سڀ ڪجهہ ڳهي ونديون.

پر روٽندا جا ملاح وڏا هوشيار ۽ ڦڙتيلا هئا ۽ خطري مهل هر گز نہ گهبرائيندا هئا هو اطمينان سان باهہ جو مقابلو ڪندا هئا. هن وقت بہ هو گهير و ناهي باهہ جو چوڌاري بيٺا هئا ۽ وڏن وڏن پائپن سان باه وسائي رهيا هئا ائين پيو لڳي ڄڻ سندر ٻيلي شڪاري آهي ۽ زخمي شير کي ڀالن سان ماري رهيا آهن. ٿوري دير ۾ باه وسامي وئي. جهاز بچي ويو. ٿورڙو سامان ضرور خراب ٿيو پر سارنگن کي ان جي پرواه نہ هئي.

ڪپتان هَڪ وسائڻ ۾ سيني ڪان اڳيان ڊوڙي رهيو هو، ڄڻ ڪنهن جنگ جوسالار هجي : بالا وسامي تہ جهاز جي ڊيڪ تي خوشي مان نچڻ لڳو.

اسٽور کلي ويو، بوتلن جا ڍڪ هوا ۾ اڏامڻ لڳا نہ ڪنهن جي جهل نہ روڪ ڪدم لاءِ مستر هَڪ هڪ ڳجهارت هئي.پنهنجي زال جوٻڏي پارن وانگر رنو. جڏهن هن جي چڱي ٽيڻ جي خبر ملي تہ شراب پي بيهوش نچڻ، ڳائڻ ۽ ڪيين م ڪيرين سان مزا ماڻڻ ٿوري ٿوري ڳالهہ تي هو وڦلي پوندو هو. اهڙي ۾جهاز جي سيني ملاحن لاءِ ويل ٿي پوندوهو. پر ڪاوڙ دور ٿيندي هئس تہ هن جهڙوڪو ماڻهو جهاز تي نہ ملندو هو. خوشيءَ جي موقعي تي ائين معلوم ٿيندو هو ڄڻ هَڪ صاحب هت اقليم جو بادشاهہ آهي. جنهن خزاني جومنهن کوليو هجي.کائو پيو عيش ڪيو. اهو ئي هنن جو مذهب هو. بوتلون هٿوهٿ کلي رهيو هيون. ڇهري گوشت جاپيڪٽ سارنگن ۾ورهايا ويا ، هنن پنهنجون جانيون موت جي چنبي مان آزاد ڪرايون هيون ۽هائي فتح جو جشن ملهائي رهيا هئا.

ڪدم گوشت جو ٽڪرو منهن ۾ رکيو چپ چاپ ڊيڪ تي هليو آيو. جتي منجهند جي اس ۾ هوا جي گهم هئي ايتري دير تي باه جي ويجهو ويهڻ سان ڪدم جو جسم سڙي رهيو هو. سمنڊ جي ٿڌڙي هير هن کي ڏاڍي وڻي. هو لوهہ

جي شيخ وٽي ويهي رهيو. لهرون جهاز سان لڳي رهيون هيون ۽ڪدم سوچي رهيو هو.هي لهرون ڪا ڏهون اچن ٿيون ۽ ڪاڏي وڃن ٿيون ! ڇا مان هنن لهرن مان پنهنجي جان ڇڏائي سگهندس؟ ڇا مان سمنڊ سان ڪڏهن ناتو نه ڇني نه سگهندس؟ نه ڪڏهن نه سمنڊ ته منهنجو ساهه آهه جيئن نبيتن منهنجو ساهه آهي. جيئن اڪي منهنجو ساهه آهي ۽ هو نيتن جي باري ۾ سوچڻ لڳو!!

نبيتن چوندي هئي قربان ڪي ڏس، شربتيءَ جي پيءُ کي ڏس هن جهاز جو ڪم ڇڏي زمينون خريد ڪري وتيون آهن ۽آرام سان گهر رهن ٿا. تون زمين ڇو نه ٿووٺين. زمين سان انسان جي عزت به ٿئيتي. چار چار ماڻهو هن کي سلام به ڪن ٿا جنهن وٽ زمين هوندي آهي اهو ڪڏهن به بک نه مرندو آهي هو ڪڏهن به ان جومحتاج نٿو ٿئي پر نبيتن جون ڳالهيون ان ٻڌيون ڪري ڇڏيندو هو.

تنهن تي نبيتن ڪاوڙجي ويندي هئي تو کي ته هيڏي هوڏي گهمڻ جو مزو اچي يو آه. ڇا سڄي زندگي ائين رلندو رهندين؟ ۽ مان اڪيلي تنهن جي گهرجي حفاظت ڪندي رهنديس. ڪدم ڪک تي پوندو هو. مان جهاز تان ايترو ڪمايان ٿو جو ٻني ڪاهڻ سان ان جو اڌ به نه اچي پوءِ تون ائي رڙيون ڪندينءِ ته گهر جو خرچ نٿوهلي. بنيتن چوندي هئي ٻني ٻاري ۾ وڏي برڪت آهي ۽مان قسم ڪاٺي ٿي چوان ته مون کي خرچ لاءِ ڪڏهن نه چوندس" پري نبين جي ڳالهه ڪدم جي دل تي اثر نه ڪندي هئي.

موڪلن ۾ ڪدم وڏي شوق سان گهر ايندو هو ۽ ڏيسارو ڪان نبيتن لاءِ طرحين طرحين سوکڙيون گهر آڻيندو هو. ٻه چار ڏينهن ته ڏاڍي خوشي سان گذرندا هئا. پر ڳوٺ جي بور ڪندڙ ماحول مان ڪدم جلد ئي بيزار ٿي پوندو هو. ٻني باورهجي ته ماڻهو جي دل لڳي رهي پرهتي ته ڪائڻ ۽ سمهڻ ڪان سواءِ ڪو ڪم ئي نه هو هن کي سمنڊ جيءِ پنهنجي دوستن جي ياد اچڻ لڳندي هئي ۽ هن ک ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ سمنڊ کي سڏي رهي آهي هتي ڳوٺ ۾ نه بندرگاهن جهڙي اچ وڃ هئي نه جهازن وارن وش نه مشين جو گوڙ هن خاموشي مان هو تنگ ٿي پوندو هو. وڃڻ جا ڏينهن جيئن جيئن ويجها ايندا هئا هن جي بي چيني وڌندي ويندي هئي انهيءَ رفتار سان نبيتن جو روئڻ به شروع ٿي ويندو هو. هو ڪدم سان چهتي ويندي هئي ۽ منٿون ڪري چوندي هئس. خدا واسطي مون تي رحم ڪيو. مون کي اڪيلو نه ڇڏيو. ڪدم کي نبيتن جي دل جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. هن کي اته سمنڊ پاڻ ڏي سڏيندو هو هن جي ڪنن ۾ ته جهاز جي سيٽي جو آواز ايندو هو.

هو نبيتن کي وڏي پيار سان جدا ڪندو هو ۽ سفر تي روانو ٿي ويندو هو.

پر هن کي جهاز تي به آرام نه ايندو هو . ڇو ته ڏينهن کان پوءِ پيار سان جدا ڪندوهو ۽ سفر تي روانو ٿي ويندو هو. واري نبيتن کي ياد اچڻ لڳندا هئا. هن جي دل چاهيندي هئي ته پکي تي ٻاهر چاري پهچي وڃي ۽ نبيتن کي چئي اي نيڪ بخت مان تنهنجي ڪري جهاز جي نوڪري نه ڪرائي ڇڏي آهي. هاڻي ڪڏهن تو کي ڇڏي نه ويندس. هو وڏي مصيبت ۾ هو. هن کي ائين محسوس ٿي رهيو آءُ ڇڻ هو ڪنهن تيز وهڪري ۾ ڦاسي پيو آهي. جيڪو ڪڏهن هن کي سمنڊ ڏي ڇڪي ٿو. ته ڪڏهن خشڪيءَ ڏي. جڏهن هو نبيتن وٽ هوندو هو ته سمنڊ هن کي آواز ڏيندو هو ۽ جڏهن هو جهاز تي هوندو هو ته هن جي دل نبيتن لاءِ تڙپندي هئي. ڪڏهن انهيءَ جوڙجڪ ۾ ڊيڪ تان اٿي ڪئبن ۾ هليو ويو ۽ بستري تي ڪرندي ئي سمهي پيو. اک کلي ته شام ٿي رهي هئي ۽ انجڻ روم ۾ ڊيوٽي جو وقت شروع ٿيڻ وارو هو. ڪدم هٿ منهن ڌوئي ۽ ڪم تي هلي ويو.

هندستان، پاڪستان ٻه جدا جدا ملڪ ۽ هو ڪلڪتي کان جهاز تي چڙهندو هو پيسا موڪلڻ هن لاءِ تمام وڏي ڳالهه هوندي هئي پر سالڪ صاحب هن جي هي ذميواري تمام خوشيءَ سان قبول ڪئي. هن ڪدم سان واعدو ڪيو هو ته هي هن جي پگهار مان ڪجهه رقم نبيتن کي ڏياري موڪليندو ان دوران ڪدم کي نبيتن جو فقط هڪ خط ڪولمبو ۾ مليو هو. هو هن جوآخري خط هو . هن کان پوءِ ڪدم ڪيترائي دفعا هندي سمنڊ پار ڪيو. بحر ائٽلانٽڪ جا ڪيترا گهمرا ڏنا پرنيستن جو خط نه اچڻو هو نه آيو جيتوڻيڪ هن جي جهاز جڏهن به ڪنهن بندر گاهه تي لنگر ڪيرائيندو هو. ته هو هڪ خط بنيتن جي نالي ضرور موڪليندو هو. پر نبيتن ڪنهن هڪ خط جو به جواب نه ڏنو. ڪدم پريشان ٿي سوچيندو هو الائي نبيتن کي منهنجو خطا مليو يا نه ڪولمبو ۾ جيڪي خط مليو هو تنهن تي ڪيدار پور جي ائڊريس هئي پر ڇانبيتن کي خبر ناهي ته مان "رووتندا" تي ڪم ٿو ڪريان ڇا هن کي شروع کان منهنجو ڪو خط نه مليو هوندو.

نه ضرور مليو هوندو نه ملڻ جو ڪو به سبب ئي ڪونهي پهرين ته ائين نه ٿيو آ . شايد هن کي ڪو لکيل پڙهيل ماڻهو نه مليو هجي جنهن کان هو خط لکرائي ڪدم دل کي طرحين طرحين تسلي ڏيندو هو پر دلجاءِ نه ٿيندي هئس ڇا پوري سال ۾ به نبتين کي ڪو به خط لکڻ لاءِ نه مليوجيڪو هن کي خط لکي ڏئي هان. اهو نٿو ٿي سگهي.

●

9

جيتوڻيڪ نبيتن بري طرح ٿڪجي پئي هئي. تڏهن بہ ٿاٻڙ جندي اٿي.هو وڏيري جي گهر باقاعدگي سان ڪم لاءِ ويندي رهي. هن مچي ڦاسائڻ جو چار بہ مڪمل ڪري ورتو ۽ مچي چاچا کي ڏياري موڪليو. هن چار جي ناهڻ مان جيڪا مزدوري ملي اُن مان اڪي لاءِ سانڙهي وٺي آئي ۽ ائين اڪيءَ جي ڪومل چهري تي خوشي جا ڪرڻ چمڪڻ لڳا.

پر وڏيري جي گهر ڪم ڪرڻ ۾ هو ڪجهہ تڪليف محسوس ڪري رهي هئي زلت ۽شرم ۾ هو ٻڏي وئي هئي جيترو وقت گهر ۾ ڪم ڪندي هئي. ننڍي وڏيري جون نظرون هن جو پيڇو ڪنديون رهنديون هيون. ڪڏ تي ڪپڙا ڌوئڻ ويندي هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هن وٽ پهچي ويندو هو. چانور ڇڙيندي هئي تہ وڏيرو ويراندي ۾ ويهي هن کي تڪيندو رهندو هو. هن کي قادر شيخ کان وڌيڪ هن مان خوف ٿيندو هو. قادر شيخ کي هن اهو ئي سبق ڏنو هو جو هن کي پنهنجي جان بچائڻ مشڪل تي پئي هئي ۽ آئنده اهڙي حرڪت ڪرڻ جي همت ئي نہ ڪندو. پر ننڍي وڏيري جي نظرن ۾ الائي ڇا هو. جو لڳ لڳ ڏکڻ لڳندو هو. هو چاهي پئي هن کي ڪو ڪم ملي گذريل ڪجهہ ڏينهن کان هو جڏهن بہ گهر کان قدم ٻاهر رکندي هئي پوڙهي تميز الدين جو اواز ايندو هو.

"پٽ گهر ۾ ويهہ" هو وڏي گهر جي ٿلهي تي ويٺو چوندو هو. ننڍي وڏيري جو ڏسڻ ڏاڍو خراب آهي. تون هي نوڪري ڇڏي ڏي.

هوءَ پوڙهي تميزالدين کي غور سان ڏسندي هئي ۽ پوءِ جلدي پنهنجو رستو وٺي ويندي هئي. هن جي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ هو هن ننڍي وڏيري جو ڏسڻ تہ جهٽ ۾ سڃاڻي ورتو هو پر قادرشيخ جنهن هيترا ڏينهن هن جو پيڇو ڪيو هن کي نہ سڃاڻي سگهيو آهي.

وڏيري جي گهر پويان هڪ ننڍڙي ندي هئي. نديءَ پار سارين جا فصل هئا. هن فصل جي پرين پر بازار هئي ۽ بازار جي ڪڏ ڪڏ تيز وهندڙ ڪيال درياءَ هو. ڪيال جي ڪناري مهاڻا مڇي مارڻ لاءِ ڏوريون هٿ ۾ جهليون ويٺا رهندا آهن. هو جيئن ئي ڪا مڇي ڦاسائيندا هئا. جلدي وڪڻي ڇڏيندا هئا ۽ ائين هو ڪافي پئسا

ڪمائيندا هئا.

اٽڪل هڪ سال کان هي جڳهه چڱي ڀلي مڇي بازار بڻجي وئي هئي. جتي مڇيءَ جا واپاري ۽ دلال هتون هٽ مڇي خريد ڪري لانچ ذريعي شهر موڪليندا هئا. نبيتن ڏٺو هو ته اتي عورتون به ڪم ڪن ٿيون ۽ اڄ هو ڪم جي ڳولا ۾ هيستائين آئي هئي.

هو جيئن شهر ۾ داخل ٿي هن جي نظر ڪيال تي پئي. هن کي پنهنجي سيني ۾ ڪاشيءِ لڳندي محسوس ٿي ۽ سينو جهلي ويهي رهي.

سامهون ڪيال جو تيز پاڻي شور ڪندو وهي رهيو هو. پر ملاح لهرن جي تيز رفتاريءَ کان بي پرواه ٿي پنهنجن ٻيڙين تي چار وڇايو ويٺا هئا. لهرن جو زور ٻيڙين کي هيڏي هوڏي ڌڪي رهيو هو. پر ملاح پنهنجن جاين تي وري ڄمي وڃن پيا. تمام پري هڪ اسٽيمر وهڪري جي مخالف ڌڪي رهيو هو. هن جي پرن سان ڪتجندڙ پاڻي ڦوهارن جي شڪل ۾ درياءَ جي سطح تي ڪري رهيو هو.

نبيتن جا پير زمين تي ڄمي ويا. هوءَ دير تائين ان طرف ڏسندي رهي. جتي هي ويڪرو دريا سمنڊ جي سيني ۾ سمائجي وڃي ٿو. اتي سج جا ڪرڻا لهرن تي چاندي وانگر چمڪي رهيا هئا ۽ پري پري تائين تنهائي ۽ خاموشي ڦهليل هئي. هو گهڻي دير تائين اهن چمڪندڙ پاڻيءَ تي نظرون نه رکي سگهي هن جون اکيون پرجي آيون هن پنهنجو منهن موڙي ساڙهي جي ڪنڊ سان ڳوڙها اگهيا. اهو ئي ته پاڻي هو جنهن جي بي انتها گهراين ۾ هن جو سارنگ هن کان وڇڙي ويو هو. ڇا هو انهن لهرن تي هلندو وري موٽي ايندو؟

هن پري پري تائين پکڙيل چمڪندڙ. نيرو ۽ واڳشائي پاڻي ئي ته هن جي جنم جو دشمن هو. ڇا ڪدم به ڪڏهن اهو سمجهندو ؟

هن کي اهو ڏينهن چڱي طرح ياد هو جڏهن هو پنهنجي پيءُ جي ڪڇ ۾ ويٺي هئي. اوچتو هن جي پيءُ بنيتن جو پيءُ وري سمنڊ تي نه ويو. هو نبيتن جي حفاظت لاءِ گهر رهندوهو. ڏي جي وڌندڙ جسم ۽ قد ۽ ان جي ڇهري ۽ اکين ۾ آرس پيجندڙ بي شمار خواهشن کي پڙهي ورتو هو ۽ انهن کي ڪنهن چڱي وقت تي پوري ڪرڻ خاطر هن ڳوٺ کان ٻاهر نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو هو. تمام وڏي، هن پيءُ کي ڏٺو الائي هن جي نظرن ۾ ڇا هو ان ڏينهن کان پوءِ نبيتن ڏي ڏسندي ڇيو هو منهنجي پٽ هاڻي وڏي ٿي وئي آهين.

ملاحن جي ڳوٺ سان مليل ناريل جي ڊگهن ڊگهن وڻن جي جهڳٽن جون

قطارون دريا جي ڪناري پري تائين ڦهليل هيون. ناريل جا ويڪراپن سمنڊ کان ايندڙ هوا ۾ لڏي رهيا هئا. نبيتن کي هي باوقار ڏکيا ۽ پڪا وڻ ڏاڍا وڻندا هئا پر ان کان به وڌيڪ هو زمين هئي جيڪا ملاحن جي چڱن جي پويان پري پري تائين ڦهليل هئي. نبيتين وڏي حسرت مان هن ساوڪ کي ڏٺو. ڇا هن زمين جو ننڍڙو ٽڪرو منهنجي نصيب ۾ ناهي؟

پوءِ هو وڃڻ لاءِ موٽي، نه مان اهڙي جاءِ تي ڪم نه ڪندس جتي ظالم ڪيال وهي ٿو. جتي سمنڊ جو چاندي وانگر چمڪندڙ پاڻي مون کي ڳهڻ لاءِ بيچين آهي. جنهن جي ظالم لهرن ۾ منهنجو سارنگ گم ٿي ويو آهي. خوف ۽ دهشت مان هن جو ساه بند ٿيڻ لڳو ۽ هو تيز گهر ڏي ڊوڙڻ لڳي.



10

لهرن جو گهاٽو نيرو رنگ گجيءَ جي اڇاڻ ۾ اجان نہ بہ اڃو لڳي رهيو هو. هي لهرون ڏينهن رات گوڙ ڪنديون آهن. تڏهن تہ هنن جا چپ گجيءَ سان ڀريل هوندا آهن. ڪدم جهڪي هن کي ائين ڏسي رهيو هو ڄڻ هتي نبيتن جو حال لکيل هجي.

ڪنهن همدردي مان هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڪدم ڪنڌ ورائي ڏٺو.

"ڇا گهر گهڻو ياد اچي رهيو آهي؟" منو سارنگ جي نظرن ۽ مسڪراهٽ ۾ پيار ڀريل هو. هو ٽيهن سالن کان پاڻيءَ تي گهمي رهيو هو ۽ هاڻي هو هڪ ئي نظر ۾ ملاحن جي دل ۽ دماغ جي گهرائين ۾ پهچي ويندو هو.

"چڱو پٽ اڄ تنهنجي موڪل" تون ٻاهر کليل هوا ۾ وڃ ڏکيا ساهہ کڻندي تہ تنهنجي گهٽتي دور ٿيندي." منو سارنگ نرمي ۽ پيار مان چيو. هن جي هٿن جو دٻاءَ محبت ۽ خلوص جي ڪري هن جي ڪلهي تي بار ٿي پيو. جن هو پنهنجو هٿن جي زور همدردي ۽ ۽ پيار هن جي اندر پهچائڻ چاهيندو هجي.

پوءِ هو ٿورو بيهي چوڻ لڳو. "هل تہ اسان ٻئي هلون پر پهرين هڪ هڪ پيالي چانهہ پيون" هو ڪجهہ گرم پاڻي آڻي چانهن ناهڻ لڳو. هي ڪو پهريون ڀيرو نہ هو جو منو سارنگ ڪدم کي پنهنجي شفقت ۾ پناهہ ڏني هجي. هن کان پهرين بہ هو ڪيترائي دفعا ڪدم کي مايوسي ۽ بوريت جي اونداهين غار مان انتهائي پيار مان ڪڍي ايندو هو. منو ميان جو انداز حاڪماڻو هو. جهاز تي هڪ صاحب کان پوءِ هن جي طبيعت ئي سيني کان گرم هئي. ناجائز شين جي وٺڻ ۽ وڪڻڻ ۾ هو خلاف ۽ پيار جي حدن کي پار ڪري ويندا هئا. ڪدم کي بہ سيڪاريندو هو. جڏهن هر قسم جو لالچ ۽ منٿون بيڪار ٿي وينديون هيون تہ هو طعن مهڻن جا تير بہ استعمال ڪندو هو. ڪدم کي چڱي طرح ياد هو تہ هن سفر کان پوءِ منو سارنگ هن کي ڪڏهن بہ پاڻ سان نہ کڻندو پر تڏهن بہ هو ڪڏهن منو ميان سان بي ادب نہ ٿيو. ڇو تہ هن کي خبر هئي تہ منو ميان جي دل ۾ هن لاءِ بي پناهہ محبت هئي. شايد منور سارنگ کي بہ خبر هئي تہ ڪدم جي محبت اڻ لڀ ۽ ان جو خلوص جي غرض آهي انهي ڪري هو مختلف طريقن سان ڪدم جي دل تي

حڪمراني ڪرڻ چاهي پيو. هن جي خواهش هئي تہ ڪدم جي دل ۾ هن لاءِ شڪ پيدا نہ ٿئي.

منو ميان هڪ ڏهو ڪولي ان سان ڪجھ "چانور ڪديا. ۽ ڪائڻ لڳو هو هر سفر ۾ بنگال جا هي چانور پاڻ سان ڪٺندو هو. جڏهن هن کي گهر ياد اچڻ لڳندو هو تہ دهي مان چانور ڪدي ڪائيندو هو. چانهہ جي ڪتلي ۽ ڪجھ چاتور هن ڪدم کي بہ ڏنا.

منو ميان جي قرب هن کي پيءُ جي ياد ڏياري ڇڏي ان وقت هو صرف چوڏهن ورهين جو هو. ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو جهاز تي چڙهيو هو. هن کي ڪم ڪرڻ کان وڌيڪ سفر ڪرڻ ۾ مزو اچي رهيو هو. ان وقت هن جي اندر جي عجيب حالت هئي هن جو جهاز ننڍڙو هو ۽ ڪولمبو تائين ويندو هو. انهيءَ ڪري هن جو پيءُ هن کي ساڻ ڪٺي ويو هو. پي وڏي عظيم جنگ لڳل هئي چارئي پاسا ڪهرام متل هو. واپسي تي ماجل سارنگ بہ مهينا گهر رهي وري ڪم تي روانو ٿي ويو هو. هي ڏکهو سفر هو ماجل سارنگ جي زندگيءَ جو ڏکهو سفر هو وري باهمن چاري موٽي نہ آيو.

ڪدم موٽي ڏٺو منو چاچا در ڪولي وڃي چڪو هو.

ڏيک چيٽر ڪولي ڪدم عرش تي سمنڊ ڏي پٺي ڪري ويهي رهيو. هن کي ڪڏهن سمنڊ کان نفرت ايندي هئي. شديد نفرت.

اهو ئي سمنڊ تہ هو جنهن هن جي پيءُ کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. ماجل سارنگ جي موت جي قصو هو ڪيترن جي زباني ٻڌي چڪو هو. جيترا وات اوتريون ڳالهيون پرمنو ميانجي زبان ۾هن کي سچائي نظر آئي. هو ۽ ماجل سارنگ ٻئي هڪڙي جهاز تي سوار هئا. منو ميانماجل سارنگ جو سچو هٿ هو.

چار ئي پاسا خطرو ئي خطروهو. آسمان کان جهاز گوليون وسائيندا لنگهي رهيا هئا سمنڊ جي هيٺيان پري پري تائين دشمن جون آبدوزون لڪل هيون ۽ بارودي سرنگن جا چار وڇايل هئا. پاڻي جي مٿان دشمن جا جنگي جهاز گهمي رهيا هئا. ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ پاسي کان پاڻي جي اندر يا ٻاهران هن جو جهاز ٻوڙي سگهجي ٿو.

هن جو جهاز پوري انتظام سان انتهائي خاموشي ۽ احتياط سان سفر ڪري رهيو هو. هو دوست ملڪن جي بندرگاهن تي کائڻ پيئڻ جو سامان ۽ دوائون پهچائي رهيا هئا ۽ ان سان گڏ پنهنجي بچاءَ جون ترڪيبون بہ ڪري رهيا هئا. پر

احتياط ۽ بچاءَ جون هي سڀ ترڪيبون اجايون ثابت ٿيون. هڪ جرمن آبدوز جهاز جي هيٺئين حصي ۾ هڪ وڏو سوراخ ڪري وڌو جلدي سڄو جهاز پاڻيءَ سان ڀرجي ويوءِ گهڙي ڪن ۾ ٻڏي سمنڊ جي گهراين ۾ گم ٿي ويو.

هن وقت ملاح ڪيڏا بي وس ۽ لاچار هئا. حملو ايترو اوچتو ۽ خطرناڪ هو جو ايڏي وڏي جهاز جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا ڪجهه ملاحن جا جسم به ٽڪرا ٽڪرا ٿي هوا ۾ اڏامي ويا ۽ پوءِ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا. ۽ ڪيترن پنهنجي ڪپتان جي حڪم مطابق سمنڊ جي لهرن ۾ ٽپي ويا. انهن مان ڪجهه جيڪي خوش قسمت هئا بچي ويا. منو ميان ڪي هڪ جهاز بچايو ۽ هن جي پيءُ جو نالولاپتہ ملاحن جي لسٽ ۾ لکجي ويو.

اتي اڄي منو ميان خاموش ٿي ويندو هو. هو همدردي ۽ محبت مان ڪدم ڪي ڏسندو هو. پوءِ هو سمنڊ کي ڏسڻ لڳندو هو. هو ڪجهه ڏک ۽ ڪاوڙ مان پاڻيءَ ڏي ڏسي چوندو هو هي اهو ئي ائٽلانٽڪ آهي" "ظالم ۽ ڌوڪي باز" ظالم"! ڪدم جون نظرون سمنڊ ۾ ڪتل هيون گجي ڪيندڙ لهرن سان هن کي نفرت ٿيڻ لڳي. هي اهي ئي تہ لهرون آهن جيڪي منهنجي پيءُ کي ڳهي ويون هن ڪاوڙ مان سوچيو.

زمين تي مرڻ لاءِ زمين پنهنجي هنج پيش ڪندي آهي پرسمنڊ جي رهاڪن لاءِ هي پاڻي جي نيري چادر ٿي آهي. شايد انهي ڪري انتهائي ڳتي ۽ پريشاني ۾ رهڻ جي باوجود سمنڊ جي ڪشش هن کي ڇڪيندي هئي. اتي ئي ڪٿي هن جي پيءُ جو روح ڦري رهيو هو. هن جي پيءُ ئي تہ سمنڊ سان هن جي ملاقات ڪرائي هئي ۽ ملاقات جو هي رشتو ايترو تہ مضبوط ٿي ويو هو جو ڪدم ڪوشش جي باوجود بہ هن ڪّي ٽوڙي نہ سگهيون. شايد هن رشتي ۾ هن جي پي جو پيار بہ شامل هو تذهن تہ هو ايتري غم ۽ڪاوڙ جي سمنڊ جي بيپناهہ وسعتن ڪان جان ڇڏائي نہ پيو سگهي.

ڏينهن رات روٽندا ترندو هلي رهيو هو. چارئي پاسا پاڻي زمين نظر نہ پئي اچي. هي بور ڪندڙ ڊگهو سفر "روٽندا" جي چست ۽ بهادر ملاحن لاءِ معمولي ڳالهہ هئي. هنن کي خبر هئي تہ هڪ ڏينهن ڪنارو ايندو زمين جو ننڍڙو ۽ فرحت بخش نظارو ڏسي هو نچڻ لڳندا ۽ زمين تي لهي ايندا ۽ "روٽندا" جو بار هلڪو ٿيندو بي شمار شهرن مان آيل هي قيمتي سامان جنهن کي اجنبي ملڪن جي بي شمارهنن تيار ڪري جهاز تي چاڙهيو هو لاٿو ويندو ۽ هن جي جاءِ تي ٻيو سامان

روٽنڊا جي خالي گودامن ۾ پريو ويندو. جنهن کي ڪٽي هو وري پنهنجي منزل ڏي روانا ٿي ويندا شايد ٻئي ڪنهن ڪنڌ ڏي. پاڻيءَ تي هي هلندڙجهاز ديس ديس جي ماڻهن لاءِ دوستي امن محبت جو قاصد هو. ڪدم ڊيڪ تي بيٺو هو. هن جي ويجهو ئي ڪپتان هڪ دوربين سان آسمان جو جائزو وٺي رهيو هو. سج پوري طرح روشن هو. پر هن اس ۾ گرميءَ جواحساس نه هو. پرپات ڪنارو بادلن سان ڍڪيل هو. ائين پيو محسوس ٿئي چڻ رنگارنگي ڪڪرن جو هڪ لشڪر سمنڊ مان نڪري آسمان ڏي سفر ڪري رهيو آهي. آهستي اهستي هي رنگين ڪڪر چئني پاسن ڇانئجي ويا. سج ڪرڻن مان رنگ چورائي هنن قسمين قسمين روپ اختيار ڪيا هئا.

اڇي ڪپهه جي پهن وانگر ڪڪرن جون قطارون ڪٿي گلابي ڪٿي سونهري ۽ ڪٿي سرمئي ڪڪر جهاتيون پائي رهيا هئا. جيئن هو سج ۽ سمنڊ جي نه ٽٽندڙ ميلاپ مان تنگ اچي هنن جي وچ ۾ اچي ويا هجن.

اوچتو ڪاري ۽ سرمئي ڪڪرن جي جهڳٽي اڳتي وڌي هن گلابي واڱڻائي ۽ سونهري ڪڪرن کي پنهنجي پاڪر ۾ وٺي چڌيو ۽ سرمئي رنگ جي هڪ ويڪري چادر هنن رنگن کي جذب ڪري ورتو. سڄو آسمان هن هلڪي سرمئي رنگ ۾ ٻڏي ويو. ملاحن لاءِ آسمان جو هي ڏک ڇاتل سڃاتل هو. هو هفتن جا هفتا هنن جي سنگت ۾ رهندا هئا. پلا هنن کان گهٽو ڪير آڪاش جا ڏک سک سمجهندو پوءِ هوپاڻ به ته سامونڊي آسمان وانگر ڪڏهن ڪڏهن اداس ٿي ويندا هئا.

هي گهاٽا ڪارا ڪڪر سمنڊ جي خلاف پنهنجي سازش ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. ڪدمُ ڪڪ تي پنهنجون نظرون پاڻي ڏي ڪري ڇڏيون.

هڪ ريڊيو آپريٽر ڀڄندو ڪئپٽن وٽ آيو. ڪو ايس او ايس وائرليس تي پيغام ڏي رهيو هو. اسان جي مدد لاءِ اچو اسان ٻڏي رهيا آهيون."

ڪئپٽن الارام گهنٽ ۽ جهاز جي سائرن وڄائڻ جو حڪم ڏنو. هاڻي روٽنڊا پنهنجو رستو ڇڏي ٻڏندڙ جهاز جي مدد لاءِ پنهنجو رخ تبديل ڪري رهيو هو پوءِ هو تيز رفتار سان هن پاسي وڌڻ لڳو.

ملاح تيار ٿي پنهنجي پنهنجي جڳهه خاموش بيٺا هئا. هو سڀي سامان سان ليس هئا ته جيئن ئي هن جاءِ تي پهچن پاڻيءَ ۾ ٽپا ڏئي ٻڏندڙا انسانن جون جانيون بچائن هوجلد ئي اتي پهچي ويا جهاز تيزي سان ٻڏي رهيو هو.هن کي پاڻيءَ جي سطح جي تي رکڻ جون سڀ ترڪيبون ناڪام هيون.

روتندا جا سڀ تجربيڪار ملاح، منو سارنگ، ڪدم سارنگ، ڏي سلوا سيني کان اڳتي هٿا رسي جي ڏاڪڻ ۽ لائيف بوٽ سڀ هيٺ ڪيون ويون ۽ روتندا جي عرشي تي بيٺل ڪپتان هڪ ڪمان سنڀالي.

سڀ کان پهرين عورتن ۽ ٻارن جو بچائڻ ضروري هو. دنيا جي هر قانون سان ڪو هٿ چراند نٿو ڪري سگهي. ملاح وڏين لهرن جي پرواه نہ ڪندي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا. هو مسافرن کي پنهنجي بچائڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش ۾ هر هر روتندا ۽ جهاز جي وچ تي ٻيڙيون هلائيندا رهيا.

انهي وقت ٻي هڪ ٻيو جهاز اتي پهچي ويو. ۽ ٻڏندڙ جهاز جي جان بچائڻ لڳو پوءِ بہ ائين لڳي رهيو جڻ سيني کي بچائڻ مشڪل آهي.

ٻڏندڙ جهاز تي ڪيترائي مسافر بيٺا هئا. منو سارنگ ڪدم ۽ ڏي سلوا تيزيءَ سان چپو هلائي رهيا هئا. پر شايد تڏهن سيئي مسافر نہ بچي سگهندا. جوان ۽ بهادر سمنڊ ۾ ٽپي رهيا هئا. هنن لاءِ ڪپتان هڪ لائيف بيلٽ ۽ رسيون اڇلائي رهيا هئا روتندا جي عرشي تان عورتن ۽ ٻارن جي روئڻ جون رڙيون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون. هنن جا پيءُ ۽ مڙس هنن کان ڪجهہ ڪدم اڳيان سمنڊ جي طوفاني لهرن ۾ غائب ٿي رهيا هئا الائي ڪدم جي ٽولي ڪيترن ماڻهن کي بچايو هو ۽ ڪيترا بدقسمت اهي ها جيڪي پنهنجي خاندان وارن کان وڇڙي رهيا هئا. پوءِ بہ ٻنهي جهازن جي ملاحن پنهنجي جان مصيبت ۾ وجهي مسافرن کي بچائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي هئي. ڪافي دير تائين هو هن سمنڊي علائقي ۾ مسافرن جي تلاش ۾ لڳا رهيا. چڱي طرح ڏسڻ ٻنهي جهازن سائرن وڄايو ۽ پنهنجن پنهنجن راهن تي روانا ٿيا. ڪدم عرشي تي وينو ڏکيا ڏکيا ساه کڻي رهيو هو. هن جو سڄو جسم پاڻيءَ ۾ پڃي ويو هو. جهاز راني جي ڏکي سفر ۾ هن کي اهڙو هي پهريون تجربو ٿيو هو.



11

اهي ڏينهن تو وڏي مصيبت ۾ گذاريا هوندا؟ نبيتن کو جواب نہ ڏنو. انتهائي خوشيءَ مان هو ڪلي ڪدم جي آغوش ۾ هلي آئي. هن جو وس هلي ها تہ هو پنهنجي سڄي جسم کي ويڙهي ڪدم جي دل ۾ جذب ڪري ڇڏي ها ڪدم جي مضبوط ٻانهن ۾ هو پاڻ کي گهڻو محفوظ سمجهي رهي هئي. هن جون ٻريل نرم ٻانهون ننڍڙي ٻوٽي جي نرم تارين وانگر هن جي ڳچي ۾ لڏي رهيون هيون. ڪدم جي مضبوط ۾ سخت ٻانهن ۾ هوءَ بلڪل خاموش پئي هئي.

ڏينهن چڙهي ڪافي دير ٿي هئي. نبيتن پنهنجا گهٽا ئي ڪم ڪري آئي. ڪڪڙين کي ان وجهي هو آنا ڏيندڙ ڪڪڙ کي ٻهي جي ڪاري ۾ ويهاري آهي.هن جي ٽنگن کي دروازي جي ڪڙي سان رسي سان ٻڌي ڇڏيو هو. ڇو تہ بعضي بعضي مي ڪڪڙ قربان جي گهر ۾ آنو لاهي ايندي هئي. پوءِ هن اڪي کي مڄي چاچا وٽ موڪليو تہ هڪ ڏينهن لاءِ مڄي ڦاسائڻ وارو چار وٽي اچي. هن ٿورو خوشبودار تيل هٿ تي هٽي وارن کي هنيو ۽ وار سڌا ڪري ڳنڍ ڏئي ٻڌي ڇڏيا. ڪمرو خوشبوءِ سان مهڪڻ لڳو. نبيتن جو دل ۽ دماغ ڪنهن ٻي خوشبوءِ ۾ ٻهڪي رهيوهو. خوشيءَ مان هن جا هٿ پير ٻي قابو ٿي رهيا هئا.

ڦٽي صاف ڪري هن پاسي تہ رکي ۽ پائوڊر هڻڻ جو هي طريقو هن کي ڪدم سيکاريو هو. پائوڊر هٽي هن پيتي ۾ رکيو پوءِ اچتو هن کي رس پيڙن جو خيال آيو جيڪي هن رس ۾ پچائڻ لاءِ رکيا هئا. ڪدم کي رس پيڙا پسند هئا. ۽ نبيتن وڏي شوق سان ناهيا هئا. نڪر جي ديگڙي تان ڪپڙو کي هن ديگڙي لوڏي سڀ رس پيڙا ڏٺا. هو سڀ شربت ۾ پچي تلها ٿي پيا هئا، نبتين مطمئن ٿي ديگڙي ڍڪي ڇڏي.

هو هڪ دفعو وري آئيني جي سامهون بهي رهي. پائوڊر جي ڪري هن جي ڪٽڪائي رنگ اچو ٿي پيو ۽ ڏاڍو وٽي رهيو هو.

غير شعوري طور تي نبيتن پنهنجي پيتي کولي هڪ شيشي ڪڍي ڍڪ کولي هن شيشي کي سنگهيو. هن جي خوشبوءِ پائوڊر ۽ تيل کان بہ تيز هئي ۽ آگرين سان ٿور ڙي ڪريم ڪڍي جيڪا ڏاڍي ٿڌي هئي. نبيتن شيشي بند ڪري پيتي ۾

رکي. هن کي اها ڪڏهن بہ پسند نہ ايندي هئي. شادي کان پوءِ ڪدم هن لاءِ هڪ شيشي آندي هئي، پر نبيتن اُن کي هنيو تہ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ منهن تي آلو تهہ ڄمي ويو آهي. هن کي اها اصل نہ وڻي. هن جلد ئي منهن ڌوئي ڇڏيو. نبيتن جا سڀ ڪم پورا ٿي چڪا هئا پرڪدم اڃان ستو پيو هو.

اٽي ڏس ڪيڏو ڏينهن چڙهي آيو آهي نبيتن ستل ڪدم کي لوڏيندي چيو ۽ بستري تي ويهي رهي.

پر ڪدم گهٽي دير کان جاڳيل هو ۽ بستري کان ستل نبيتن جا هار سينگار ڏسي رهيو هو.

نبيتن کي پاڻ ڏي ايندو ڏسي هن اکيون بند ڪيون. روزانو هو ائين ستو پيو هوندو هو نبيتن جڏهن کي آواز ڏيندي هئي تہ هو ڇرڪ ڀري ويهي رهندو هو اڄ جڏهن هو هن جي ويجهو آئي تہ هن ڇڪي ڪٽي ڀاڪر ۾ وڌو.

ٻاهر سج پوري مستي سان چمڪي رهيو هو. بانس جي ٻيت مان اس ڇٽي اندر اچي رهي هئي. ۽ مٽيءَ جي ڪچي فرش تي روشني جو ابتون بستيون ليڪون ٺي رهيون هيون. نبيتن ڪدم جي ڀاڪر ۾ چپ چاپ پئي رهي. ڪدم هن جي ڪاڏي هيٺان هٿ ڏئي منهن مٿي ڪيو. سج جي جهر مر ڪرڻن ۾ هن جو چهرو ڏاڍو پيارو ۽ خوبصورت لڳي رهيو هو. نبيتن جون اکيون بند هيون. هو ڪدم جي ڀاڪر ۾ خوشي ۽ ۽ آسودگي محسوس ڪري رهي هئي. ٻاهر ڪنهن جي ملڻ جو آواز آيو. شايد اکي واپس موٽي آئي هئي. نبيتن ڇرڪ ڀري ويهي رهي. ساڙهي ٺيڪ ڪندي هو بستري تان لهي آئي.

پر ڪدم هن کي ٻيهر وٺي ڇڪوهو. بستري تي ڪري هن جا ڳل ڪدم جي منهن سان مهٽيا ويا "تو ٻهن شرم بہ ناهي" نبيتن پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو. "وري شرم ......" ڪدم هن کي ڇڏي ڏنو ۽ معني خيز نظرن سان ڏسي کلڻ لڳو شايد نبين شرم جومطلب وساري ڇڏيو هو. هو اڃان بستري تي ويٺي هئي ڪدم جي چهري تي پکڙيل مسڪراهٽ هن کي مقناطيس وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هئي، ڪدم جيڪو هن جو پنهنجو سارنگ هو. جيڪو سڄي دنيا جو سفر ڪري هن وٽ آيو هو جنهن بي شمار ملڪ ۽ شهر ڏٺا هئا. صرف اهو ئي مسڪرائي سگهي پيو ٻيو ڀلا ڪير هن وانگر مسڪرائيندو نبيتن جو ڪنڌ جهڪي ويو.

پر موٽيل ملاح جي اڄ شايد ايتري جلدي نہ ٿي مري ،هن وري پنهنجا هٿ

وڌايا. ”توهان کي ڪو خيال ئي ڪونهي ڇوڪري اندر اچي ويندي“ چوندي نبيتن ٻاهر ڀڄي وئي. ڪدم مزا وٺي رس پيڙن جو رس پي رهيو هو. ٿوري دير کان پوءِ هڪ هڪ رس پيڙو اکي کي ڏئي رهيو هو جنهن تي نبيتن هن کي هر هر جهلي رهي هئي.

”پٽ تون سڄو سال هي رس پيڙا کائيندي رهندي آهين. تو کي پرديس ۾ اهي شيون ڪو نہ ملنديون هونديون تون کاءُ.“

ڪدم سوچڻ لڳو پرديس ۾ مونکي ڇاڇا ملي ٿو. نبيتن ۽ اکي اهي خواب ۾ بہ نٿيون ڏسي سگهن. هن رس پيڙو اکي کي ڏيندي چيو تون سڄو سال تہ رس پيڙا تہ نٽي ٿاهين نہ ڪيئن اکي تنهنجيءِ ماءُ منهنجي پنيان مٺائي ٿاهيندي آهي.؟

اکي جي منهن ۾ رس پيڙو پيل هو. هن کان اڳ جوهو جواب ڏئي نبيتن بہ رس پيڙا ۽ ڪجهہ رس پليٽ ۾ وڌي. ڪدم ڪلندي هڪ رس پيڙو ڪنيون ۽ نبيتن جي وات ۾ زوري وجهڻ لڳو. ”هي تون منهنجي هٿ سان کائيندين“

نبيتن جلدي منهن ٻي طرف ورائي ڇڏيو. منهن بند ڪري هو ڪدم ڏي ڪاوڙ جي انداز ۾ ڏسڻ لڳي پر ڪدم هن جي ڪاوڙ کي نظر انداز ڪري هٿ اڳتي وڌايو.

”چڱو هي کاءُ جلدي.“

. ”سارنگ تون صفا پاڳل آهين پرديس ۾ رهندين تنهنجي شرم حيا ختم ٿي ويو آهي. جيڪو دل ۾ اچي ٿو اهو ئي ٿو ڪرين. شادي جي لائق ڇوڪري سامهون ويٺي آهي ۽ تو کي صفا شرم ڪونهي. مزي سان هٿ وڌائي منهنجي منهن ۾ رس پيڙو ڏئي رهيو آهين“

نبيتن ڪدم ڏي اکيون ڦوندايون ۽ ڌمڪيءَ جي انداز ۾ چيو.“ ڪجهہ تہ شرم ڪيو“

هر دفعي ڪدم هن جو چيو مڃيندي هٿ هيٺ ڪيو.

”ٻڌ تون پنهنجي لاءِ بہ ڪجهہ بچايو آهي يا نہ“

نبيتن جلدي ديڳڙي ڪڻڻ چاهي پر انهي کان اڳ ڪدم ديڳڙي تي قبضو ڪري چڪو هو. هن کولي ڏٺو اندر ڪجهہ ٽڪرن ۽ ٿورڙي رس کان سواءِ ڪجهہ نہ هو. ڪدم جلدي هٿ وارو رس پيڙو ٿانو ۾ وجهي ڇڏيو.

نبيتن جي چهري تي مسڪراهٽ ڦهلجي وئي.

”هي چار ڪٺي درياءَ تي وڃو ۽ گهٽيون مڃيون آهن جي مڃيون نہ مليون تہ

ڪجهہ جهينگائي پڪڙي اچجو" هن مجي چاچا جو چار هٿ ۾ ڏيندي چيو.

جهينگا! ۽ اهي بہ تورڙا ؟ هئن مان چا ٿيندو؟ ڪدم پڇيو پوءِ هن جون نظرون ٻاهر اڱڻ ۾ رکيل سيءَ تي پيئي جنهن تي پالڪ جو ساڳ ڦهليل هو.نبيتن ۽ ڪدم کي هي ساڳ ڏاڍو پسند هو. پر هن کي مزيدار ناهڻ لاءِ ضروري هو تہ ڪجهہ جهينگا بہ چاڙهيا وڃن.

ڪدم جهڪي پالڪ جا پن هٿن سان ڇهيا. نبيتن کي اوچتو اهو ڏينهن ياد اچي ويو جڏهن هو ڪيترا سال اڳ پنهنجي پيءُ جي گهر جي پويان پالڪ پٽڻ وئي هئي. ۽ هن ڏينهن قسمت هن لاءِ ڪجهہ ٻيو فيصلو ڪرڻ واري هئي. ڪدم جي چپن تي اڄ بہ اها ئي مسڪراهٽ هئي. اها ئي شوخ ۽ شرير مسڪراهٽ ياچائي مان تو کي ڏسان ٿي تہ سڙي ٿي پوان. سال گذرندا آهن تہ ماڻهو پوڙها ٿيندا آهن پر تو سان وري ابتو ئي معاملو آ جيئن جيئن تنهنجي عمر وڌي رهي آهي تون تيئن جوان ٿيندي ٿي وڃي.هر روز تون ڪجهہ وڌيڪ خوبصورت ۽ پياري ٿي لڳين. " شربتي ڪلندي نبيتن جي ڳلي سان لڳي وئي.

هڪ سال گذري ويو هو شربتي پنهنجن ساهرن ڪان پيڪين آيل هئي. هاڻي هن جو پٽڙو پند ڪرڻ لڳوهو.

"چڱو تون تہ مون ڪان سڙين ٿي" نبيتن معنوئي ڪاوڙ مان مان چيو جيتوڻيڪ هو دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي.

" مان چو نہ سڙان هڪ ٻار ڄڻڻ ڪان پوءِ مان پوڙهي ٿي لڳان ۽ تون .... تون تہ صفا ڪنواري ٿي لڳين."

شربتي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪلندي چيو پر هن جي لهجي ۾ ڏک لڪيل هو. هن دوران ڪيتريون ئي عورتون جمع ٿي ويون. قربان جي گهر واري حشمتي، ڪراڙي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي عورتون جن ڏکين ڏينهن ۾ هن کي ياد نہ ڪيو هو نڪي جي ماءُ ۽ سميرن بہ اتي پهچي ويون.

"تڏهن تہ تون ايتري پياري لڳي رهي آهين هي ساڙهي ڪيڏي خوبصورت آهي. صفا نئين فيشن جي آهي. نبيتن پيڻ هي ڪٿا ورتي اٿئي!"

حشمتيءَ جون نظرون نبيتن جي ساڙهي ۾ لڳل هيون. هلڪي سائي رنگ تي وڏا وڏا مور ٺهيل هئا. ڪپڙو تمام سٺو هو. شربتي جهڪي ساڙهي ڏسڻ لڳي.

تڪيءَ جي ماءُ ساڙهي هٿ ۾ ڪنئي ۽ گهبرائي ڇڏي ڏني. "ائي هي هي کهڙي ساڙهي آه. هن ۾ ڪوڪنارو ئي ڪونهي هو سڀ حيرت مان ساڙهي ڏسڻ

لڳيون. واقعي ساڙهي ۾ ڪنارو ڪون هو بنا ڪناري جي ڪهڙي ساڙي؟ هو ائين ئي هڪ ڪپڙي جو ٽڪرو هو جيئن تاڪئي مان قاتل ڪپڙي جو ٽڪرو شربتي ساڙهي هٿ مان ڇڏي نڪي جي ماءُ کي تيز لهجي مان چوڻ لڳي.

”تون ڪڏهن گهر کان ٻاهر نڪتي آهين جو تو کي هنن ڳالهين جي خبر هجي سيني وڏن ماڻهن جون گهر واريون اڄ ڪلهه بنا ڪناري جون ساڙهي پائينديون آهن.

ڪڏهن ڪناري واري گوڏ ٻڌي آ؟ شربتيءَ کي نڪيءَ جي ماءُ تي ڪاوڙ اچي رهي هئي. هو هنن کي گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هنن عورتن جي عادت آهي تہ ڪنهن کي خوش ڏسي سڙن ۽ اهڙن ڳالهہ ضرور ڪنديون جنهن سان رنگ ۾ ڀنگ پوي نڪي جي ماءُ گهٻرائي پان چٻاڙڻ شروع ڪيوءِ خاموش ٿي ڪنڌ جهڪايو. هن کي پنهنجي غلطي جو احساس هو نبيتن بہ هڪ گوري وات ۾ وڌي. هو هر هر ساڙهي کي ٻانهن ۽ ٽنگن تي ڦيلائي رهي هئي. هو چاهي پئي تہ سڀ عورتون ساڙهي جي دلڪش نموني کي غور سان ڏسن.

ساڳ وڌي هن نخ تي ڦهلايو ۽ڪنل جي ڪاري ويجهو ڇلڻ لڳي ٻيون عورتن ڪنل ڇلڻ ۾ هن جي مدد ڪرڻ لڳيون. چاقو ڪٽي هن ڪنل وڍڻ شروع ڪيو.هن جي هٿن جون چوڙيون ڇڻ ڇڻ جي آواز سان اڳتي پوئي ٿيڻ لڳيون. هنن خوبصورت ۽ رنگين

ڪنل، هڪ ڀاڄي جو نالو

چوڙين سان هن جي ٻانهن ڪارائي کان وٺي ٺوٺ تائين ڀريل هئي. سايون، نيريون ۽ سونهري شيشي ۽ پلاسٽڪ جي وچ ۾ سونهري چوڙيون سون وانگر چمڪي رهيون هيون. اهي سون جون هيون يا ڀر هنن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ سون ضرور هو. جيڪي ٻين چوڙين ۾ پڌريون هيون. نبيتن چاٽي واٽي ڇري تيز هلائي رهي هئي. هو خود چوڙين جي آواز سان مست ٿي رهي هئي. سميرن، نڪي جي ماءَ سڀ وات ڦاڙيو هن جون چوڙيون ڏسي رهيون هيون نبيتن هٿ مٿي ڪنيا ائين ڇڻ آرسي پڇي رهي هجي. هو چاهي پئي تہ سڀ عورتون هن جون چوڙيون ڏسن. هو سڀ چرين وانگر هن کي ڏسي رهيون هيون. پوءِ هن شربتي ۽قربان جي گهر واري حشمتي کي بہ چوڙيون ڪيي ڏنيون.

جلد ئي نبيتن ڪنل وڌي ورتو ۽ پاٽيءَ ۾ پسائڻ لاءِ رکي ڇڏيو. هو اڄ

ڪدم جون پسنديده شيون پچائي رهي هئي. مڇي ساڳ ۽ ڪٽل جي پاڄي.

هٿ ڌوئي نبيتن پنهنجا وار ٺاهي ٻڌڻ لڳي. سج هڪ تيز ڪرٽو هڻ جي چوڙين تي پيو نيريون ڳاڙهيون ۽ واڱڻائي چوڙين مان رنگين شعاعون نڪرڻ لڳيون. نبيتن پنهنجا هٿ مٿي ڪٽي ٻيٺي رهي. هو چاهي پئي ته سڀ عورتون هن جون خوشيون چڱي طرح ڏسن وارناهي هن هٿ هيٺ ڪيا. چوڙيون وڄنديون ڪارائي تائين پهچي ويون. ايئن پيو لڳي چڻ هي به نبيتن جي خوشين ۾ شريڪ ٿي رهيون هجن.

سميرن نڪيءَ جي ماءُ سڀ ان کي ڏک ڀري نظرين سان ڏسي رهيون هيون. نبيتن جي خوشين ۾ به هنن کي پنهنجا ڏک ڪٺي شدت سان ياد ڏياري چڏيا. هو ٿڌا ساهه ڀريندي يون اٿيون ۽ پنهنجي گهرن ڏي روانيون ٿيون.

صرف پوڙهي وٺي رهي پوءِ الائي هن کي ڇا ٿيو جو نبيتن سان ياکر پائي روئڻ لڳي نبيتن ماٺ ڪري هن جي ياکر ۾ ويٺي هئي. هن جي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڇا ڪري پوڙهي جاڳوڙها خوشيءَ جا هئا ڏک جا هي معلوم ڪرڻ مشڪل هو پر هن جي روئڻ ۾ جيڪو خلوص هو سو محسوس ڪرڻ کانسواءِ نه رهي سگهي. پوڙهي ڳوڙهن ۾ چئي رهي هئي.

پُٽ مان چيو ڪو نه هو ته صبر ڪر ڏس صبر جو ميوو مٺو ٿيندو آهي تو صبر ڪيو ۽ خدا تو کي سک چين ڏنو. هنن گنهگارن اکين قدرت جي هي شان به ڏٺو تون هميشه سکي رهين سو ئي منهنجو ارمان آهي."

نبيتن رس پيڙڻ جي ديڳڙي پاڻ ڏي ڇڪي. هڪ رس پيڙو جيڪو ڪدم هن لاءِ ڇڏيو هو هن مان اڌ کائي ڇڏيو هو ۽ اڌ شربتيءَ جي پٽ کي کارائي ڇڏي هو. ديڳڙيءَ ۾ ڪجهه مٺائي رس ديڳڙي ۾ پيو هو. نبيتن اهو صاف ڪري پليٽ ۾ وڌو. پوڙهي مزو وٺي شربت پي وئي. نبيتن سوچي رهي هئي ته پوڙهي جي منهن ۾ ڇيٽا ڏيندس پر هڪ دفعي هن پنهنجي حصي جا چانور ڏنا هئا ۽ اڄ هو پنهنجي حصي جي بچيل مٺائي هن کي کارائي رهي هئي. نبيتن پوڙهي ڏي ڏٺو هو اجان پليٽ زبان سان چٽي رهي هئي. خوشي ۽ اطمينان هن کي پوري جسم ۾محسوس ٿيو.

●

12

نبيتن جي حالت انهي ول وانگر هئي جيڪا ڪنهن وڻ جي ٿڙ سان ويڙهيل هجي ۽ هن جي حفاظت ڪندي هجي، هو ڪدم کي گهڙي لاءِ به نظرن کان پري نه پئي ڏسڻ چاهي.

ڏينهن ڏاڍي تيزي سان گذري رهيا هئا نبيتن کي ايئن محسوس ٿي رهيوهو چڻ هر ڏينهن شروع ٿيندي ئي ختم ٿي وڃي ٿو. جنهن رفتار سان هي ڏينهن گذري رهيا هئا. انهيءَ کان تيزي سان نبيتن جي بيچيني گهبراهٽ ۾ به اضافو ٿي رهيو هو ۽ هاڻ ڪدم تي هن جي پڪڙ به مضبوط ٿي پئي هئي. ڪدم سڀ کان پهريان گهر جي مرمت شروع ڪئي هن پراڻا ٿنا لاهي نوان وڏا اڏاهي لڳل چاهٽ بدلائي ۽ ڇت جي پٽين ۾ جيڪي سوراخ هئا اهي پوريا مطلب ته گهر کي ڪافي چڱو چوکو ڪيو.

ڪدم جي گهر ۾ بهترين قسم جا بانس جا لڪڙا استعمال ڪيا ويا هئا. پوءِ به هن جي چيڪنگ ڪرڻ ضروري هئي ڪدم سڄو ڏينهن گهرجي ٺاهڻ ۾ لڳو رهندو هو. جيئن جيئن هو ڪم ڪندو هو تيئن تيئن هن جي حيرت ۾ اضافو ٿي رهيو هو.

هي نبيتن به صفا چري آهي پنجن سالن ۾ هن کي گهرجي مرمت يا ڇت بدلائڻ جو خيال ئي نه آيو. شڪر آ جو مان ڇت تي گاهه جون پنج ڇهه تهون ڏئي ڇڏيون هيون. نه ته ٻن مينهن ۾ ئي ويهي رهنديون آهن.

نبتين پنهنجو ڪم ختم ڪري هن جي مدد ڪرڻ لڳي. ڪڏهن ٻهه ڪڏهن تيلا ۽ ڪڏهن نرسل جون تيليون مان سمجهندو هئس ته تون مون کان هوشيار آهين." ڪدم ڇت تان هيٺ لهندي چيو گهڙي ڪن لاءِ نبيتن جي سمجهه ۾ نه آيو ته هو چوڻ ڇا ٿو چاهي. هو ڪدم کي غور سان ڏسڻ لڳي.

ڇت تي مٽي ئي ڪانهي درن جي چاهٺن ۽ ٿنڀن ۾ اڏاهي پيري پئي آهي. هي گهر ڪنهن به وقت تنهنجي مٿان ڪري سگهيو ٿي تو کي ڪڏهن اهو خيال ئي ڪو نه آيو؟ تيلو چليندي ڪدم پڇيو.

نبيتن هڪ تيلو پنهنجي وات سان به اڌ ڪري ڪدم جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو.

” تو گهرجي مرمت چو نہ ڪرائي ڪدم سخت لهجي ۾ پڇيو.
نبيتن ڪو جواب نہ ڏنو.
جواب نہ ملڻ تي ڪدم نبيتن ڏي ڪاوڙجي ڏسڻ لڳو. پر هو پنهنجي ڪم ۾ لڳل هئي هو تيلا وچون ڪٽي رهي هئي. ڪدم ڪجهہ دير تائين هن جو منهن تڪيندو رهيو ۽ پوءِ چيائين ”مان تو ڏي ايترو پئسو موڪليو ۽ تو اصل ڪم ڪرايو ئي نہ جي گهر ڪري پئي ها تہ ڪٽي رهين ها.“
چو .... چو نبيتن پنهنجو ڪم ڇڏي چوزن کي ڏسڻ لڳي. هاٺي هو ڪڪڙين ۾ مصروف هئي ڪدم چرين وانگر هن کي ڏسندو رهيو.
جي نبيتن کي پئسن جي کوٽ هئي تہ هن لکيو چو نہ مان موڪلي ڏيان ها ڪدم ڪيترائي دفعا هن موضوع تي ڳالهائڻ چاهيو پرنبيتن هر دفعي اتان ڪنهن بهاني ٽري ويندي هئي.
۽ ڳالهہ اڌوري رهجي ويندي هئي.
هڪ عجيب ڳالهہ هئي جو نبيتن کي ڪدم جو هڪ بہ خط نہ مليو هو. هڪ دفعي هن پوسٽ ماستر کي جهلي ڳالهائڻ چاهيو.
تو کي خبرآهي تہ ائڊريس صحيح هئي؟ پوسٽ ماستر پڇيو.
ظاهر آهي مان پنهنجي گهر جي ائڊريس لکي هئي ۽ تنهنجي معرفت لکيو هوڪدم جواب ڏنو.
؟تو ليٽ بڪس ۾ وڌوهو نہ“؟
ڪدم کي ڪاوڙ لڳي هي پوسٽ ماستر تہ مونکي ڪو گڏهہ ٿو سمجهي مان پهريون ڀيرو تہ ٻاهر نہ ويو آهيان. هميشہ ئي ويندو رهندو آهيان ڇا مون کي اها خبر نہ آهي تہ ليٽر بڪس ڪيئن ٿيندو آهي.
پوءِ تہ تنهنجا خط ضرور آيا هوندا. تون پنهنجي گهر واري ڪان پڇ. هو ڇاٽي چوي.“
هو تہ جواب ئي نٽي ڏئي ظاهر آهي تہ هن کي منهنجا خط نہ مليا آهن.
”چڱو تہ هو ڪو جواب نٽي ڏئي .... هنهہ ......“ پوسٽ ماستر جي اکين ۾ مڪاري هئي ۽ چهري تي مسڪراهٽ ڪدم کي پنهنجي جسم ۾ ڪنڊا لڳندي محسوس ٿيا.
ڪدم ماٺ ڪري ٻاهر نڪري ويو. هو هن سلسلي ۾ قادر شيخ سان ملڻ

چاهي پيو. هو ڳوٺ جو سڀ کان امير هو ۽ انهيءَ ڪري ماڻهو انهيءَ کي وڏو ڪري مڃيندا هئا. ڪدم سو چيو تہ قادر شيخ سان ملي پوسٽ ماستر جي شڪايت ڪريان.

”تون گهڻن ڏينهن ۾ آيو آهين. ڪاءِ ٻي ۽ موج ڪر. اسان اطمينان سان ڳالهائينداسين“

قادر شيخ سلام دعا پان ۽ سگريٽ ڪان پوءِ اهاڳالهہ چئي.

پر ڪهڙيون ڳالهيون؟ ڪدم کي هي سڀ رازادري عجيب لڳي رهي هئي پوسٽ ماستر جي چهري تي جيڪا مسڪراهٽ هئي اها ئي هن کي قادر شيخ جي چهري تي نظر آئي ۽ سوچن ۾ گم ٿي ويو. انهيءَ ڏينهن ڪان پوءِ ڪدم پنهنجن خطن ۽ مني آرڊرن جي ڳالهہ ئي نہ ڪئي، هو قادر شيخ سان پنهنجي سفر بابت ڳالهائيندو رهيو. جڏهن هو اٿي هلڻ لڳو تہ قادر شيخ هن کي در تائين ڇڏڻ آيو ۽ چوڻ لڳو.

”مان شهر وڃي رهيو آهيان هڪ ضروري ڪيس آهي. هڪ مهيني ڪان پوءِ موٽندس“ هن ڪان پوءِ آهستي چوڻ لڳو.

”تون ڪجهہ پنهنجي زال تي نظر ڪي“

”نظر رکان؟ نبيتن تي پرچو؟ ڪدم جي دنيا مٽجڻ لڳي. هن جي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ قادر شيخ هن سان ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرڻ چاهي.

پوسٽ ماستر جو ڏسي مسڪرائڻ قادر شيخ جا اشارا هن کي هي سڀ عجيب لڳو هن کي ائين محسوس ٿيو چڻ سڄي ڳوٺ ۾ هن خلاف ڪا سازش ٿي رهي آهي ۽ هو اندوه ۾ آهي.

”مجان ٿو تو کي خط ناهي مليو. پر تو خط ڇو نہ لکيو“ ڪدم اچي پهرين سوال ڪيو.

نبيتن ناريل ڇلي رهي هئي.هو ڇرڪي هن جي گرفت چاقو تي تيز ٿي وئي، هي شخص ڪيڏو ظالم آهي. ايترو ڏک ڏئي بہ مونکي ستائي خوش ٿو ٿئي، هوءَ خاموشيءَ سان ناريل ڇليندي هي ۽ کو جواب نہ ڏنو.

ڪدم غور سان هن جو منهن ڏسي رهيو هو. ائين تہ هو سمنڊ کي ڏسندو هو. جيڪو هن کي پر اسرار لڳندو هو. ڪيڏي عجيب ڳالهہ هئي هن جي سڄي عمر نبيتن ۽ ساگر جي سنگت ۾ گذري پر ڪڏهن ڪڏهن هي ٻئي هن کي تمام پري محسوس ٿيندا هئا. پوءِ اوچتو هن ڪلي ڏنو ”نہ تون مون ڪان ناراض آهين تو کي

منهنجا خط نہ مليا انهي ڪري چپ ڪري ڇڏي. آهي نہ اها ئي ڳالهہ"؟

نبيتن اڃان چپ هئي. ڪدم کي ائين لڳو ڄڻ نبيتن جي اکين ۾ ڳوڙها آيل آهن. ٿوري دير ۾ نبيتن ناريل جو ڀورو کڻي ٻاهر نڪري وئي.

هو اندر ئي اندر پڇي رهي هئي. هن جا قدم آهستي آهستي اٿي رهيا هئا نبيتن جا ڳورا قدم ڏسي ڪدم کلڻ لڳو.هن عورت ۾ ڪيڏي ڪاوڙ هئي. ايڏي ضدي ۽ خود پسند جو هن جو هن کان ڪو ڪٿي نٿو سگهي. ڪاوڙ ۾ هن ڪيترا سال خط بہ نہ لکيو ۽ هاڻي وري ڪو جواب نٿي ڏئي. ڪدم سوچيو.

هن جي باوجود هن جي ذهن تي شڪ شبهي جي هلڪي تهہ چڙهيل هئي ۽ هو هن چڪتاڻ جي ماحول ۾ پنهنجي پاڻ کي اجنبي محسوس ڪري رهيو هو الائي قادر شيخ ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻ چاهي پيو. هن جي سامهون ڪا بہ ڳالهہ ظاهر نہ هئي پر هن جو شڪ وڌي رهيو هو. ماڻهن جون مطلب ڀريون نگاهون طعنا مهڻا هو ٻڌي رهيو هو پوءِ نبيتن بہ تہ ڪجهہ نہ پئي ڳالهائي پنهنجي صفائي ۾ ڪجهہ بہ نہ پئي چئي نہ پنهنجو ڏک ٻڌائيندي نہ رڙيون ڪندي ۽ نہ ڪاوڙ ڪري رهي هئي. بس چپ چاپ پنهنجي ڪم ۾ لڳي پئي هئي.

هڪ ڏينهن ڪدم برداشت ڪري نہ سگهيو چوڻ لڳو هي ماڻهو ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. نبيتن ڪنڌ مٿي ڪنيو اڄ ڪلهہ هن جي ڪٽڪائي چهري تي اڃاڻ ڇانيل هئي ۽ نرم نازڪ چهرو اڃان بہ نازڪ لڳي رهيو هو هن پنهنجن وڏين وڏين ڪارين اکين سان ڪدم کي ڏٺو ڄڻ پڇي رهيو هجي تون هن باري ۾ ڇاٿو سوچين.......................... مان ڪري رهي هئي. " ڇا هن کي ناهي خبر هن پنجن سالن ۾ هڪ پائي بہ ڪونهي موڪلي ۽ هاڻي رهندو مون تي رعب ڪري رهيو آهي. ائين تہ ناهي جو اتي ڪنهن عورت جي چڪر ۾ ڦٿجي ويو آهي ۽ هن سارنگ کي پاڳل بنائي ڇڏيو هجي. يا وري سمنڊ ۾ رهندي رهندي هن جو دماغ خراب ٿي ويو هجي. هي ڪهڙا ڀوڳ ٿو ڪري جو ڳالهيون ڪري منهنجي اندر ۾ تير هڻي رهيو آهي اڄ بہ هن جواب نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هيو.

ڪدم تيلين جي ڀري ٻڌي، پاسي تي رکي ۽ اکي کي چيو.

"اکي تون ماءُ کي چؤ مان وهنجڻ ٿو وڃان"

هو وهنجي موٽيو تہ نبيتن هن جي آڏو ماني رکي ماني کائيندي کائيندي هن کي گهر جا ٿانوَ ياد اچي ويا.

شروع شروع ۾ ڪدم کي گهر جي شين جو خيال ئي نہ آيو. پر آهستي

آهستي هن کي گهر جون سڀ شيون ياد اچڻ لڳون. ٽامي جو لوٽ، پتل جا وٽا، چيني جون پياليون، ۽ پليٽون هن کي به نه نظر نه پيو اچي گلن واريون پليٽون جو سيٽ جيڪو هن کي گهڻو پسند هو گهر کان غائب هو.

هو جڏهن به گهر ايندو هو ته ڪانه ڪا شيءِ وٺي ايندو هو ۽ ائين آهستي آهستي گهر ۾ چڱا ٿانو جمع ٿي ويا هئا. پر هن دفعي جڏهن موٽيو ته هن کي گهر ۾ ڪجهه به نه ڏسڻ ۾ آيو. هن کي حيرت به هئي ڪاوڙ به ڇو ته گهر ۾ هن جون پسنديده شيون نه هيون.

" چا گهر ۾ ڌاڙو لڳو ؟" ڪدم پڇيو.

"خدا نه ڪري تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿو ڪري" نبيتن ڪاوڙجندي چيو.

" ته پوءِ گهر جون سڀ شيون ڪاڏي ويون؟" ڪدم ڪجهه سختيءَ سان پڇيو. جواب ڏيڻ بدران پوڙ جو هڪ چمچو پليٽ ۾ وجهي ڇڏيو.

اڪي جيڪا ويجهو ئي ويٺي ماني ڪائي رهي هئي. پيءُ جو سوال سمجهڻ ۾ ڪجهه دير لڳي جڏهن ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته هوءَ ٽپ ڏئي ڳالهائڻ لڳي.

"بابا تو کي خبر ناهي هو سڀ شيون امان وڪڻي ڇڏيون. اتي ئي وڏيري جي گهرجي سامهون بازار .... اڪي جي ڳالهه اڌوري رهجي وئي. نبيتن هن کي اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳي.

" وڪڻي ڇڏيون" پر ڇو ؟ ڪدم اڪي کان پڇيو.

پر هاڻي اڪي خاموش هئي. هن ڪو جواب نه ڏنو. آخر هو به ته نبيتن جي ڌي هئي. ماني کائي ڪدم خاموشي سان اٿي ويو.

ڪدم جي ذهن تي شڪ جا بادل ڇانيل هئا. هن کي ڪٿي به پنهنجي سوالن جو جواب نه ملي رهيو هو. هن سان گڏ هن جي وڃڻ جا ڏينهن به ويجهو اچي رهيا هئا. جيئن جيئن هي ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا. نبيتن به تمام هن جي ويجهو اچي رهي هئي هن جي پوري ڪوشش هئي ته ڪدم هن جي نظرن کان دور نه ٿئي نازڪ ٽارين وانگر هن جون ٻانهون ڪدم سان ويڙهيل هيون.

ڪدم هڪ جهازي هو ڌرتي جي رهاڪن وانگر هو اوچتو ڪنهن فيصلي تي پهچي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار نه ڪندو هو. پنهنجي جذباتن کي قابو ڪرڻ چڱي طرح ايندو هو هو خاموشي سان حالتن جو جائزو وٺي رهيو هو.

ڪدم جي ڏاڏي هن کي سڏيو.

اڙي ڪدم تون صفا زال جو غلام ٿي ويو آهين. اهڙو ڇا هن تو کي پياري

چڏيو آهي. ٻاهر اچ ٻان ڪائيندين.

ڪدم جي دل چاهيندي هئي تہ ٻاهر وڃي نبيتن جونرم ۽ نازڪ ٻاڪر هن کي روڪي رکندو هو. تمام شڪن جي باوجود هو نبيتن جي گهيري مان نڪري نہ پيو سگهي.

پر گهر جي اندر بہ هن جي ڪن ڪا نہ ڪا ڳالهہ چوندي رهندي هئي. اهي ڳالهيون هو هڪ ڪن ڪان ٻڌندو هو تہ ٻئي ڪن ڪان ڪڍي ڇڏيندو هو. هر هميشہ تہ ائين نٿو ٿي سگهي ڪجهہ ڳالهيون اهي هيون جيڪي هن جي دل ۾ ويهي رهيون هيون.

هون تہ ڪدم ڪاوڙ نہ ڏيکاري ڪا اهڙي ڳالهہ نہ ڪئي جنهن ۾ جذباتي ٿي هو پنهنجا حواس وڃائي وهي. پر ننيڙي چٽنگ هئي. جيڪا آهستي آهستي هن جي وجود کي ساڙي رهي هئي.

پنهنجي پٽ جو هٿ جهليو شربتي هميشہ وانگر مسڪرائيندي هن جي سامهون بيٺي هئي. ائين پيو ڏسجي چڻ نبيتن جون خوشيون هن جون پنهنجون خوشيون آهن مسڪراهٽ هن جي سڄي چهري تي پکڙيل هئي" ادي تون ڇو ڪلي رهي آهين؟" نبيتن پڇيو. ٻاچائي مان تو کي ڏسان ٿي تہ هرويرو ٿي کل ٿي اچي. ڪيئن زمانو بدليو آهي. نبيتن شرمندي ٿيڻ لڳي. شايد شربتي هن جي سنگهار تي کلي رهي هئي پرشربتي جو مطلب ڪجهہ ٻيوئي هو.

"تومڙس تي جادو ڪري ڇڏيو آه ڇا؟ گهر کان ٻاهر ئي نٿو نڪري."

"نبيتن پنهنجي تعريف ٻڌي تمام خوش ٿي هن شربتي جي ڳالهہ ۾ هڪ مڪ ناهي هنئي.

"ٻاچائي مان ٻوڳ نٿي ڪريان پر هاٺي تون اهڙو ڪو ڦيٽو هڻ جو ڪدم جهاز تي نہ وڃي. آخر ڪيستائين تون ائين اڪيلي رهندين ۽ ڪدم هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين گهمندو رهندو." شربتي هاڻ سنجيده هئي.

شربتي جي ڳالهہ ٻڌي هن جي اندر کان ٻي چيني ايري آئي. جيئن سارنگ جي وڃڻ جا ڏينهن ويجهو اچي رهيا هئا هن جي گهبراهٽ ۽ پريشاني ۾ اضافو ٿي رهيو هو.

" منهنجي ساهرن ويجهو هڪ پير صاحب رهندو آ" هن جي تعويذن ۾ تمام گهڻو اثرآهي تون چوين تہ مان تو لاءِ بہ هڪ تعويذ نهرائي اچان. شايد سارنگ ائين تنهنجي ڳالهہ مڃي." شربتي صلاح ڏني.

نبيتن چپ ڪيو ويٺي رهي. جڏهن بہ سارنگ جي وجڻ جي ڳالهہ ٿيندي هئي.

نبيتن کي ماٺ لڳي ويندي هئي.

ڪدم سڄي گهر جي مرمت کان پوءِ هڪ ٻيو ڪمرو ٺهرايو هو. وڏو ڪمرو سمهڻ ۽ ويهڻ لاءِ ڪم ايندو هو ننڍي ڪمري ۾ ڪڪڙين جوکڏ زمين ۾ پوريل اکري ۽ چلهہ مطلب تہ سڀ ڪجهہ هو ڪدم کي هي ڳالهہ پسند نہ هئي. رهڻ ۾ ٿوري گهڻي نفاست ضروري هئڻ گهرجي هن خيال سان هڪ ڪمرو ناهڻ شروع ڪيو نبيتن کي بہ هي ڳالهہ پسند آئي هاڻي وڏن ماڻهن آڏو هن کي پنهجي غريب ٿيڻ جو احساس نہ ٿيندو هن وقت بہ ٽي ڪمرا هوندا.

ڪدم نئين ڪمري جي ڇت بيهاري رهيو هو نبيتن بانسن مان ٻوڙن جا تيلا ڪدم کي ڏئي رهي هئي.

هاڻي اسان وٽ بہ وڏا ڪمرا ٿي ويا آهن تہ گهر ڪيئن ٿو ٺهي ڪيئن نبيتن"؟

نبيتن خاموشيءَ سان پٽ کي ليپوڏئي اکي ڪمري جي ٻئي طرف گارو ناهي رهي. هن سمجهو تہ ڪدم هن کان پڇي رهيو آهي.هن اتان رڙ ڪري چيو.

" ها بابا هاڻي اسان جوگهر ڏاڍو سٺو آهي پهرين بچي مون کي چيڙائيندي هئي تہ اوهان جوگهر ننڍو آهي"

بچي شربتي جي ڀائٽي جو نالو هو جيڪا وڏي گهر رهندي هئي.

اجان تہ مان صرف بہ ڪمرا ناهيا آهن. "وري ايندس تہ تو لاءِ بہ ڪمرو ناهيندس پوءِ اسان هڪ ڳئون وٺندا سين. ڳئون لاءِ منهہ بہ تہ ناهڻو پوندو .... ڪدم چپ ٿي ويو. هن سوچيو نبيتن ڪجهہ چوندي ڪم ڪندي هن کي نبيتن ڏانهن اک کٽي ڏنو نبيتن ڪو جواب نہ ڏنو ۽ گاري جو ليپو پٽ کي ڏيندي رهي.

وري مان موٽي ايندس تہ هڪ ڪمرو وري ناهيندس پوءِ اسان وٽ چار ڪمرا هوندا ڏاڍو مزو ايندو" ڪدم جي آواز ۾ وڏي خوشي هئي.

" نہ" ڌماڪي وانگر هي لفظ نبيتن جي وات مان نڪتو ۽ پوءِ خاموش ٿي وئي.

"ڇو نہ" ؟ ڪدم حيات مان پڇيو.

نبيتن هن جي سوال جوجواب نہ ڏنو هو گاري کي تگاري ۾ ملائي پٽ

ڪُٺندي رهي هن سان گڏ هو پٽ ڪي مارو بہ هٽي رهي هئي جنهن سان پٽ تي هموار سڌي سطح ٺهي رهي هئي.

امان هاڻي بس ڪيان." ڪمري جي ٻئي طرف کان اڪي آواز ڏيندي چيو ڪم ڪندي ڪندي اڪي ٿڪجي پئي هئي.

اڪي هي بانس تہ جهل ڪدم بانس جي پٽ ڪي پيرن ۾ جهلي تيلن جا ٻئين پاسا پاڻ ڏي ڇڪيا.

اڪي ٻئي طرف پورو زور لاتو. پر بانس اِڪتي جهڪي ويا. پر تيلن جا ٻئي پاسا ڪدم کان ڇڏائجي ويا ۽ هوءَ وچي هيٺ ڪري پئي.

"مسالو سڀ خراب ٿي ويو" ڪدم ڪاوڙ مان چيو. بانس جي ٻي پاسي کان اڪي جو کلي کلي برو حال ٿي رهيو هو.

"هن ۾ ڪِي ڪِي جي کهڙي ڳالهہ آهي."

"کهڙو مسالو"؟ هاڻي اڪي پنهنجي کل نہ جهلي سگهي" تنهنجو مامون پيو وري ڪير؟" ۽ ٻيءُ ۽ ڏي ٻئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا.

نبيتن هن کل ۾ هنن جو ساٿ نہ ڏنو هوءَ سنجيدگيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندي رهي. ڪدم غور سان هن جو منهن ڏٺو ۽ اڪي ڪي چيو.

"تنهنجي ماءُ کي چار ڪمرا ٺاهڻ پسند ناهن."

اڪي ڪي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هوءَ ماءُ جو ساٿ ڏيئي يا ٻيءُ جوهن آهستي "هون" ڪيو ۽ چاپ ٿي ويئي" امان تو اچي جهل نہ مان نہ ٿي جهلي سگهان "هن ماءُ کي منٿ ڪئي.

ٽن چئن ڪمرن جي کهڙي ضرورت آهي. هڪ ئي ڪمري ۾ نہ ٿو رهي تہ ٽن چئن جي کهڙي ضرورت آهي، يا تہ جهاز تي نہ وڃو جي وڃو ٿا تہ هي سڀ نہ ڪيو. نبيتن ڪاوڙ جي سخت لهجي سان چيو هنجي آواز تکي ۽ تيز هئي.

هوءَ ڪاوڙ ۾ ڏکي رهي هئي. منهن ڳاڙهو ٿي ويو هوس ۽ ايئن پيو لڳي چڻ هاڻي روئي ڏيندي ڪدم حيرت مان هنجو منهن تکي رهيو هو.هن کي ائين ڪاوڙ مان ايا مندي ڪڏهن نہ ڏٺو هو.

"هي سڀ ڪرڻ بدران تون زمين چو نہ ٿو وٺين" نبيتن پنهنجو پاڻ تي قابو پائي رهي هئي.

ڪدم ٺهڪ ڏيئي کلي ڏنو. تہ هن ڪاوڙ جو هي مطلب هو.

ٻنيون ٻارا نبيتن جي پراڻي خواهش هئي. هو سمجهي پيو تہ زمين ونرائي

نبيتن هن کي قيد ڪرائڻ چاهي پئي. هن کي سمنڊ ڪان پري رکڻ جو هيو هن ڪان سٺو طريقو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

"لعنت هجي ڪيــر جانور پاليندو ۽ هني پارو ڪندو هن ۾ آهي ئي ڇا. ڪهڙو اسان جي زمين مـان سون نڪرندو. هي تہ هر مـهيني نقد پيسـو ملي ٿـو. بارش، سيلاب ۽ اس ڪنهن شيءِ جوخطرو ئي ڪونهي زمين مان اسان کي پيٽ پرڻ لاءِ ماني ملندي؟" ڪدم هميشہ وانگر اڄ بہ اهو ئي جواب ڏنو.

"چڱو هاڻي ڇوڪري کي تہ وڃڻ ڏي ڪڏهن ڪـان چئي آهي." نبـيتن هن موضوع کي ختم ڪندي چيو. هو سارنگ سان جڏهن هي ڳالهہ ڪندي هئي تہ هن کي خوف محسوس ٿيندو هو.

ڪدم تمام ضدي هو نبيتن کي خبر هئي تہ هو منهنجي ڳالهہ نہ مڃيندو.

"اڪي تون وڄ مـاٺهين ڪو نہ ڇڏيندءِ " ڪدم اڪي کي مـوڪل ڏني ۽ هوءَ موڪل ملندئي ٻاهر ڪڏندي نڪري ويئي.

هو ٻئي گـڏجي ڪـم ڪندا رهيـا. نبـيتن بانس جي پت جهليـو بيـٺي هئي ۽ ڪدم تيلن ۾ ڳنڍ ڏيئي رهيـــو هو ڪـم پورو ڪري ڪدم مٿ منهن ڌوتو ۽ اطمينان سان صندل تي ويهي رهيو.

"مان تو سان ڳالهائڻ ٿي چاهيان"، وڏي دير ڪان پوءِ نبيتن چيو.

"ها ها چئو". مان ڪيترن ڏينهن ڪان ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ بي چين آهيان."

"ڇوڪري جو ان تي وٺي آهي، اسـان کي هن جي شـاديءَ جو فـڪـر ڪرڻ گهرجي" نيتن بيهي بيهي چيو.

"تون مون کي هي ٻئي ڇوڻ چاهين" مايوسيءَ ۽ بي دليءَ سان ڪدم پڇيو. هيءَ ڳالهہ تہ ايڏي ضروري نہ هئي جنهن لاءِ ڪدم بيچين ٿئي ها.

"تون بہ عجيب ڳالهيون ٿو ڪرين، تو کي اڪي جي شاديءَ جو ڪو فڪر ڪونهي پرمان ٿي چوان تہ هن پيري تون ڇوڪري جي شادي ڪرڻ بغير نہ ٿو وڃي سگهين" نبيتن جي لهجي ۾ وڏو عزم هو.

ڪدم دل ۾ سوچيو تہ نبيتن هن بهاني مون کي روڪڻ چاهي ٿي.

"آخر هن جي شـاديءَ جي ڪهـڙي جلدي آهي." هن کي ڪجهہ هوش آهي يا نہ ! نبيتن دل ۾ سوچيو. ڇوڪري ٻارنهين سال ۾ اچي داخل ٿي آهي.تون چوين ٿو تہ تڪڙآ سڀ ڇوڪريون ٻارنهن سالن ۾ پرڻائبيون آهن. نبيتن ڏاڍيان چيو.

ڪدم ڪجهہ دير سوچيو ۽ پوءِ نرميءَ سان چيائين

" تون ڇوڪري پرڻائي ڇڏيندينءَ، مان هليو ويندس. تون اڪيلي گهر ۾ گهبرائيندينءَ تہ ڪا نہ؟"

سارنگ ويچڻ جو سوچي رهيو آهي. ايڏو جلدي ....

نبيتن پنهنجو منهن ٻئي طرف ورائي ڇڏيو پراڻا سور وري ساوا ٿيڻ لڳا.ٻئي چپ ويٺا. ڪدم ڪهاڙيءَ سان زمين کوٽي رهيو هو. نبيتن تيليءَ جوڪڪ ڇيچ تي ويڙهي رهي هئي. آخر ماٺ ٻڳي هن نرميءَ سان چيو.

" شربتي جي مڙس جو سؤٽ آهي. ہ پائر هن چڱو چؤکو گهراڻو آهي ڪجهہ زمين بہ آهي. ٻنهي کي برابر ملندي ...... نبيتن چپ ٿي وئي. اڪي هڪ ٿانوَ ۾ ڪجهہ چمون کٽي آئي.ٿانوَ کي ٿانوَ سان ڏڪي هوءَ ڳائڻ لڳي.

"منهنجي مامين جي باغ ۾ آئي بهار

پچي ويا هن انب

چمن جو آهي زور"

ڪدم زور زور سان کلڻ لڳو.

هن کي ڏسو اچ تائين ڏنو بہ کو نہ اٿائين تہ مامون ڪيئن ٿيندو آهي ۽ مامي جاگيت ڳائي رهي آهي جڻ پنج ڏهہ ماما اٿس،

پيءُ جي ٽيڪ تي اڪي زور زور ســـان ڳائڻ لڳي، بابي جي اڱڻ ۾ انب بہ هن چمون بہ پر منهنجو نصيب ناهي جو سڀ کٽاهن. مان ٽڪيل ويٺي آهيان

مامين جي گهر ۾ رس پيڙاهن،

مٺا ۽نرم،

اهڙا رس پيڙا تي دنيا ۾ ڪٿي بہ کونهن .

" ٻڌو هاڻي ٿي شروع ٿي وئي آهي ٻيءُ جي گهر ۾ عيب ڪڍڻ ڪم ڪري ڪري ويچاري ٿڪجي وئي آهي هاڻي تون سچي پچي هن کي گهر مان ڪڍ" نبيتن کلندي چيو هوءَ وڏي پيار مان اڪي کي ڏسي رهي هئي.

سمنڊ جو آواز هن کي پريشان ڪري رهيوهو. هو بيچين هيڏي هوڏي گهمي رهيوهو.



13

" منهنجو سامان ٻڌي ڇڏ مان هاڻي ويندس"

نبيتن کي ائين لڳو ڄڻ هنجي دل ٻاهر نڪري آئي آهي ۽ ڪنڌ ڪٽي ڪدم کي ڏنو ۽ نظرون جهلڪائي ڇڏيون. هو ٻئي نخ ناهي رهيا هئا. نبيتن جون آڱريون تيزيءَ سان ملي رهيون هيون. هڪ لمحي لاءِ هن جي هٿن جي حرڪت بيئي ۽ وري تيز ٿي وئي.

هو وڏي نفاست سان سنهين تيلين سان انگوڙو ڊزائين ناهي رهي هئي.هن جي نازل نازڪ آڱرين هيٺ، ساين ڄاڪرين تيلين جومضبوط چار وڇايل هو. نخ جي بناوت ۾ ڪٿي به چڪ نه هئي پوري لسي هموار ۽ مضبوط هئي. نخ جا رنگ ائين ٽڙيل هئا، ڄڻ ٽهڪ ڏئي رهيا هجن.

اڪي ويجهو ويٺي ڪنڊڙيل تيلين کي ميڙي رهي هئي. نبيتن هٿ وڌائي تيلين جي ڳنڍڙي کنئي ۽ ڪدم کي ڇڙٻندي چيو.

" تون ايڏي سستي سان ڪم ٿو ڪرين، لڳي سڄو ڪم مونکي ڪرڻو پوندو". ڪدم پنٽي رهجي ويو هو. هن تيزيءَ سان هٿ هلائڻ شروع ڪيو. هن ڪوشش ۾ هن جي آڱر تڪيتيليءَ سان وڍ جي وئيءِ رت وهڻ لڳو پر نبيتن جي برابر پهچڻ جي خيال سان هن جي آڱر کي نظر انداز ڪري ڇڏي. هو هر هر نبيتن کي ڏسي رهيو هو، پر هوءَ ڪنڌ جهڪايو پنهنجي ڪم ۾مصروف هئي. هن فيصلو ڪيو هو ته ڪدم جي وڃڻ جي باري ۾ هڪ اکر به نه ٻڌندي .

" مان جيڪي ڪجهه آندو هو ختم ٿي ويو جي هاڻي نه ويندس ته ڪائيندا سين ڪٿان؟ ڪدم چيو

" آخر تنهنجو وڃڻ ايترو ضروري ڇو آهي، ڇا پرديس ۾ ئي ماٿهو پئسو ڪمائي ٿو. پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ڪم ڇو نه ٿو ڪرين" نبيتن کان صبر نه ٿي سگهيو. ڪدم ڄاڻي پيو ته نبيتن وري ڊور پالڻ ءزمين جي ڳالهه ڪندي. هو چوندو مون وٽ زمين خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ڪونهن نبيتن جهٽ چوندي ته هاريي تي وٺ ڪدم جواب ڏيندو ته مون کي هاريي ته زمين ڪاهڻ پسند ناهي ته نيڪ آ مان روزانو هڪ نخ ناهينديس تون شهر وڃي کپائي اچجان." نبيتن جي هي ڳالهه ٻڌي

ڪدم لا جواب تي ويو. هن سچي گفتگو کان بچڻ لاءِ سختيءَ سان ڪم ورتو"مون کي آئي اٺ مهينا تي ويا آهن مان وڌيڪ ترسي نہ ٿو سگهان. اڄ کان چوٿين ڏينهن مان هليو ويندس" ڪدم ائين چيو ڄڻ هي هن جو آخري فيصلو هجي ۽ هن کان پوءِ هو ٻي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو.

نبيتن جي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي.هوءَ اٿي ٻيهي رهي هن اڏ نخ ناهي هئي. ڪدم هن کان وال ڪن پوئتي هو.

"ڇا تو کي نظر نہ ٿو اچي تون صفا بيگانوتي ويو آهين" هو ڪدم جي سامهون ٻيٺي هئي هن جو ڏک ڀريو آواز ڳورو محسوس ٿي رهي هئي. تون ڪٿي انڌو تہ نہ ٿي ويو آهي.هوءَ ائين ٻيٺي هئي ڄڻ سچو دل ڪولي ان جي سامهون رکندي. ڪدم حيرت مان هن کي هيٺ کان مٿي ڏٺو ۽ ڪنڌ جهڪائي چوڻ لڳو." نيڪ آ تيستائين مان نہ ويندس."

هڪ لمحي ۾ نبيتن جي ڪاوڙ ختم ٿي وئي. هاڻي هوءَ دل کولي مسڪرائي رهي هئي ۽ هن جي مسڪراهٽ خوشيءَ مان نچي رهي هئي.

ڪدم ٻہ ڪلڻ لڳو هو ڇرين وانگر نبيتن کي ڏسي رهيو هو. نبيتن هن کي ڏکو ڏيئي ويهي رهي. سايون ۽ڪاريون تيليون هن پنهنجي آڏو هلائي ڇڏيون.

" هن دفعي مون کي پٽ ٿيندو " ڪدم هڪ پاسي رڙهندي چيو." توکي ٻنهن کو شرم ڪونهي" نبيتن ساڙهيءَ جي ڪنڊ سان منهن لڪائيندي چيو.هوءَ ڪاوڙ مان ڪدم کي ڏسي رهي هئي. ڪدم واقعي ڪجهہ نہ ٿو ڏسي. هڪ وال تي اکي ويٺي آهي ۽ هي ڪيڏيون بيشرميءَ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي.

ڪدم چپ پکوڙيندي هڪ پاسي ويهي رهيو.هوڪڏهن ڪڏهن نبيتن جي سامهون پاڻ کي ٻي وس ۽ ڇريو محسوس ڪندوهو ۽هاڻي هو هن جي تيزيءَ سان هلندڙ آڱرين کي ڏسي رهيوهو. ائين پيو لڳي ڄڻ نبيتن جي آڱرين ۾ بجلي آيل آهي.هن جي آڱرين ۾ جيڪا تيزي هئي ڪدم ٻئي ڪنهن جي هٿن نہ ڏٺي هئي. ڪدم پنهنجي وڃڻ جي تاريخ هٿائي پوئتي ڪري ڇڏي. وڃڻ کان اڳ هو پنهنجي پٽ جو چهرو ڏسڻ چاهي پيو.

نبيتن نخون ٺاهيندي هئي ۽ ڪدم وڪڻي ايندو هو نبيتن جي ٺاهيل نخن جا پئسا چڱا ملندا هئا. نديون نخون ٻن اڍائي رپئي تي وڪامي ويندي هئي ۽ وڏين نخن جا ٽي چار روپيا ملي ويندا هئا. ڪدم چاٺي پيو تہ نقد پئسا خرچ ٿي ويندا. هو هنن پئسن مان ساريون وٺي ڇڏيندو هو. هو ٻئي ساريون ڪٽيندا هئا ۽صاف

ڪري وڏن متن ۾ پيري رکي ڇڏيندا هئا.

ڪافي دير تائين ڪدم حساب ڪري چيو.

”جي تون هنن مان ڪجهه جانور ڪڍي ڇڏين پوءِ به هي پنج ڇهه مهينا ته هلندا. بس منهنجي وڃڻ کان اڳ متن کي اڳ هٽ نه هٽجان.“

نبيتن ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

پر ڪدم جي ذهن ۾ اهي شڪ اڃان تائين ايري رهيا هئا. هنن مان جان ڇڏائڻ مشڪل هئي هو نخون ڪٽي شهر ڏي ويندو هو ته بعضي بعضي ڪنهن سان ڳالهائڻ بيهي رهندو هو يا ڪٽي تاس جي هڪ به بازي کيڏندو هو. هن دوران هن جي ڪن ۾ عجيب آواز ايندا رهندا هئا. پر ڪو به جملو پورو نه هوندو هو جنهن سان هو ڪو مطلب سمجهي. اهڙيون ئي ڪجهه لڪل ڳالهيون هونديون هيون جيئن قادر شيخ ڪيون هيون. سڀ ڳالهيون اشارن ۾ هونديون هيون جيئن پوسٽ ماستر هونهه ڪري هنکي سوچڻ تي مجبور ڪيو هو.

” هو سوچي سوچي چريو ٿي پيو هو. منهنجا خط نبيتن کي نه مليا پر هن جيڪي خط موڪليا اهي به مون کي نه مليا. نبيتن ته ڪجهه چوي ٿي ڪانه پر شربتي ٻاڪي جي ڳالهين مان پتوپوي ٿو ته هن ڪجهه خط چوڏريءَ جي زال کان لڪرايا هئا، پوءِ هن گهر جون شيون کپايون ڇو. ڪدم کي پنهنجي سوالن جو ڪو جواب نه ملي رهيوهو.

نبيتن جي خاموشيءَ ۾ ڪهڙو راز آهي. هوءَ ڪلي ڳالهائي نه ٿي جو مون کي ڪا خبر پوي. الائي منهنجي پويان ڇا ٿيو آهي.هوءَ مون کي ڪجهه به نه ٿي ٻڌائي ڪدم ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ مان بيزار ٿي پوندو هو هن پاهرنڪرڻ ۽ ماڻهن سان ڪلڻ ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو هو.شهر ۾ تمام گهٽ ويندو هو ڪدم ڪلاڪن جا ڪلاڪ نبيتن کي ڪاوڙ مان تڪيندو رهندوهو. اڳي وانگر ڳالهائڻ هن ڇڏي ڏنوهو.هو نبيتن وٽ بيهي نخون به نه ٺاهيندو هو.

نبيتن گهڙي کن لاءِ ڪدم جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي محسوس ڪندي هئي ۽ پوءِ پنهنجي ڪم سان لڳي ويندي هئي.هوءَ سمجهي پئي ته جهاز تي نه وڃڻ جي ڪري ڪدم ڪاوڙيل رهي ٿو پيو ته هاڻي هن کي ڪدم تي توجهه ڏيڻ جو ٽائيم ئي ڪو نه هو.

هوءَ ته پنهنجي اندر ۾ مصروف هئي. هن جي اندر ۾ هڪ ننڍڙو انساني وجود پاسا ورائي رهيو هو. نبيتن وڏي پيار سان هن جي آجيان (Welcome) ڪرڻ

پئي چاهي. ڪدم چيو هو تہ هن دفعي هن کي پٽ ٿيندو ۽ نبيتن کي بہ پڪ هئي تہ هن کي پٽ ٿيندو. هوءَ پهرين پنهنجي اچڻ واري پٽ جي باري ۾ سوچيندي رهندي هئي ۽ تياريـن ۾ لڳي ويندي هئي. اڪي شاديءَ کان پوءِ هلي ويندي پر هن جي ڪڇ ۾ هڪ گول چند جهڙو پٽڙو هوندو،جيڪو سچو ڏينهن هن کي رڌل رکندو هن جا ننڍا ننڍا ڪم ڪري نبيتن کي ڪيڏي هن جي خوشي ٿيندي ڪدم جي حيثيت هاڻي کان ئي ڪجهہ گهٽ ٿي ويئي هئي نبيتن پيهر ماءُ ٿيڻ جي خوشيءَ جي تڪبر ۾ گهڻي حد تائين ڪدم کي وساري ويٺي هئي. پوءِ بہ جڏهن هن کي سوچن ۾ گم ڏسندي هئي تہ پڇي ويهندي هئي "تون ائين گم سم ڇو ويٺو آهين" ڪدم ائين ڏسڻ لڳندو هو ڄڻ پڇي رهيو هجي ڇا تو کي ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي تنهنجي ڪنن ۾ ڪا ڳالهہ نہ ٿي پئي. ڇا تون پنهنجي سمجهہ گهوٽي پي وئي آهين ۽ واقعي نبيتن جي سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ ايندو هو. هن وٽ انهن ڳالهين لاءِ وقت ئي ڪٿي هو. هوءَ بيد ليءَ سان ڳالهہ ڪري هلي پوندي هئي. هن جي ملت ۾ هڪ خاص قسم جو غرور. هوءَ انهن ڳالهين جي پرواهہ ئي ڪا نہ ڪندي هئي. هن کي هي ننڍيون ننڍيون شيون گهٽ محسوس ٿينديون هيون. هن جي زندگيءَ ۾ جيڪا بهار اچڻ واري هئي. هن جو خيال آس پاس جي هر شيءَ هن کي سڪل ۽ ڇٽيل پنن وانگر محسوس ٿيندي هئي. بلڪل بيڪار ۽ اجائي. هوءَ پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ گم هئي. پر ڪدم اندر ئي اندر سڙي رهيو هو. موهاڻي پاڻ کي وڏيڪ ڏوڪي ۾ نہ پيو رکي سگهي.

قادر شيخ ڪدم کي چيو هو تہ مان مهيني ۾ شهر مان موٽي ايندس، پر هو ڇهن مهينن کان پوءِ ڳوٺ آيو. هن چيو مان معمولي ڪيس لاءِ شهر ٿوري ويو هئس شهر جي ويجهو ڀٽيار ٽيڪ (Bhatiar Take) ڏٺي اٿئي نہ؟ بس انهيءَ تي قبضو هو. بس ائين سمجهہ اتان ٻاهر مڃي ويندي تہ پورن ٻن لکن جي آمدني ٿيندي سال ۾ ۽ ڪيس بہ ڪنهن معمولي ماڻهو سان نہ هو، چندن پور جو ديوان هو.هن کي هارائڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي، پر هن پيري مانِ سيني جا طوطا اڏائي ڇڏيا.هاڻي ڪو بہ ڀٽيارٽيڪ تي قبضو نہ ٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري ئي تہ مون کي اينترا ڏينهن لڳا آهن.

پر قادر شيخ جامخالف ڪجهہ ٻيو چئي رهيا هئا. هيترن سالن تائين جيڪو ڌاڌليون ڪندو سو نيٺ تہ قانون جي هٿن ۾ بہ ايندو. قادر شيخ جي باري ۾ سڀ ڄاڻندا هئا تہ هي ڦرون بہ ڪرائي ٿو تہ قتل بہ ٻين جي زمينن ۽ جائيدادن تي ناجائز

قبضو بہ ڪندو آهي. ماڻهن کي ڏوڪا بہ ڏئي ٿو ۽ هاڻي ماڻهن سان ڪوڙ هڻي ماڻهن کي بيوقوف بنائي رهيو آهي. پرڪدم لاءِ هنن ڳالهين جي ڪا اهميت نہ هئي. قادر شيخ ڪيترا ڪيس ڪتيا، ڪيترا هاريا ڪنهن هن کي ٿيپ ڏياري ۽ هو شهر ۾ جو اينترو عرصو رهيو.هي سڀ ڳالهيون هن لاءِ بيڪار هيون. قادر شيخ هن کي چيو هو تہ جڏهن مان شهر کان موٽي آيس تہ پوءِ سڀ ڳالهيون طئہ ڪندا سين. ڪدم کي هنن ڳالهين جي باري ۾ ڪو علم نہ هو ڪدم هي ڄاڻڻ لاءِ بيچين هو تہ اهي معاملا ڪهڙا آهن جنتي قادر شيخ مون سان ڳالهائڻ چاهي ٿو. ۽ هو اهي ڳالهيون پڇڻ لاءِ قادر شيخ جي حويليءَ ڏي ويو هو.

پر هن پيري بہ قادرشيخ کلي نہ ڳالهايو. هو پهريئن وانگر ڳجهارتن ۾ پنهنجو مطلب ٻڌائي رهيو هو. پرهن جي ڳالهين سان ڪدم جا شڪ شبها تيز ٿي ويا.

شروع شروع ۾ قادر شيخ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندو رهيو. پنهنجي ڪيس جو احوال ٻڌائيندو رهيو. جڏهن ڪدم ڪين جي ڪيسن سان وڏي دلچسپي هئي. پوءِ هن پنهنجي مخالفن کي دل کولي گاريون ڏنيون ۽ هنن جي خاندان ۾ ڪنهن کي بہ نہ بخشيو. مطلب تہ قادر شيخ موقعو ئي نہ ڏنو جو ڪدم ڳالهائي.

پنهنجي استوري پوري ڪري هو پنهنجا بوٽ لاهي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ گهر وڃڻ لڳو ڪدم بہ اٿي بيهي رهيو. هاڻي هو ٻاڻ کي جهلي نہ سگهيو.

”چاچا تو چيو هو تہ شهر کان موٽي سڀ معاملا طئہ ڪندس. آخر هو ڪهڙيون ڳالهوين هن“ ڪدم جڏهن نندو هو تہ قادر شيخ هاريي تي ٻني وٺي هنن ۾ هر هلائيندو هو. اڄ هو وڏو امير هو پرڪدم هميشہ کان هن چاچا چوندو هو. هي ڳوٺ جي رهواسين جون رسمون آهن. ننڍا هميشہ وڏن کي چاچا، ماما يا ڏاڏا وغيره چوندا آهن ۽ ڪدم بہ انهيءَ رشتي سان قادر شيخ کي چاچا چوندو هو.

قادر شيخ موٽي ڪدم کي غور سان ڏٺو.ڪدم کي هن جونهارڻ خوفناڪ محسوس ٿيو.

”مان هن وقت تڪڙ ۾ آهيان تون پوءِ اچجانءِ“ قادر شيخ اڳتي وڌندي چيو پوءِ هو گهڙي ڪن لاءِ بيٺو. هن جي اکين ۾ گندگي ظاهر هئي.

”تو پنهنجي زال جا پرڪار ڏٺا آهن. تنهنجي عقل ۾ ڪجهہ اچي ٿو يا نہ“ ڪدم وات ڦاڙيون هن ڏي ڏسي رهيو هو. شيخ قادر جي لفظن ۾ الائي ڪهڙو جادو

هو ڪدم جو سڄو جسم ڏڪڻ لڳو. ڇگو تون پوءِ اچجانءِ ڪدم جواب ٻڌي بغير قادر شيخ ڇيو ۽ گهر اندر هليو ويو.

ڪدم ويراندي ۾ ائين ويٺو هو ڄڻ هن ۾ ساه ئي ناهي هو الائي گهڻي دير تائين منهن تي هٿ رکي سوچي رهيو هو. قادر شيخ ڏي انهيءَ ڪري ويو هو ته سڀ ڳالهيون معلوم ٿينديون، پر اتان موٽيو ته هن جي دماغ تي ڏنڊ جو دونهون ڇمي ويو. هن کي خبر ئي نه پئي ته هو ڪيتري دير کان اتي ويٺو آهي. هن جي نڙي خشڪ ٿيڻ لڳي.هن پاڻيءَ لاءِ نبيتن کي آواز ڏنو پر هنکي ڪو جواب نه مليو.

تڏهن ڪدم کي خيال ٿيو ته هن گهڻي دير کان نبيتن کي نه ڏٺو آهي. هن اتي ڪونيءَ ۾ ڏٺو پر نبيتن اتي به نه هئي. شايد هوءَ ساڳ پٽڻ وئي هجي ڪدم اتي گهرن پويان ويو، پر اتي به مانڪ هئي. اڪي به لاپته هئي ڪدم زور زور سان آواز ڏنو پرڪوجواب نه مليو. هو ٿڪجي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير ۾ هن ڪنڌ کنيو ته نبيتن پري کان ايندي نظر آئي.هوءَ ٻنين مان آهستي آهستي اچي رهي هئي.

ڪدم کي ڏسي هن ساڙهيءَ جي ڪنڌ مٿي ڇڪي ۽ مٿي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.هوءَ ڪجهه ڪٿس محسوس ڪري رهي هئي. شرم کان هن جومنهن ڳاڙهوٽي ويو هو.

اوچتو ڪدم کي محسوس ٿيو ته سڀ ڳالهيون صاف ٿي ويون. هاڻي شڪ شبهي جي گنجائش ناهي. هن کي پنهنجي سيني سوالن جا جواب ملي رهيا هئا.

”ڪاڏي وئي هئينءَ؟“ ڪدم ڪجهه سخت لهجي ۾ پڇيو. نبيتن کي ڳالهائڻ جو هي اندر اڻ وڻندڙ محسوس ٿيو هن هڪ منٽ لاءِ ڪدم کي ڏٺو ۽ چيو.

”وڏيري جي گهر وئي هيس“.

” وڏيري جي گهر وئي هئينءَ ڇو وئي هئينءَ؟“ اتي ڪدم جي ڪاوڙ وڌي وئي.

نبيتن ڪدم کي ڪڏهن ائين ڪاوڙ ۾ نه ڏٺو هو. هوءَ ڪجهه ڊڄي وئي ۽ نرميءَ سان چوڻ لڳي.

”مان ته وڏيري جي نندي نهن وٽ وئي هيس“ ”وڏيري جي ننهن وٽ وئي هيس.“ ڪدم نبيتن جي نقل ڪندي چيو.ڪاوڙ مان هن جو چهرو ٽپي ويو ۽ الفاظ سروٽن وانگر هن جي وات مان نڪري رهيا هئا. هن وٽ ڇو وئي هئينءَ؟ ڪهڙو ڪم هو تنهنجو هن ۾ “؟

سئي .... مان سئي ونڻ وئي هيس.

سئي .... هون ۽ هيءَ تنهنجي هٿن ۾ ڇا آهي ؟

”ڪجهه ڏاڳا ۽ پراڻي ساڙهي!“ هوءَ عجيب شرمندگي محسوس ڪري رهي هئي ۽ لفظ بيهي بيهي هن جي واتان نڪري رهيا هئا. پوءِ هٿ وڌائي هن سڀ شيون ڪدم جي آڏو رکي ڇڏيون.

”توڪي هي ڪنهن ڏنو آهي؟ ٻڌاءِ ڪنهن ڏنو اتـئي نندي وڏيري هي سڀ توڪي ڇو ڏيندي آهي. نبـيتن سـوچي پئي ته جواب ڏئي ۽ ڪدم کي ٻڌائي تـه تون سمجهين نه ٿو هي مون کي هن ڇو ڏني آهي. تون نـه ٿو سمجهين تـه چوڏريءَ جي ننهن جي سـئي ڏاڳا ۽ پراڻي سـاڙهي نـنيڙي جي سـوڙ نـاهڻ لاءِ ڏني آهي، پرهوءَ ڪجهه به ته چئي نه سگهي. بس اکيون کولي ڪدم کي حيرت مان ڏسندي رهي.

نبـيتن کي ياد نـه پيـو اچي تـه هن ڪڏهن ڪدم کي ايڏي ڪاوڙ ۾ ڏنـو هجي.

هڪ سَوَڙ .... هن آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو. هن جي آواز ۾حجاب هو پر هن ڪان اڳ جو هوءَ ڪجهه چوي ڪدم سڀ شيون ڪسي اڇلائي ڇڏيون.

هاڻي نبيتن ڇُپ ڪيون بيٺي هئي. ڪدم ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي رهيو هو.هن جي اکين مان باهه نڪري رهي هئي. نبيتن ڪڏهن اهي اکيون ۽ چهرو نه ڏٺو هو. هو ڪاوڙ مان سهڪي رهيو هو. هن کي ڪدم اجنبي لڳو. هوءَ ڇپ ڪيون بيٺي هئي پوءِ هن نِوڙي سڀ شيون ميڙي گهر اندر هلي وئي. ڪجهه ڏينهن ائين ئي گذري ويا.

هڪ ڏينهن ڪدم شهر مان موٽيو تـه بنا تڙ ڪرڻ جي کٽ تي ڪري پيو، پان ۽ سوپارين جي پڙي هن ڏاڍيان اسٽول تي ڦٽي ڪئي. هي سڀ شيون اسٽول تان زمين تي ڪري پيون. نبيتن دروازي ۾ پاڻي ۽ بوٽ کنيون بيٺي هئي. جيئن ڪدم جا پير ڌواري بوٽ پارائي. ڪدم نبيتن کي زور زور سان آواز ڏئي اندر سڏڻ لڳو.

ڪدم کي ڪاوڙ ۾ ڏسي نبـيتن جي دل خوف کان گهـڙي ڪن لاءِ حـرڪت ڪرڻ بـه وساري ويٺو.

”مـون ٻڌو آهي تون وڏيري جي گهـر نوڪـرياڻي ٿي ڪم ٿي ڪرين ۽ اتي رات بـه گذاري ٿين، ڪدم حاڪماڻي لهجي ۾ پڇيو.“

” ها بابا وڏيرڻ ايڏي خراب آهي جو امان کي سچ پچ نوڪرياڻي سـمجهي ايڏو ڪم وٺندي هئي جو ويچاري امان تـه ....“

”بند ڪر وات“ اڪي شايد پيءُ جي ٻي ڳالهہ نہ سمجهي هئي. هوءَ هن جي ٻهريئين جملي جو جواب ڏيئي رهي هئي، پر نبيتن جي ڇڙٻ ٻڌي ماٺ ڪري وئي.

”تو منهنجي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي. آخر تو هي سڀ ڇو ڪيو؟ ڇا جي ڪري؟

هن ڇو جو ڪو جواب نہ هو. نبيتن ماٺ ڪيو بيٺي هئي.

” تو وڏيري جي گهر ۾ ڇيو ڇا ڪندي هئينءَ. مون کي سڀ ٺيڪ ٺيڪ ٻڌاءِ ڪدم بيٺل پڇيو.

ملاح جي ڪاوڙ پوري عروج تي هئي. هو تپي ويو هو.

نبيتن اڃا تائين دروازي تي ٽيڪ ڏيو بيٺي هئي جڏهن تو کي ايڏو ناز آهي جو منهنجا پئسا ڪٺي اڇلائي ڇڏيا اٿئي تہ پوءِ وڏيري جي گهر وڃي ڇو نہ ٿي رهين؟ ڇو اسان جي پيءُ ڏاڏي جو نالو بدنام ڪيو اٿئي؟“

هاڻي ڪدم پنهنجي غصي تي قابو پاتوهو ڇاڪاڻ ته هو خطرناڪ معلوم ٿي رهيو هو.

”پيسا ! ....“ نبيتن جي سڪيل نڙيءَ مان قاتل آواز نڪتو ”پيسا .... تہ هاڻي ايڏي اڀوجهہ ٿي رهي آهين جڻ ڪجهہ ڄاڻي ئي نہ ٿي.“ ائين چئي ڪدم ڪجهہ ميرا سيرا گهنجايل نوٽ ڪڍيا ۽ فرش تي اڇلايا نبيتن غور سان ڏسي رهي هئي. هن کي پنهنجي اکين تي ويساهہ نہ پيو اچي. هنن گهنجايل نوٽن ۾ اهي نوٽ بہ هئا جيڪي هن گهٽا ڏينهن اڳي ويڙهي سيڙهي قادر جي منهن تي هنيا هئا. هن کي سڄو گهر ڦرندو محسوس ٿيو. هن جي پيرن هيٺان زمين نڪرڻ لڳي. هن ڪونيءَ ۾ هن کي گهٽ محسوس ٿي رهي هئي. نبيتن ڦيري ڪائي ڪري پئي. پاٽيءَ جي تڳاري جيڪا هن ڪدم جي پيرن ڌوئڻ لاءِ رکي هئي هن جي پاسيرين ۾ لڳي ۽ هوءَ رڙهندي ٻاهر نڪري آئي.

اڪي ماءُ کي اٿارڻ لاءِ ڀڄي پر ڪدم زور سان هن جي منهن تي چماٽ هنئي.

”جهڙي ماءُ تهڙي ڌي پئي ڪجريون آهن منهنجي پويان وڏيري جي گهر پئي مزا پيون وٺن منهنجي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي اٿن ڪتين“ .

اڪي گونگن وانگر پيءُ جو منهن تڪڻ لڳي ٿڦڙن جو نہ پر هن کي لفظن جو ڌڪ لڳو. پوءِ هوءَ سڏڪا ڀري زور زور سان روئڻ لڳي.

هاڻي ٻاهر ماٺ هئي نبيتن جي روئڻ ۽ ڪنجهڻ جو آواز بند ٿي چڪو هو.

هوءَ بي هوش ٿي زمين تي ڪري پئي هئي. وچي نندي وڏيريءَ وٽ ڇو نہ ٿي رهين مان تو جهڙي ڪيريءَ ڪي پاڻ وٽ نہ رکندس." ڪدم زور سان دروازو بند ڪيو ۽ اندر سمهي رهيو.

نبيتن ڪڏهن ڪدم ڪي ڪجهہ نہ چيو هو. هوءَ ڄاڻي پئي تہ شڪون شڪايتن سان ڪدم جي دل ڪٿي ٿي پوندي. هن تي جيڪي ڪجهہ گذريو هو ان جو هڪ اکر بہ هن ڪدم نہ ٻڌايو هو، ڇو تہ ڳوڻن ۾ اهڙين ڳالهين تي خون ٿي ويندا آهن. هوءَ ڄاڻي پئي تہ قادر شيخ جي طاقت ۽ دولت ان ڪي هر ڪنهن ڪان بچائي سگهي ٿي. هن ڪي خطروهو تہ جي ڪدم هن سان ٽڪر ڪنيو تہ هو ضرور ڪدم ڪي مارائي ڇڏيندو يا ڪنهن نہ ڪنهن ڪيس ۾ جيل اماڻي ڇڏيندو. هوءَ پنهنجي گهر جي تباهي نہ پئي ڏسڻ چاهي، هن ڪي ڪدم جي زندگي ڪنهن بہ انتقام ڪان پياري هئي، پرهوءَ شريف ۽ سادي عورت هي نہ پئي سمجهي تہ قادر شيخ تي شڪست جو گهاءُ ڪيڏو هو ۽ هن ڪهڙيون چالاڪيون ڪيون آهن ڪدم جا خط ۽ مني آرڊر بہ هن گم ڪرائي ڇڏيا هئا هن ڪي خبر نہ هئي تہ ڳوٺ جي غندن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿين ٿيون ۽ هي سڀ ڳالهيون ڪير ڦهلائي رهيو آهي.

هن ڪي تہ بس نندي وڏيري جو خوف هو ۽ هن خوف جو هجڻ بہ صحيح هو، پر نندو وڏيرو ۽ قادر شيخ هن لاءِ جيڪي ڳالهيون ڦهلائي رهيا هئا ان جو هن ڪي احساس ئي نہ هو. جڏهن ڪان ڪدم آيو هو هوءَ پنهنجي گهر ۾ رذل هئي ۽ هاڻي هن جي جسم ۾ هڪ نديڙيءَ جان هن ڪي زماني جي رياڪارين ۽ اجاين ڳالهين ڪان گهٽو مٽي ڪري ڇڏيو هو. هن ڪي ڪڏهن شڪ بہ ڪو نہ هو تہ ڪدم جي ڪنن ۾ اهي ڳالهيون پون ٿيون ۽ هو ڇا سوچيندو هوندو پر هي ايترو اوچتو ۽ دردناڪ هو جو صدمي ڪان نبيتن جي زبان هٽ، بيرِ مطلب تہ جسم جو هر عضوو بيجان مفلوج ٿي ويو هو.

ٻي صبح تي سارنگ جي ماڻن جيڪي ٻئي گهر ۾ رهندا هئا ڏٺو تہ نبيتن اڱڻ ۾ بيهوش پئي آهي. هڪ نديڙو تازو مئل ٻار هن جي پيرن ۾ پيو آهي.

هنن جي ڳالهائڻ جي آواز تي نبيتن ڪي هوش اچي ويو. هن اٿي پنهنجي ساڙهي نيڪ ڪئي پنهنجي مئل ٻار ڪي ڪٽي ڏڪندي وکون ڪٽندي گهر اندر هلي وئي "ا سان ڪي هلي هن ٻار ڪي دفن ڪرڻ گهرجي" قربان چيو. "ڪيري جي پٽ ڪي پورڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. وڇي ڪنهن شاخ ۾ لوڙهي ڇڏيو" ڪدم

چرين وانگي رڙيون ڪندي چيو ۽ پيتي کڻي پنهنجو سامان وجهڻ لڳو. هن فيصلو ڪيو تہ اڄ ئي پرديس هليو ويندس.

نبيتن پنهنجي هوش ۾ نہ هئي، شربتيءَ وڏي ڪوشش سان ٻار کي ڇڏايو ۽ قربان کي ڏنو.

اڪي آخر نبيتن جي ڌي هئي، هن ۾ خدمت ڪرڻ جو مادو ماءُ وانگر ڀريل هو. هن لاءِ ٻيءَ لاءِ چانور ڇڇايا ۽ پوءِ دڪان تان سوجي اڏار وٺي آئي ۽ لوڻ وجهي پچائي ماءُ کي کارايو نبيتن جيڪا ڪنهن معذور وانگر گهمڻ ڦرڻ کان لاچار هئي سنئل بہ گرهہ وات ۾ وڌا ۽ وهائي تي ڪري پئي.

ڪدم پنهنجو سامان پيتيءَ ۾ رکي ڇڏيو. ڪجهہ گوڏون، ٻہ چار قميصون، درسني، ڦڻي ۽ تيل جي هڪ شيشي. اهو ئي هن جو سامان هو نبيتن ڪجهہ دير تائين زور زور سان روئڻ لڳي. شايد هوءَ پنهنجي مئل ٻار لاءِ بيچين هئي. ڪدم کي سامان ٻڌندي ڏسندي رهي ڪمزوريءَ جي ڪري هوءَ ڪنڌ بہ مٿي ڪٿي نہ پئي سگهي. ائين ڪٿ تي پيل هوءَ سوچيندي سوچيندي سمهي رهي.

ڪدم پيتي کڻي ٻاهر آيو تہ آسمان تي بادل ڇانيل هئا.هو وڏي گهر ويو ۽ سيني مائٽن سان مليو. پوءِ بسم الله ڪري هن گهر کان ٻاهر قدم رکيو. "ادا ڪدم ! ياچائي سخت بيمار آهي هن وقت تنهنجو وڃڻ نيڪ نہ آهي. اجا ڪجهہ ڏينهن ترسو هوءَ چاڪ ٿئي تہ پوءِ هليا وڃجو. جواب ۾ ڪدم شربتيءَ ڏانهن ائين ڏٺو جو هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري اتان هلي وئي.

سارنگ جو سڄو خاندان هن کي خدا حافظ چوڻ لاءِ هن جي پويان پويان اچي رهيو هو. عزيزن جي ايڏي هجوم ۾ فقط نبيتن نہ هئي ۽ هنن مان ڪنهن بہ نبيتن جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. شايد هو سڀ نبيتن جي خوشگوار ۽ سکي زندگيءَ کان پريشان هئا ۽ هن کي تڙپندو ڏسي سڀ سڪون محسوس ڪندا هئا.

هو سڀ دريا جي ڪناري پهچي بيهي رهيا سڄو آسمان ڌامر وانگر ڪارو هو. شربتيءَ جي ڏاڏي پوڙهي تميزالدين هر لمحي پنهنجي پوڙهين اکين سان وڏنڌڙ ڪارن ڪڪرن کي ڏنو ۽ ڪنڌ لوڏيندي چيو.

"ائين ٿو لڳي جڻ وڏو مينهن پوندو. مون کي هنن ڪڪرن جا آثار سٺا نہ ٿا ڏسجن. شايد طوفان اچڻ وارو آهي."

ڪڪر واقعي خوفناڪ هئا. سڄي آسمان ڌي ڏنو ۽ اچڻ واري طوفان جي

خيال سان گهبرائجي ديا. اوچتو تمام تيز هوا لڳڻ لڳي.هوا تمام گرم هئي. ائين پيو لڳي. ڄڻ باهه جا شعلا جسم ساڙي رهيا هجن. هو سڀ حيرت مان هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا. هنن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هي هوا آهي يا باهه جوهنن کي ائين ساڙي اهي آهي. پوڙهي تميزالدين هٿ ۾ ڍڳهيڙيو. هو ڏسڻ پيو چاهي هي هوا خشڪ آهي يا گهميل پوءِ هن آسمان ڏي ڏٺو ۽ ڪدم کي چوڻ لڳو.

"پٽ تون اڄ نه تــو وڃين سگهي آثار برا آهن اهڙي صــورت ۾ دريا پار ڪرڻ مـوت کي دعـوت ڏيڻ جي برابر آهي. سـپن پوڙهي تميـزالدين جي هاسان ها ملائي. هو تجربيڪار ملاح رهي چڪـو هو. هو ڄاڻي پيو ته ايڏي گـرم هوا ضرور ڪا مصيبت آڻيندي. طوفان ٻوڏ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون تباهيون ٿي ويندبون آهن.

"الله تعالىٰ هميشه پنهنجي بندن کي مصيبت اچڻ کان اڳ خبردار ڪري ڇڏيندو آهي. هو ڪيڏو ٻاجهارو آهي. "پوڙهي تميـزالدين چيو. "ائين ٿـو لڳو رات تائين دريا جون لهرون خوفناڪ ٿي ويندبون. توهان رات جو هوشيار رهجو ۽ ننڊ نه ڪجو." تميـز الدين گـهر ڏي موٽندي چيو. پوءِ بيهي هن ڪدم ڏي ڏٺو ۽فيصلو ٻڌائيندي چيو،

"اڄ تنهنجي وڃڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، موٽي گهر هل".

پوڙهو تميــز الدين سـجي خاندان جو بزرگ هو. هن جي ڳالهه ٽارڻ ڪا آسان ڳالهه نه هئي. پوءِ واقعي آسمان گهٽو خوفناڪ نظر پيو اچي. ڪدم پنهنجو وڃڻ ملتوي ڪري ڇڏيو ۽گهر واپس موٽي آيو. گهر اچي هن ڏٺو ته نبيتن ستي پئي هئي ٻپهري تائين ڪـڪـر گهرا هئا. گـرم هوا هاڻي ٿڌي ٿي وئي هئي. هوا جي ذور تي هڪ ڪڪر هٽي رهيو هو ته ٻيو ان جي جاءِ والاري رهيوهو. ڪدم محسوس ڪري رهيو هو ته ڪٿي وڏي تباهي آئي آهي يا اچڻ واري آهي.

وڏي گهر جي ٽين واري ڇت ته بارش جي آواز سان مسلسل گوڙ ٿي رهيو هو، پرڪدم جي ڇت تي بارش خاموشيءَ سان پئي رهي هئي.

بارش جي آواز سـان ڪدم اٿي ويهي رهيـو. نبيتن بي خبـر ستي پئي هئي. ڪدم پنهنجي ڪئي تي پڇتائي رهيو هو. نبيتن تي هن جيڪو ظلم ڪيو، تنهن تي دل ئي دل ۾ پڇتائي رهيو هو. نبيتن جي ڪمزور جسم ۽ بي وسيءَ تي هن کي رحم اچي رهيو هو.

بارش سـجو ڏينهن ٿـيندي رهي. ٻئي ڏينهن تي به بارش بند نه ٿي. اڄ ٽئي ڏينهن به بارش بند ٿيڻ جا امڪان نه هئا. وڏي گهر جي ڇت هيٺيان بکيو ۽اجايل

مان بيٺو هو، پر ڪنهن ۾ به ايتري همت نه هئي جو هڪ وک به ٻاهر کڻي سگهي ڪدم ڪٿ تي ويهي نبيتن کي ڏسي رهيو هو. نبيتن کي ڏسي هي اندازو لڳائڻ مشڪل هو ته هن ٽي ڏينهن اڳ هڪ ٻار کي جنم ڏنو آهي، جيڪو پيدا ٿيندي ئي مري ويو هو ۽ انهيءَ رات ڪدم هن تي گهر جو دروازو بند ڪري ڇڏيو هو. هوءَ کٽ تان اٿي گهر جا سڀ ڪم ڪندي هئي. هن ٻاهه ٻاري ۽ ماني پچائڻ ويهي رهي.ڪاڏو تيار ڪري هن ڪدم کي آواز ڏنو، ڪدم چپ چاپ ڪاڏو کائيندو رهيو ۽ هڪ لفظ چئي بغير کٽ تي ليٽي پيو. اڪي دروازو بند ڪري ڇڏيو. نبيتن بارش کان بچڻ لاءِ وڏي ڪچيءَ جي نهيل ٽوپي پاتي ۽ گهر کان ٻاهر نڪري آئي. ڪدم جي نظر نبيتن تي پئي ته اوچتو ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ دروازي ۾ بيهي ڏاڍيان چوڻ لڳو "نبيتن تون ڪاڏي ٿي وڃين؟ پر ان وقت نبيتن پاٿيءَ جي لڳاتار وسندڙ پردن ۾ غائب ٿي وئي هئي. ڪدم ويرانڊي ۾ بيهي زور سان آواز ڏنو، "نبيتن او نبيتن اهڙي طوفان ۾ تون ڪاڏي ٿي وڃين؟ منهنجي ڳالهه ته ٻڌ - پر ڪدم جو ائين رڙ ڪرڻ اجايو هو ڪدم محسوس ڪيو ته هن جو آواز تيزبارش ۾ ڪجهه والن تائين به نه پهچي رهيو هو.

"تنهنجي ماءُ ڪاڏي وئي آهي". ڪدم اڪي کان پڇيو. "خبر ناهي." اڪي مختصر جواب ڏنو ۽ ٻيهر پنهنجي ڪم ۾ لڳي وئي. اڪي کي پنهنجي پيءَ جو رويو چڱو نه لڳو هو ۽ هوءَ چاهي پئي ته پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار چڱيءَ طرح ڪري.

"اڪي هيڏي اچ پٽ" ڪدم آواز ڏنو پر بارش جي شور ۾ هن جو آواز ختم ٿي ويو ۽ اڪي ڪجهه ته ٻڌو ۽ هوءَ ٻڌندي به ائين وڃي رهي ڄڻ هن ٻڌو ئي ناهي. شايد هوءَ به پنهنجي ماءُ وانگر خاموش رهڻ سکي وئي هئي. صبح سان نبيتن هن کي ڪم سان لائي ڇڏيو هو.هوءَ نرسل جي تيلين کي ڪٽي سنهو ڪري رهي هئي ته جيئن نبيتن کي نخ ٺاهڻ ۾ آساني ٿئي .

ڪدم سوچي رهيو هو ته مون کي اڪي کي ائين ٺٺڙ نه هڻڻي هئي. مان ماءُ ۽ ڌيءُ ٻنهي تي ظلم ڪيو آهي هو اڪي جي ويجهو آيو ۽ هن جي مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳو.

"پيءُ جو هڪ ٺٺڙ ڪائي تو ناراض ٿي وئين آن ۽ ماءُ کان ڏينهن رات چڙٻون ٿي سهين ۽ مار به کائين ٿي تڏهن به هن کان ناراض نه ٿي ٿين." ڪيئن آهي نه سچ"

اڪي ڪنڌ ڪٽي پنهنجي پيءُ کي وڏين وڏين معصوم اکين سان ڏٺو. هوءَ گهڻو ڪجهه چوڻ چاهي پئي. هن جي ننڍڙي دل پڇي پئي هئي. پيءُ ٺڦڙ به نه هنيو هو پيو به نه الائي ڇاڇا چيو هو. هن کي ٺڦڙ جي ڏک جو ڪم غم نه هو، پر هن ڪان پوءِ ڪدم ڪا به نه اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي هئي، جنهن سان اڪي کي خوشي ٿئي ها.

"چڱو هاڻي اٺ صبح کان ڪم ڪري رهي آهين". ڪدم اڪي کي اٿاريو ۽ پاڻ ٽيليفون ڇلڻ لڳو. نبيتن واپس موٽي نه پاٽيءَ ۾ پنلب ٿي، هن ڪپڙا بدلايا ۽ وار نچوڙي سڪايا ۽ پوءِ اڌل نهيل نخ وڃائي ويهي رهي.

اڪي هن جي سامهون سنهين سنهين تيلين جو ڍير لائي ڇڏيو. ڪدم واپس اچي بستري تي سمهي پيو. ڪجهه دير تائين هو پاسا ورائيندو رهيو ۽ پوءِ رڙ ڪري چوڻ لڳو.

" ڪاڏي وئين هئيئن."

نبيتن لا تعلق ٿي ويٺي رهي هوءَ هڪ هڪ ڪري تيليون ڦهلائي رهي هئي ۽ پوءِ ونگوڙن ۽ ڏگهن ڊزائين ۾ نـاهڻ لڳي. اڄ هن جون ٻانهون خالي هيون هي ڳالهائي ڇو نه ٿي" ڪدم بيچين ٿي رهيو هو. هو کٽ تان اٿي نبيتن جي ويجهو کٽ تي ويهي رهيو ۽ تيلين سان نخ ناهڻ لڳو، پر هن جو دماغ ڪم نه ڪري رهيو هو. هن کي نبيتن جي خاموشيءَ مان خوف محسوس ٿي رهيوهو. ٿوري دير هو هن سان نخ نـاهيندو رهيو ۽ پوءِ اچي کٽ تي ڪري پيو. بارش هڪ لمحي بيهڻ بنا وسندي رهي اهڙومينهن هن ڪڏهن نه ڏٺو هو. ائين پيو لڳي ڄڻ سڄو سنسار هن پاٽيءَ ۾ ٻڏندو.

نبيتن ڪنڌ گوڏي تي رکي نخ نـاهي رهي هئي. ڪدم جي قوت برداشت جواب ڏئي رهي هئي. اندر نبيتن جي زهريلي خاموشي ۽ ٻاهر مينهن ٻنهي گڏجي هن کي پاگل بڻائي ڇڏيو هو.

"تون گونگي ته نه آهين آخر ڪجهه ڳالهائين ڇو نه ٿي." ڪدم زور سان رڙ ڪئي.

نبيتن سر جهڪايون ويٺي رهي. هن اکيو ڪٽي ڪدم کي تيز نظر سان ڏٺو ۽ ٻيهر پنهنجي ڪم سان لڳي وئي.

هن جي اکين ۾ ڪدم الائي ڇا ڏٺو هو. هو بستري تان اٿي تيزي سان نبيتن ڏي وڌيو ۽ تيليون نبيتن جي هٿن مان کسي ٻري اڇلائي ڇڏيائين هو صفا روئڻهارڪو

ٿي ويو.

”تون ايڏي خاموش ڇو آهي. ڪجهہ ڳالهائين ڇو نہ ٿي. ڇؤ تہ هي سڀ ڪجهہ ڪوڙ آهي، قادر شيخ ۽ يوسف ماستر جيڪي ڪجهہ چون ٿا سو سڀ ڪوڙ آهي. مون کي ٻڌاءِ نبيتن تہ هي سڀ غلط آ“.

نبيتن جواب ۾ آهستي ڪجهہ چوڻ چاهيو پر ان وقت آسمان ۾ ايڏو ڪڙڪو ٿيو جڻ ساري دنيا جا آواز هن ۾ شامل ٿي ويا. هنن پنهنجا مٿا گوڏن ۾ لڪائي ڇڏيا. هوا گهٽ ٿيڻ بدران اجان بہ تيز ٿي وئي، ائين پيو لڳي جڻ هي خوفناڪ دل ڏاريندڙ آواز زمين جو سينو ڦاڙي رکندا. هو سڀ ساهہ جهليون وينا هئا. جڏهن آوازن جو زور هلڪو ٿيو تہ ڪدم در کوليو ۽ لئو پائي ٻاهر ڏٺو. بارش بہ گهٽجي رهي هئي. ٻاهر گهرن گهٽين ۾ جيڪو پاڻي بيهي رهيو هو سو تيزيءَ سان ٻنين ۽ ميدانن ڏي ڊڪڻ لڳو. ڪدم ٻاهر نڪري آيو. انهيءَ سان سارنگ جي گهر جا سڀ ڀاتي بہ گهر جي اڱڻ ۾ اچي جمع ٿيا هئا. ٻاهر کلي هوا ۾ اچي هنن ڊگها ساهہ کنيا ۽ ٿنگون سهائڻ لڳا. مسلسل ٿي ڏينهن ۽ ٽي راتيون گهرن ۾ رهڻ ڪري اهي آڪڙجي پيا هئا.

شربتيءَ جو پيءُ ۽ تميزالدين ٻاهر مال جي ڇن ڏانهن ڀڳا. قربان ٻنيءَ ڏي ڀڳو. هو ڏسڻ ويو هو تہ فصل ڪجهہ بچيو يا سڀ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو ڪدم سوچي رهيو هو روڄن جي کهڙي حالت هوندي جي هر هنڌ پاڻي ائين ئي آهي جيئن هت تہ بوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ منهنجو وڃڻ مشڪل ٿي پوندو هو ايا ڪجهہ اڃا وڌيو نہ ائين لڳو جڻ اسمان ڪڙڪو ڪري هن جي مٿان ڪري پيو آهي. ههڙو ڪڙڪو ڪندڙ گوڙهن ڪڏهن نہ ٻڌو هو ائين پيو لڳي جڻ زمين ٽڪرا ٽڪرا ٿي هيٺ هلي رهي آهي ۽ آسمان کان ايندڙ چند آوازو زمين جي سيني آوازن کي کائي ويندا. هو زمين جي سيني آوازن کي کائي ويندو. زمين ۽ آسمان جو سينو درد کان ڦاٽي رهيو هو. اکي جيڪا ويجهي ويني هئي پيءُ سان ويڙهجي وئي.

”بروقت آلائي کهڙي آفت اچڻ واري آهي، توهان سڀ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هلو. قرآن پڙهو“ پوڙهو تميزالدين مال جي منهہ مان چئي رهيو هو هن کان اڳ جو ڪدم ويراندي تائين پهچي ها، گجگوڙ ۽ ڪنوڻ تيز ٿي وئي.

”لا حو ولا قوة الا بالله ....“ پوڙهو تميز الدين زور زور سان لاحول پڙهي بلائون ڀڄائي رهيو هو. پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ ويهي رب کان دعا گهرو. تمام برو قوت آهي. اهو ئي بيڙو پار ڪندو. تميزالدين رڙيون ڪري رهيو هو ۽

چئي رهيو هو قربان ٻه خوفناڪ آوازن کان ڊڄي ٻنهي مان گهر پهچي ويو هو.
"قربان بيهي وڏي آواز سان بانگ ڏي"

قربان تڪڙ ۾ وضو ڪيو ۽ ڪعبة الله ڏي منهن ڪري بيهي رهيو هن ٻئي هٿ ڪنن تي رکيا ۽ پوري طاقت سان بانگ ڏيڻ لڳو.

اڃا تائين ته گجگوڙ ۽ چمڪ هئي پر هاڻي هوا به زور سان هلڻ لڳي. شروع ۾ ٿڌي هوا جا جهونڪا آيا ۽ پوءِ اهڙو طوفان آيو جو ڪدم جي نئين گهر جي ڇت به اڏامي وئي. اڪي گهبرائي هڪ نخ وڃائي ۽ ويهي دعائون گهرڻ لڳي.

پرآنديري ۽ طوفاني هوائون جاديوتا ڌرتي جي واسين تي پنهنجي سڄي ڪاوڙ لاهي رهيا هئا ائين پيولڳي چڻ سڀ گهر اونڌا ٿي پوندا. هوا گهٽ ٿيڻ بدران تيز ٿي رهي هئي سڀ دعائون آسمان تائين پهچڻ کان اڳ آنديري ۽ طوفان جي تيز هوا ۾ ۾ اڏامي ويون. ائين پيولڳي چڻ جهنگ جو هڪ وڻ به پنهنجن پيرن تي بيهي نه سگهندو هلو توهان وڏي گهر جي ڪمري ۾ هلي ويهو."

پوڙهي تميزالدين جي نڙي گهٽي ڳالهائڻ کان ويهي رهي هئي.وڏي گهر جون ڀتيون مضبوط هيون ۽ ڇت به ٽين جي ٺهيل هئي. ٻيو ته هو ٻين گهرن جي ڀيٽ ۾ مٿاهين تي هو.

"پٽ تڪڙ ۾ هڪ دفعو وري بانگ ڏي" پوڙهي تميزالدين سخت پريشانيءَ ۾ چيو.

قربان اسٽول تي بيهي بانگ ڏيڻ شروع ڪئي "اها به ڪا بانگ آهي جوپنجن ڇهن والن تي وينو آهيان ۽ تنهنجي بانگ نه ٿو ٻڌان. تنهنجو وات ته بند نه ٿي ويو آهي. "تميزالدين قربان کي ڇڙٻيندي چيو.

"مان ڇا ڪيان؟ هوا جي تيز آهي مان نڙي ڦاڙي ويهندس نڌهن به ڪو نه ٻڌندؤ" قربان صفائي پيش ڪئي. پر تميزا لدين کي اطمينان نه ٿيو. "توهان جوان ڪجهه نه ٿا سمجهو. بانگ شيطان جي دشمن آهي. جيتسائين بانگ پهچندي ايتري جڳهه سمجهه شيطان کان پاڪ آهي. بانگ جي دائري ۾ هو نه ٿو پهچي سگهي." اهو چوندي ئي پوڙهي تميزالدين پنهنجي نڙي ڦاڙي بانگ ڏيڻ شروع ڪئي. پر پنهنجو آواز هو پاڻ ئي ٻڌي رهيو هو ٻين کي صرف هن جا چرندڙ چپ ئي نظر اچي رهيا هئا.

هوا جي رفتار هلڪي ٿيڻ لڳي آسمان به ڪجهه هلڪو ٿيو. هن سان پوڙهي تميزالدين ٿهڪ ڏنو." ڏٺئي ائين ٿيندي آهي بانگ" پر اوچتو ڪن ايا ڪري هو

ڪجهہ چوڻ لڳو.هن جي چهري تي پريشاني وڌڻ لڳي.

ڪدم تون ڪجهہ ٻڌين ٿو .... ڪدم ڪن ڏنا ها پري ڪان هڪ گجگوڙ ٻڌان ٿو. هي آواز هلڪو هو پرغورسان ٻڌڻ سان صاف ٻڌجي رهيو هو. شروع ۾ ائين محسوس ٿيو ڄڻ پري ڪان ڪڪرن جي گجگوڙ آهي. پرهيءَ ڪابہ بلا هئي. خوفناڪ ۽ ظالم.

ڪنوڻ جي چمڪ جي ڪري هنن جون اکيون بند ٿي رهيون هيون ڪڏهن ڪڏهن تہ ايڏي روشني ٿي رهي هئي جو هو ڪجهہ بہ ڏسي نہ پيا سگهن روشنيءَ جا تير چئني پاسن کان آسمان تي وسي رهيا هئا.

"سڀ گڏجي لاحول پڙهو زور سان پڙهو" تميزالدين خود بہ ساهہ جهلي لاحول پڙهڻ لڳو. اکي حيرت مان آسمان ڏي تڪي رهي هئي باهہ جا ايڏا تير آڪاش تي وسي رهيا هئا پوءِ تڏهن بہ هو پنهنجي جاءِ تي قائم هو.

آسمان ڏي ڏسو بہ نہ نظرون هيٺ رکو. هي سڀ شيطاني باهہ جا تير آهن. شيطان آسمان کي پنهنجي باهہ ۾ ساڙڻ چاهي ٿو هن تي ڪنهن کي بہ نظر نہ وجهڻ گهرجي.

تميزالدين اکي کي وارن کان جهلي ڪوٺي ڏي ڌڪي ڇڏيو. پوءِ اوپر کان ڪارن ڪڪرن جو هڪ عظيم لشڪر آيو ۽ پوري آسمان تي ڇائنجي ويو چارئي پاسا اوندهہ هئي. اهڙي اونداهہ جيڪا برسات جي اونداهين راتين کان بہ گهري هئي. هٿ هٿ کي نہ ڏيکارجي رهيو هو. سڄي ڪائنات هنن جي نظرن ۾ اونداهي هئي.

"شربتي، حشمتي توهان سڀ اندر هلو ۽ خدا کان دعا گهرو" تميزالدين خاندان جي سيني ڇوڪرين کي اندر وڃڻ جو حڪم ڏنو.

قربان هڪ دفعو وري بيهي ٻانگ ڏيڻ شروع ڪئي. ڏاڏا تون ٻڌي رهيو آهين. هي تہ سيلاب جو اواز آهي.هي آواز تہ شايد پاڻيءَ جو اهي" ڪدم رڙ ڪري چيو.

تميزالدين هوشيار ٿي ڪن لائي ٻڌو ۽ چيو. "اهو ئي تہ مان چئي رهيو هئس" ... هاڻي سڀ ڪن ڏئي ٻڌي رهيا هئا. هتان سمنڊ ڪجهہ ميلن جي فاصلي تي هو رات جي ماٺ اونداهي ۾ ڪڏهن ڪڏهن طوفاني لهرن جو آواز هنن وٽ پهچندو رهندو هو پرهي تہ تمام وڏيون ۽ خوفناڪ لهرون هيون هاڻي هنن سيني جون اکيون اونده جو عادي ٿي چڪا آهيون هن اونداهيءَ ۾ بہ هو هڪٻئي کي ڏسي سگهيا پئي سڀ هڪٻئي کي رحم وارين نظر سان ڏسي رهيا هئا.

عورتون چپ ڪيون ويٺيون هيون. ٻار به خاموش هئا. هو گهرن اندر پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيا هئا ۽ هاڻي ٻاهر نڪري آيا هئا. ٻاهر هڪ ٻئي جي ويجهو ويٺي هو گهڻو اطمينان محسوس ڪري رهيا هئا. چوٽ منجهند جو اهڙي اونده ۽ اهڙيون خوفناڪ ۽ تيز هوائون چمڪ ۽ گجگوڙ جي ايڏي تيز رفتار هنن ڪڏهن نه ڏٺي هئي. ۽ هن مصيبت ويل هو سڀ گڏ رهڻ چاهين پيا.

پاڻيءَ جو شور هر لمحي وڌي رهيو هو ايستائين جو هوا به ايڏي گوڙ ۾ مانيٽي ٿي رهي هئي.

ڪدم جي دل ڌڙڪڻ لڳي هئي سالن جا سال سمنڊ ۾ رهيو هو. هن کي خبر هئي ته هن آواز پويان ڪهڙي قيامت اچڻ واري آهي. پوڙهو تميزالدين ۽ قربان به سمجهي پيو ته هن آواز جو ڇا مطلب آهي. اهو آواز ان ويل ايندو آهي جڏهن سمنڊ جو پاڻي آسمان سان وڃي ملندو آهي. لهرون جهاز جيڏيون وڏيون ۽ خوفناڪ ٿي زمين کي ڳهڻ لڳيندون آهن. تيزيءَ سان سفر ڪنديون آهن جو ميلن ۾ پکڙيل وستين کي تباهه ڪري ڇڏينديون آهن هي لهرون ته اهي تباهيون ڪنديون آهن جو بهادر ڪان بهادر ملاح به هنن جو ٻڌي ڏڪي ويندو آهي.

هو سڀ دهشت مان چپ چاپ ويٺا هئا. ٻار مائرن سان چنبڙيل هئا ۽مائرن جا چهرا خوف مان خشڪ ٿي ويا هئا. هاڻي هن آوازکي جڳيءَ طرح سڃاڻي ورتو هو. ائين لڳي رهيو هو جڻ هزارين سمنڊ گڏجي ڪو وحشي ناچ ڪري رهيا هئا. اڪيلو هڪ سمنڊ ايڏو خوفناڪ آواز ڪيئن پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ سڀ سمجهندي به ڪدم کي يقين نه هو ته ڪا ايڏي تباهي ايندي. هن پڇيو:

" ڏاڏا هي آواز اوچتو تيز ڪيئن ٿي ويو آهي" . " هي قيامت جو آواز آهي" پوڙهي تميزالدين چيو.

پر اهڙي گجگوڙ ۽ طوفاني آواز ته اسان ڪڏهن نه ٻڌايون آهن. آخر طوفان ته هميشه ٿي ايندو ٿي آهي ۽ سيلاب .... قربان چيو.

هي طوفان ناهي. هي قيامت آ سمجهيئي ! سو سال اڳ ارڙهن سو ڇاهتر ١٨٧٦عيسوي ۾ اهڙو ئي طوفان آيو هو..." تميز الدين پنهنجي تجربيڪار ڪراڙين اکين سان اونده ۾ ڏسندي چيو.

سڀ ماڻهو خوف ۽ ان ڏني دهشت مان ڏڪڻ لڳا. هنن جي زندگي ۾ ٻوڏ ۽ طوفان جي ڪا اهميت نه هئي. هر سال ڪيال جو پاڻي هنن جي گهرن ۾ پيرجي ويندو هو.هوڪجهه ڏينهن بانس جي نهيل منهن تي رهندا هئا ۽ پوءِ پاڻي موٽي

ويندو هو ۽ هي ۽ هي ٻہ موتي ايندا هئا ۽ نئين سري کان ڪم ۾ جنبي ويندا هئا.
هنن کي هوا ، بارش طوفان ٻوڏ انهن شين کان ڏچ نہ ٿيندو هو. هي سڀ بلائون هنن جي نندڍپڻ جون ساٿياٽيون هيون. ۽ هو انهن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندا هئا پر هي نامعلوم عذاب هنن لاءِ مصيبت بڻجي ويو هو. اهڙي گوڙ گهٽ ڀراهڙي طوفاني بارش ۽ هوا هنن لاءِ نئين شيءِ هي. هن اچڻ واري مصيبت کان هو ڏڪي رهيا هئا
تميزالدين چئي رهيو هو هي آواز تہ ڪجهہ بہ ناهي، سو سال اڳ جيڪا قيامت آئي هئي ائين لڳي رهيوهو ڄڻ هزاين اسرافيل صور ڦو . ڪي رهيا آهن. هن وقت بہ آسمان ۽ زمين هنن طوفاني لهرن ۾ گم هئا ..... تميزالدين ائين چئي رهيو هو ڄڻ هي سڀ ڪجهہ مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو.در اصل هي سچي ڪهاڻي هن پنهنجي پيءُ کان ٻڌي هئي ۽* هن جي پيءُ جي عمر ان وقت ڏهہ سال هئي تميزالدين جي ڏاڏي پٽ کي پٽ سان ڇڪي ٻڌو هو. ٻئي پاڻي ۾ لڙهندا رهيا چاليهہ ماڻهن جي خاندان مان صرف تميز الدين جو پيءُ ۽ ڏاڏو وڃي بچيا هئا.
هو هن طوفان جو ذڪر ڪيترائي دفعا تميزالدين جي واتان ٻڌي چڪا هئا پر هي سڀ ڪجهہ ايترو ويجهو کان ڏسي هنن کي همدردي محسوس ٿيڻ لڳي جيڪي انهن وانگر سؤ سال اڳ اهڙي ئي طوفان جو شڪار بڻيا ها.
پوڙهو تميز الدين اڃا تائين ڳالهائي رهيو هو. سن ١٨٧٦ع جي طوفان کان اڳ بہ اسان جي هن زمين تي هزارين ڀيرا بارش، ٻوڏ ۽ ڀيون تباهيون اچي چڪيون هيون. الائي هن بد قسمت زمين کي ڪنهن بزرگ جي پٽ لڳي آهي جو هتي رهڻ و... ي همس... مصيبت ايندي رهي ٿي. هي سڀ ڳالهيون پراڻيون آهن منهنجا بزرگ مون سان اهڙيون ئي ڳالهيون ڪندا هئا. ائين ٿو لڳي ڄڻ سو سالن کان وٺي هتي اهو ئي ڪجهہ برداشت ڪري رهيا آهيون. هن ۾ بہ خدا جي مرضي آهي. ڀلا هن جي خدائيءَ ۾ ڪنهن کي ڳالهائڻ جي ڪهڙي مجال. جي هو اسان کي مصيبت ۾ ڏسڻ چاهي ٿو تہ اسان ائين ئي مرندا جيئندا رهندا سين. هن جي ڏمر گنهگار بندن تي ائين ئي پوندو آهي."
تميز الدين مسلسل ڳالهائي رهيو هو. ائين ڄڻ هنن جي اڻ پڇيل سوالن جو جواب ڏئي رهيوهجي. سڀني جون اکيون حيرت ۽ خوف مان ڦاٽي پيون هيون. عورتون ٻارن کي ڪڇ ۾ جهليون پوڙهي تميزالدين جي منهن ڏي نهاري رهيون هيون. پوڙهو چئي رهيو هو.
"توهان حضرت نوح جو قصو ٻڌو آهي . انسان ڪيڏو گناهگار ٿي پيو هو

جو انسانن کي سڌي راهه ڏيکارڻ لاءِ خدا تعاليٰ حضرت نوح کي موڪليو. پر کنهن به حضرت نوح عليہ السلام جي ڳالهه نہ ٻڌي. هنن جون برايون ڏينهون ڏينهن وڌنديون رهيون. حضرت نوح هنن کي گھڻائي ڀيرا خبردار ڪيو. پر هو هميشه حضرت نوح تي ٺٺوليون ڪندا هئا پوءِ هڪ ڏينهن خدا جي خدائي جلال ۾ آئي. دنيا پاڻي ۾ ٻڏڻ لڳي. نوح ماڻهن کي سمجھايو ۽ چيو اڃان بہ وقت آهي توبهہ تائب ٿيو پر ماڻهو هن تي کلندا رهيا ۽ آخر هو خدا جي قهر جو شڪار ٿي ويا.جيڪي برا هئا پهاڙن تي چڙهي ويا. پر پهاڙن تي بہ پاڻي پهچي ويو. ۽ انهن کي اتان ڇڪي آيو ۽ ائين آهستي آهستي جيڪي بہ گنهگار هئا سڀ ٻڏي ويا. بس نوح۴ ۽ ان جا ڪجهہ ساٿي ٻيڙي ۾ محفوظ پاڻي تي ترندا رهيا. هو سڀ الله جا نيڪ بندا هئا.

هيءَ ڪا نئين ڪهاڻي نہ هئي.ڳوٺ جي ننڍي وڏي کي هي قصو ياد هو. هي ڪهاڻيون ۽ ٻيون اهڙيون ئي ڪهاڻيون هو ٻينگهي ڪان سڪندا هئا. سچ تہ ائين آهي جوهي ڪهاڻيون ٻڌي ئي ايڏا ٿيا هئا.

"ڏاڏا هي ڪهاڻي بند ڪر گهٽو ئي ٿي ويو آ." ڪدم رڙ ڪري چيو.

هن جي بيچيني وڌي رهي هئي.هو بيهي رهيو.هن جا ڪلها ڦوڪجڻ لڳا. جڻ هن ڪو فيصلو ڪري ورتو هجي.پوءِ هن گوڏ مٿي ڪري ڇڪي ٻڌي لڪل عورتن کي ڏسي هن کي ڪاوڙ اچڻ لڳي هن رڙ ڪري چيو.

توهان جي ائين سڀ پريشان ويٺيون رهيون تہ سڀ مري ويندؤ. پنهنجون سارهيون ڇڪي ٻڌو ۽ ها وهڪري جي مخالفت طرف ۾ ترڻ جي ڪوشش نہ ڪجو ۽ نہ لهرن سان وڙهجو. بس مات ڪري پاڻيءَ ۾ لڙهنديون رهجو پنهنجا مٿا پاڻيءَ کان ٻاهر رکجو ۽ ڪوشش ڪجو تہ پاڻي توهان گهليندو رهي. توهان کي ڪجهہ نہ ڪرڻو پوي توهان کي ترڻ تہ اچي ٿو نہ............"

ڪدم اڃا ڪجهہ چوڻ وارو هو پر هوا جو تيز جهٽڪو آيو ۽ هن جا لفظ ٻڌي ويا گهر جون ڀتيون ، در. ڇت، سڀ زرو سان لڏڻ لڳا. هو اڃا تيز جهٽڪا سي رهيا هئا ۽ تيزيءَ سان مٿيءَ جي نهيل ڪچن ۽ وٽن کي ڪيرائي رهيا هئا.

نبيتن حيرت مان ڏٺو هن جو پراڻو ساٿي پير جو سائو وڻ هڪ جهٽڪي سان پنجي هيٺ ڪري پيو.

سوءِ هڪدم وڏي گهر جي ڇت تان ٽين جون چادرون هوا جي زور تي پري ڏائين اڏامنديون هليون ويون. عورتن خوف کان اکيون بند ڪري ڇڏيون. ٻار زور

زور سان روئڻ لڳا. اڪي ٻيءَ سان ٻاڪر پائي ٻيهي رهي هن پنهنجو چهرو ڪدم جي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.

چئني پاسن ڪان روئڻ ۽ رڙين جون آوازن اچي رهيون هيون. مرد عورتون گهرن ڪان ٻاهر ڀڄي رهيا هئا. ٻار پنهنجين مائرن سان چنبڙيل هئا.

"ٻوڏ ! ٻوڏ ! پاڻي، بچايو بچايو بس چئني پاسن ڪان اهي ئي آواز اچي رهيا هئا پاڻي ! او منهنجا خدا ! پاڻي ڏسو ڪيڏو چڙهي رهيو آهي. اسان سڀ مري وينداسين" قربان جي زال حشمت هٿ مهٽيندي چيو.

ڪدم يڪدم نبيتن ۽ اڪي کي پاڻي ڏي ڇڪيو ۽ ٻنهي کي هٿن ۾ وٺي ٻاهر آڳر ۾ لهي آيو ۽ اتان رڙ ڪري چيو.

"قربان تون هوش ۾ آهين يا نه جلدي جلدي سڀني عورتن کي ٻاهر ڪڍو ايڏي دير ڪان ڇا پيو ڪيو.

قربان ۽ حشمتي جي ٻيءَ جلدي جلدي ٻارن کي ٻاهر ڪڍيو ۽ عورتن کي اواز ڏيڻ لڳا.

جلدي اچو اسان سڀ قادر شيخ جي گهر هلي رهيا آهيون جلدي .... ۽ هو سڀ وڏي حويليءَ ڏي ڀڄڻ لڳا. جڻ اتي هو هر مصيبت ڪان محفوظ رهندا.

پر پوڙهو تميز الدين هڪ دروازي جي چائنٽ سان لڳو بيٺوهو ٻاهر جيڪو طوفان هو اهڙو ئي طوفان هن جي اندر ۾ هو. ائين لڳي رهيو هو جڻ هي پنهنجن هوشن ۾ ڪونهي. هو زور زور سان رڙيون ڪري رهيو هو.

"توهان ڪاڏي ڀڄي رهيا آهيو توهان ڀڄي به نه ٿا سگهو. هر طرف گناهه پکڙيل آهن. خدا جي هيءَ زمين گناهن سان ڀرجي وئي آهي. هو اڄ اسان کي نه بخشيندو.

هن جون نظرون شربتيءَ جي پٺ تي پيون جيڪو پنهنجي ماءُ سان چنبڙيل هو الائي هن کي ڇا ٿيو هن ٻار کي ٻاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ ٻئي هٿ سان شربتيءَ جو هٿ جهلي وڏي حويليءَ ڏي ڀڄڻ لڳو.

پري ڪان رڙين جو آواز اچي رهيو هو. "طوفان اچي ويو. ٻوڏ اچي وئي پاڻي .... پاڻي وڌي رهيو آهي.

پال جي گهراٽي جون ڪجهه عورتون ٻوٽي رهجي ويون هيو.وڏي حويليءَ ڪان ڪيتريون عورتون واڪا ڪري هنن کي سڏي رهيون هيون ڀڄي اچو اتي ڇا

پيون ڪيو. ٻڌي ويندؤ.

هاڻي ڪو آواز ٻڌجڻ ۾ نہ پيــو اچي. سڀ آواز سڀ رڙيون هن خوفناڪ طوفان ۾ ٻڏي ويا هئا.

ڪوشخص ڪدم سان ٽڪرايو. ڪدم هن کي نہ ڏسي سگهيو. بارش ۾ ڪجهہ بہ ڏيکارجي نہ رهيو هو. هو ماٺهو اڃا تائين رڙي رهيو هو.

هي قيامت جو ڏينهن آهي اڄ اسان جو حساب ڪتاب ٿيندو. اڄ آسمان ۽ زمين فنا ٿي ويندا. هي سڀ اسان جي گناهن جو نتيجو آهي.

ڪدم آواز سڃاتو ۽ غور سان ڏٺــو پوڙهو هو تميز الدين هوا جي زور تي ڪڏهن هيڏي ۽ ڪڏهن هوڏي لڙهي رهيو هو.

نبيتن ڪدم جي ڪن تي منهن رکي پڇيو." اسان ڪاڏي وڃي رهيا آهيون" چاچا قادر ڏي ٻيو وري ڪاڏي"؟ سڀ ئي هوڏي وڃي رهيا آهن" .... ڪدم جواب ڏنو.

"مان مري بہ وڃان تہ اتي نہ وينديس" . نبيتن پنهنجي سامهون هڪ وڻ ڏٺو ۽ ان تي چڙهڻ لڳي هن کي ڏسي اڪي بہ ماءُ جي پويان چڙهڻ لڳي. نبيتن هي تون ڇا ڪري رهي آهين؟ هاڻي گهڙي ڪن ۾ وڻ پٽجي ويندو جلدي هيٺ لهہ ۽ اڪي کي بہ هيٺ لاهہ.

وڻ مٿــان نبيتن نڙي ڦاڙي ڪجهہ چئي رهي آهي، پرڪدم هڪ لفظ بہ نہ ٻڌي رهيــو هو. هاڻي نبيتن هر هر پوئتي اشــارو ڪري رهي هئي ڪدم ڪنڌ ورائي هوڏانهن ڏٺـــو ۽جلديءَ ۾ وڻ تي چڙهي ويو. هوڏانهن هن ڏانهن هڪ وڏي جبل جيڏي لهـر هن ڏي وڌي رهي هئي ائين لڳيـرهيـو هو چڻ هيءَ لهـر زمين ۽ تي رهندڙ سڄي مـخلوق ڳهي ويندي. ڪدم اڄ تائين وڏن وڏن طوفـانن ۾ اهڙي لهـر نہ ڏٺي هئي هن اڪي کي پنهي مان مضبوطي سان جهليو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون.

لهر هنن هيٺــان گذري وئي پر باهمن چاري جا ننڍا وڏا گهر هن لهر هيٺيان دفن ٿي ويا. بس وڏي حويلي جي پڪي عمارت پنهنجو ڪنڌ ڪنيون بيٺي هئي.

"يا الله وڏيري جو گهر ڪاڏي ويو اڃا هاڻي تہ بيٺو هو نبيتن بيقراريءَ مان چيو.

"ٻاڻي هيٺ پورجي ويو." ڪدم مختصر جواب ڏنو. پاڻيءَ جي هڪ ڇولي آئي ۽وڻ پينگهہ وانگر لڏڻ لڳو. ڇا سچ پچ وڏيري جو گهـر ٻڏي ويو ۽ ڇا اها بہ لڙهي وئي نبيتن گهري ڏک مان ـــ

"تون ڇا وڻ تي ڇڙهيل ان جو ماتم ڪندينءَ" ڪدم چڙي چيو.

" تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين وڏيري جهڙو ڀيو ڪو نه ٿو ٿي سگهي. انهيءَ ته مون کي سڀ ڪجهه ٻڌايو هو.

"ڇا ٻڌايو هو" ڪدم نبيتن ڏي ڏنو ۽ پوءِ پاڻيءَ ڏي ڏسڻ لڳو.

وڏيريءَ ئي ته مون کي ٻڌايو هو ته هن بدمعاش قادر شيخ پوسٽ ماستر سان ملي تنهنجا سڀ خط ۽ مني آرڊر گم ڪرايا هئا ۽ جڏهن تو ڪنهن ماڻهوءَ هٿان پيسا موڪليا ته اهي مون تائين نه پهچايا.

.... هن اهو به ٻڌايو ته هن ڪميٽي منهنجي باري ۾ ڪوڙيون ڳالهيون ڳوٺ ۾ ڦهلايون آهن. هن کان اڳ جو هوءَ پوري ڳالهه ڪري ها ڪدم زور سان پڇيو. "تو هي سڀ ڪجهه پهرين ڇو نه ٻڌايو هو"

" مون کي ڪا خبر ئي نه هئي ته ڇا ٻڌايان هان. مون کي اڄ صبح وڏيري سڀ ڪجهه ٻڌايو. هن ڪيترائي ڏينهن اڳ سڏيو هو پر اڻون ڪيئن ٿي وڃي سگهيس"

اڄ صبح اهڙي خوفناڪ بارش ۾ توهن وٽ وئي هئين.

" ها !"

ڏس ڏس هوشيار ٿي. ڪدم رڙ ڪئي هڪ لهر ديو وانگر هنن ڏي وڌي ۽ پير چمندي اڳتي وڌي وئي.

اوه خدا، منهنجي اکين ۾ الائي ڇا پئجي ويو آهي. ڪجهه به نه ٿو ڏسجي تون ٿورو ڏسي ٻڌاءِ وڏي حويليءَ جي ڇت تي شربتي نظر اچي ٿي يا نه هن جو پار نِنڍڙو آهي. هوءَ ڇا ڪندي.. نبيتن هڪ هٿ سان اکيون مهٽيندي چيو.

ڪدم جواب نه ڏنو. هن نبيتن جو هٿ جهلي ڏکڻ ڏي اشارو ڪيو.

هاڻ هڪ به لهرون نه هيون، پر هزارن جي تعداد ۾ هنن ڏي وڌي رهيون هيون. هو ايڏيون مٿي هيون جو آسمان ۽ زمين هنن جا به ڪنارا هئا.هنن لهرن کان بچڻ جو ڪو رستو نه هو.

ڪدم نبيتن جي ساڙهيءَ کي هٿ سان جهليو ۽ پوءِ پنهنجي پٺيءَ سان ٻڌي ڇڏيو.

" تو ٻئي پاسي کان ساڙهيءَ کي ڳنڍ ڏني آهي؟"

" ها "

" جي موت اچڻ وارو آهي ته اسان گڏ مرندا سي."

"ها" نبيتن وڏندڙ لهرن تي نظر کپائيندي چيو. ڪدم اڪي جي ساڙهيءَ جو پاسو پٽيءَ سان ويڙهيو ۽ ٻئي پاسي ڪان نبيتن جي پٽيءَ سان ويڙهيو ۽ ٻئي پاسي ڪان نبيتن جي ٻيءَ گوڏ سان ٻَڌِ ڏني.

"هاٿي اسان گڏ لڙهندا سين هي وڻ گهڙي ڪن ۾ ڪري پوندو. "

نبيتن اڪي جي ساڙهيءَ جو پاسو بہ پنهنجي چيلهہ سان ٻڌي ڇڏيو. ڪدم سيني ڳنڍين جو جائزو ورتو. هو سڀ مضبوط هيون.

"نبيتن ڏس خيال ڪجانءِ هي هيڏي ئي اچي رهي آهي". ڪدم هڪ گجيءَ واري ڪاري وحشي لهر کي ايندو ڏسي رڙ ڪري چيو. هڪ ئي ٿي ...... ۽ پوءِ لهر هنن تي ڀرپور حملو ڪيو. هاٿي شربتيءَ جو پٽ ۽ شربتي بہ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا. ڇولين جي لاڳيتن حملن ڪري وڏي حويلي ڪنهن واريا سي گهر وانگر لڏي وئي هئي.

"نبيتن پنهنجو پاڻ کي سنڀال هن وقت پنهنجو خيال ڪر .... " ڪدم وڻ جي ڏار کي ٻويان هٿ ورائي اڪي کي مضبوط سان جهليو وينو هو. هن جو ٻيو هٿ نبيتن جي ڪنڌ ۾ هو. هو پنهنجي پوري قوت سان هنن محبوب جانين کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ هو. "توکي ڊچ ٿو ٿئي" .. ڪدم پڇيو.

"نہ " نبيتن چيو.

هن جا پير تارين تان ترڪي رهيا هئا. پاڻيءَ جو وهڪرو ايڏو تيز هو جووڻ تي ويهڻ مشڪل ٿي پيو هو.

نبيتن وڻ نہ ڇڏجانءِ

" هائو " نبيتن چيو.

" هي لهر اسان کي نہ ڇڏيندي" . ڪدم چيو. هن ڪان اڳ جو ڪدم جملو پورو ڪري ها هن ڪنهن بکايل ڏائڻ وانگر هنن تي جهٽي هنئي وڻ آهستي هڪ طرف جهڪي پيو ۽ هو پاڻيءَ ۾ لڙهڻ لڳا.

هنن جي چئني پاسي زنده ۽ مرده انسان تري رهيا هئا. هر طرف جسم ئي جسم نظر اچي رهيا هئا. ڪٿي انسانن جا ۽ ڪٿي جانورن جا. رڍون، ٻڪريون، ڍڳا، ڳئون سڀ پاڻيءَ ۾ هنن سان تري رهيا هئا هي اهو ئي پاڻي هو جيڪو سؤ سال اڳ هنن جي گهرن کي لوڙهي ويو هو ۽ هنن ڪان هنن جي هر شيءِ کسي ويو هو. هي وڏيون وڏيون لهرون هنن کي ائين ئي لوڙهي رهيون هيون. هنن جا گهر، مال متاع، ٻنيون ٻارا هنن جي هر شيءِ کسجي وئي هئي.

ڪدم پاڻيءَ جي دنيا ۾ ئي وڏي جوان ٿيو هو. هو پاڻيءَ سان وڙهندو مٿي آيو ۽ نبيتن کي زور سان آواز ڏيڻ لڳو. هن پنهنجا هٿ پٺيءَ تي گهمايا. هو پٽي غائب هيون. ڪدم چاهيو ته هيڏي هوڏي هٿ هٽي هن کي ڳولهي پر سڀ بيڪار هو. هن جو آواز ابديت جي رستن ۾ رلي هن وٽ موٽي اچي ها. ڪدم هڪ دفعو وري پوري قوت سان ترڻ جي ڪوشش ڪئي پاڻي وڏي رهيو هو. لهرون پچنديون ڳوڻن کي ڳهي رهيون هيون. هو جتان به ڪڏري رهيون هيون پنهنجي پوبان ڏک ۽ مصيبت ڇڏي وڃي رهيون هيون.



14

پاڻي الائي ڪڏهن لٿو.

پر زمين سنسان هئي. نه وستي نه ئي مڪان، نه جهڳو! هر طرف موت جي خاموشي هئي ۽ ويراني پکڙيل هئي.

هر طرف مئل انسان ۽ جانور پيا هئا بيجان ۽ لاچار!

سج جهڪي زمين کي ڏٺو ۽ ان جون چمڪندڙ لهرون زمين جي سيني ۾ لهي ويون آسمان جوڳهرو نيرو رنگ ڪيڏو شفاف ۽ پر سڪون هو. هوا هوا هوريان هوريا نرمي ۽ محبت سان زمين کي لوليون ڏئي رهي هئي. پاڻي سست تي ڪنارن جي هنج ۾ پيو هو. هن جون لهرون پنهنجي ئي راڳ تي آهستي آهستي نچي رهيون هيون. ڪير چوندو پيو ته چند گهڙيون اڳ هن مانيٽي ساگر زمين تي اها قيامت آندي هئي. ساحل جي چهري تي هڪ اڻ ڇاتل مسڪراهٽ هئي.

۽ زمين تي ٻه انسان هلي رهيا هئا تمام آهستي آهستي هو اينترو پري هئا جو هڪ ٻئي کي ڏسي نه پيا سگهن. هو ڪيڏا ٿڪل لڳي رهيا هئا. هنن جي هلڻ جي رفتار ڪيڏي سست هئي. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هو هن بربار دنيا ۾ ڪنهن کي ڳولهي رهيا آهن هو اڳتي وڌي مئلن جا چهرا ڏسي رهيا هئا.

۽ پوءِ اڳتي وڌي رهيا هئا.

هو قدرت جي پيٽ مان نڪتل ٻه ٻار هئا جيڪي دنيا ۾ اڪهاڙا داخل ٿيا ۽ اج به اڪهاڙائي هئا.هڪ مرد هو ۽هڪ عورت.

اوچتو مرد ٿابو ڪاڌو ۽ لاشن ۾ ڪري پيو پر عورت مضبوطيءَ سان اڳتي وڌي رهي هئي. هن جا قدم ڪمزور هئا. پر سنڀالي سنڀالي هوءَ آهستي اهستي آهستي هلي رهي هئي.

هلندي هلندي هو هوهن جي ويجهو پهچي ويو. هوءَ ڪجهه اڳتي وڌي پوءِ اوچتو هن واپس موٽي ڏٺو ۽ پڇي ڪريل ماڻهوءَ جي ويجهو پهچي وئي جنهن جي تلاش ۾ هوءَ رلي رهي هئي ۽ آخر هو ملي ويو. هن خوشيءَ ۽ بيقراريءَ مان آواز ڏنو.

" ڪدم............ منهنجا سارنگ " ۽ ڪدم جو مٿو پنهنجو هنج ۾ رکي

ڇڏيو. ڪدم اڪيون ٻتي نبيتن کي ڏٺو ڇڻ سجاڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي ۽ پوءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

"ٻاٽي!" هن جي سڪل ڇپن مان وڏي مشڪل سان آواز نڪتو

"ٻاٽي!" .... نبيتن بيهي چارئي پاسا ڏٺو.

سامهون دٻي ۾ ٻاٽي پريل هو. تڪڙ ۾ هن ٻاٽيءَ جو هڪ پريو ڪدم جي چپن سان لائي ڇڏيو. ڪدم هڪ ڍڪ پريو ۽ ڪڏ ڪري ڇڏي، هن ائين منهن ٺاهيو ڄڻ ڪا ڪوڙي شيءِ پيتي هجي.

"چا ٿيو!" ڪجهه ته پيو" نبيتن کي ياد آيو ته سمنڊ جو ٻاٽي ڪنهن جي اڄ ڪيئن ٿو اجهائي سگهي پوءِ به محض چکڻ خاطر هن ٿورو ٻاٽي وات ۾ ڪنيو ڪيڏو ڪڙو ٻاٽي آهي هن ۾ وات سڙڻ لڳو ٻاٽيءَ ۾ ايڏو لوڻ ڪيئن ٿو اچي.

پر هاڻي هو چا ڪري؟ ڪدم اڄ ۽ ڪمزوري مان صفا ٿڪجي چڪو هو. هوءَ هن کي ڪيئن بچائي سگهي پئي. هن جون نظرون سمنڊ ڏي ڪچي ويون، جيڪو اڄ تمام مائيٽو هو نبيتن نفرت مان منهن مٽي ڇڏيو هن جو جنم جنم جو دشمن ڪيڏو سڪون مان مسڪرائي رهيو هو.

نبيتن گهڙي کن لاءِ هٻڪي، پوءِ هن جهڪي ڪدم جو چهرو سيني سان لاتو ۽ شفقت مان پنهنجو ٿڃ هن جي منهن سان لائي ڇڏي. پر ڪدم ۾ ايتري قوت نه هئي جو هو ٻبو پئي. نبيتن هڪ هٿ سان ٿڃ کي زور ڏنو، کير جا ڦڙا ڪدم جي وات ۾ پوڻ لڳا. هن ڪنهن ٻار وانگر نبيتن جي سيني سان چنبڙيل هو ۽ نبيتن جي چهري تي دنيا جو پيار ۽ تقدس هو.

اف! : هن آڪاش هيٺان ڪيڏو پيار هو.

پوري دنيا پريم جي ڪچهريءَ ۾ محبت جو گيت ڳائي رهي هئي. هن پيار ئي ته برباد ڌرتي جي زخمن تي مرهم هڻڻ شروع ڪيو هو. هن همدرد ۽ پيار جي ڪري ئي ته انسان فطرت جو سڀ تڪليفون سهي ويندو آهي.

نبيتن خوشيءَ مان ڏڪي رهي هئي. هن جو بدن ٿڪ مان چور چور هو، پر پيار جي شدت مان سندس لئون لئون ڪلي رهيو هو. هوءَ غور سان ڪدم جو چهرو ڏسي رهي هئي. جنهن تي زندگي ٻيهر پنهنجو آهستي آهستي ديرو ڄمائي رهي هئي. هن جي بيجان ڳلن تي هن جي چهري تي جيئن جيئن رڳون اڀري رهيون هيون زندگيءَ جي چهري تي نمودار ٿيندڙ زندگي کي محسوس ڪري هوءَ خود حيرت

زده هئي دنيا جي پهرين عورت جيان هن کي احساس ٿي رهيو هو تہ همت ۽ قوت جو چشمو هن مان ڦٽي آيو آهي. نبيتن کي پنهنجي اندر لڪل قوت جو اندازو ڪري حيرت ٿي رهي هئي.

ڪدم جي جسم ۾ توانائيءَ جا هي قطرا آهستي اهستي پهچي رهيا هئا. هن پنهنجو ٽنگون سڌيون ڪيون، هٿ مٿي ڪنيا ۽ اکيون ڪولي ڇڏيون ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪٽي نبيتن کي ڏسڻ لڳو پوءِ هن کي الائي ڇا ٿيو هن نبيتن کي ڌڪو ڏئي پري ڪيو ۽ ڏڪندڙ ٽنگن تي بيهي ويو. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هو پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺو آهي.

”هي تو ڇا ڪيو؟ تو کي شرم نہ آيو“

”تو مون سان هي دشمني ڇو ڪئي؟“ آخر تو کي هيئن ڪرڻ جو خيال ڇو پيدا ٿيو.

”تو سان مان دشمني ڪئي؟ نبيتن وائڙي ٿي ڪدم کي ڏسي رهي هئي.

”ڇا تو کي خبر ناهي تہ جيڪو شخص پنهنجي زال جو کير پئي هو.......... “ڪدم پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري نہ سگهيو. هن جي ڪمزور ٽنگن ۽ ٿڪل بدن لاءِ هي صدمو. هي ڦيري کائي منهن ڀر ڪري پيو.

نبيتن سينو جهلي ويهي رهي. هاڻي مَس هن جيڪو محبت جو ڏيئو روشن ڪيو هو سو وسامي ويو. هن ڀيهر ڪدم جو مٿو پنهنجي هنج ۾ رکيو. هو بيهوش پيو هو. هاڻي هن جي وات ۾ ڳج جمع ٿي رهي هئي.

” ڪدم“ نبيتن جهڪي ڇيو

پر ڪدم ڪا حرڪت نہ ڪئي.

نبيتن وري آواز ڏنو پر ڪدم ائين ئي پيو رهيو هوءَ بيوسيءَ مان چارئي پا پاسا ڏسڻ لڳي. هيءَ اها نبيتن هئي جنهن جبل وانگر حالات جو مقابلو ڪيو هو. جيڪا دولت ۽ راحت جي ديوتا کي پنهنجي پادر سان نڪرائي چڪي هئي جنهن جي عزم شيخ قادر جي حيواني خواهشن کي ساڙي ختم ڪري ڇڏيو هو. جيڪا پنهنجي مڙس جي ڪاوڙ، چڙهن، طعنن ۽ شڪ شبهي جي سامهون ڌرتي ماءُ وانگر صبر ۽ همت سان ويٺي رهي ۽ هڪ اکر بہ شڪايت جو واتان نہ ڪڍيو. جنهن جي جسم زندگي ۽ تخليق جو عنصر مست ٿي رهيو هو. ائين لڳي رهيوهو هن جو بدن ۽ پريم ۽ شڪتي جي وهڪري ۽ هڪ اکر ۾ شڪايت جو واتان نہ ڪڍيو پر هوءَ ڪيڏي مجبور ۽ بيوس هئي. هن ڪنڌ ڪٽي ڏنو نيري روشن آسمان تي ڪاري

ڪڪر جو ٽڪرو ڪنهن ڪنواري جي اکين وانگر چمڪي رهيو هو.

" اف مان ڇا ڪيان؟" نبيتن ڪنڌ ڪٽي ائين پڇيو ڄڻ هن نيري آسمان ۾ هن جي ڏک جو علاج موجود آهي.

ڪدم اڃا تائين بي هوش پيو هو. هن جي ٻنهي هٿن جون آڱريون ڳاري ۾ ڪٺل هيون. ڄڻ پنهنجي سهاري لاءِ هن ڌرتي ماءُ جو سينو جهلي وتوهجي. نبيتن ڪدم جي سيني ڪن ڏئي آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. هو آهستي آهستي ساه کڻي رهيو هو. هي ساه ڪيستائين هلي سگهي ٿو. هو ڪيتري دير زنده رهندو.

ڪدم وڏي مشڪل سان اکيون کولي نبيتن کي ڏٺو هن هڪ لمحي ۾ هنن اکين ۾ ڪيڏي حسرت هئي. نبيتن جو دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي.

"خدايا ڇو؟ آخر ڇو مون کي ٻيو جنم ڏئي ڏک ڏئي رهيو آن" نبيتن جي ڏک ڀريو آواز فضا ۾ گونجڻ لڳو.

۽ انهيءَ لمحي آڪاش جي روشن چهري تي چمڪندڙ ڪاري اک مان هڪ ڳوڙهو ڪريو. زندگي ۽ اميد جو ڦڙو ۽ پوءِ ائين ٿيو جو آسمان مان بارش جو هڪ هڪ قطرو خوشي جو ڏارو بڻجي وسڻ لڳو. نبيتن هٿ مٿي ڪنيا ٻڪ ۾ پاڻي ڀري ڪدم جي چپن سان لائي ڇڏيو. ٿڌو ۽ مٺو پاڻي جيڪو ڪدم جي نڙي ۾ زندگيءَ جو پيغام بڻجي لهي ويو.

نبيتن ڪدم جي چهري تان چميل مٿي آهستي آهستي لاٿي ۽ هن جي آلن وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي.

بارش دير تائين ٿيندي رهي. سڄ نرميءَ سان چمڪندو رهيو. ڪرٽا ۽ پاڻي شايد زندگي ۾ ڪڏهن نه وسيا هجن ڪدم ڪنڌ ڪٽي زمين کي ائين ڏٺو ڄڻ پهريون دفعو ڏسي رهيو هجي. هو جلدي اٿي ويهي رهيو. نبيتن جي چهري تي سڄي دنيا جو پيار مسڪرائي رهيو هو. هن جي چهري تي ڌرتي جي پر سڪون چمڪ ۽فتح جوغرور ڦهليل هو. هو ٻئي ويهي رهيا ۽ اڳتي وڌڻ لڳا پر جيئن ئي اڳتي وڌڻ لاءِ هنن قدم وڌايا. هنن کي محسوس ٿيو ٻئي اگهاڙا آهن هنن شرم مان منهن مٿي ڇڏيا. ائين جيئن آدم ۽ حوا ڪڏهن باغ بهشت ۾ هڪ ٻئي کي اگهاڙو ڏسي شرم مان منهن مٿي ڇڏيو هو.

ڪدم هيڏي هوڏي نظرون ڦيرايون. چارئي پاسان مئل جسم پيا هئا. هڪ لاش تي اڃا تائين ڳوڏ ويڙهيل هئي هن جي جسم کان موت زندگي ته کسي ورتي هئي پر ڪپڙو جيڪو هن جي تن سان ويڙهيل هو نه کسي سگهيو هو. ڪدم لاش

تان گوڏ لاتي ۽ هن کي وچئون ڦاڙيو. هڪ حصو پنهنجي چيلهه تي ٻڌو ۽ ٻيو نبيتن کي ڏئي ڇڏ يائين.

تمام پري دريا جو ڪنارو چمڪي رهيو هو ۽ هن سان گڏوگڏ سنهڙي سائي ليڪ زمين تي پيهر قدم ڄمائڻ ۽ زنده رهڻ جو پيغام ڏئي رهي هئي ڪجهه والن جي فاصلي تي نيرو سمنڊ مطمئن ۽ خاموش هنن کي پيار مان تڪي رهيو هو.

ڪدم آهستي چيو.

”نبيتن ڪجهه گهڙي آرام ڪيون، اجان اسان کي تمام گهڻو اڳتي هلڻو آهي. گهڻو اڳتي!“



اداري پاران ڇپرايل تي شاهه جا رسالا

1- شاهه جو رسالو (مڪمل) ڪلياڻ آڏواڻي

سنڌ ۾ پهريون ڀيرو بهترين گيٽ اپ ۾- سائيز ڊبل ڪرائون- آفسيٽ پيپر-
پڪو جلد- ريگزين بائينڊنگ- فائيل پرنٽنگ.
ڪل صفحا 496. قيمت 150 رپيا.

2- شاهه جو رسالو (اصل) غلام محمد شاهواڻي

(شاهواڻي صاحب جن جو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو پنهنجي اصل صورت ۽ سيرت ۾)
بهترين گيٽ اپ ۾- سائيز ڊبل ڪرائون- آفسيٽ پيپر-
پڪو جلد- ريگزين بائينڊنگ- فائيل پرنٽنگ.
ڪل صفحا 1216. قيمت 250 رپيا.

3- شاهه جو رسالو هوتچند مولچند گربخشاڻي
(ٽئي جُلد معنيٰ ۽ شرح سميت)

پهريون ڀيرو سڄو رسالو ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- هر سُر پويان معنيٰ ۽ شرح ڏنل.
بهترين گيٽ اپ ۾- سائيز ڊبل ڪرائون- آفسيٽ پيپر-
پڪو جلد- ريگزين بائينڊنگ- فائيل پرنٽنگ.
ڪل صفحا 696. قيمت 225 رپيا.

اداري جا ڇپرايل ڪتاب

1	مکڙيون ماڪ ڦڙا	مير محمد پيرزادو	20 -
2	مٽيءَ هاڻا ماڻهو	عبدالواحد آريسر	[ختم ٿيل]
3	سامراج ۽ ان جا روپ	جانب	[ختم ٿيل]
4	ماڻهو ميگهه ملهار	عبدالواحد آريسر	[ختم ٿيل]
5	مارڪسي فلسفو	اسٽالن/ ابن حيات	[ختم ٿيل]
6	قومن جو حق خوداراديت	لينن/ منير	[ختم ٿيل]
7	مارڪس ۽ اينجلز جي حياتيءَ تعليم	جانب	[ختم ٿيل]
8	انقلابن جي تاريخ	ايم. اين. راءِ/امان شيخ	[ختم ٿيل]
9	تاريخ مونکي بي ڏوهي قرار ڏيندي	فيڊرل ڪاسترو/ انور	25 -
10	سوشلزم ڇا آهي	رشيد احمد	[ختم ٿيل]
11	عظيم انقلابي عورتون	سنڌيڪار: تاج جويو	20 -
12	ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾	جولس فوچڪ	[ختم ٿيل]
13	جيڪي ڏٺو هو مون	ڪيرٽ ٻاٻاڻي	[ختم ٿيل]
14	فلسفي جو ابتدائي ڪورس	سنڌيڪار: محمد ابراهيم	50 -
15	ترقي جو غير سرمائيدار رستو	لعل چارٽ	12 -
16	ڪاهوڙي ڪچن	جام ساقي	[ختم ٿيل]
17	سيڪيولر ازم	سبط حسن/ تاج مري	[ختم ٿيل]
18	پاڪستان ۾ قومي سوال	امداد چانڊيو	[ختم ٿيل]
19	ڪميونسٽ پڌرنامون	سنڌيڪار: رشيد ڀٽي	[ختم ٿيل]
20	امڙ (حصو پهريون)	سنڌيڪار: عثمان ڏيپلائي	[ختم ٿيل]
21	سوشلزم ماضي حال مستقبل	سنڌيڪار: امداد چانڊيو	[ختم ٿيل]
22	سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل	چر ننڪو	[ختم ٿيل]
23	چتا گانگ جا عظيم انقلابي	ڪلپنادت/ سرواڻ	22 -
24	انقلاب جو فلسفو	جمال ناصر/ سرمد سيد	[ختم ٿيل]
25	سسي نيزي پاند	عثمان ڏيپلائي	[ختم ٿيل]
26	جي. ايم. سيد	عبدالواحد آريسر	[ختم ٿيل]
27	قومپرستي بطور نظريو پاليسي	آڪاسيئف	[ختم ٿيل]

28	سنڌ جي شاگرد جدوجهد	جام ساقي	[ختم ٿيل]
29	ابتدائي سياسي تعليم	جواهر لال نهرو	[ختم ٿيل]
30	چي گويرا جي ڊائري	سنڌيڪار: يوسف سنڌي	[ختم ٿيل]
31	مظلوم قومن جو مستقبل	جام ساقي	25 -
32	پيغام لطيف	جي. ايم سيد	[ختم ٿيل]
33	انقلاب جي واٽ	ابو جبران	30 -
34	سنڌ جون انقلابي عورتون	آزاد قاضي	[ختم ٿيل]
35	بين الاقوامي انقلاب، جو راه عمل	سنڌيڪار: رشيد ڀٽي	30 -
36	ويتنامي ڪهاڻيون	/ رسول بخش پليجو	25 -
37	لينن جي انقلابي ڪهاڻي	/نجم عباسي	40 -
38	سنڌ جي بمبئي کان آزادي	جي. ايم سيد	[ختم ٿيل]
39	پروستروئيڪا	ميخائل گورباچوف/ گهنشام پرڪاش	[ختم ٿيل]
40	تاريخ اسان سان انصاف ڪندي	گل محمد جکراڻي	20 -
41	فڪر جي آزادي	سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو	80 -
42	نئين سنڌ لاءِ جدوجهد	جي. ايم سيد	62 -
43	الهامي آواز	خليل جبران/ مسعود جمالي	[ختم ٿيل]
44	پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط	جواهر لعل نهرو/پرويز	25 -
45	ڏاهيون ڏک ڏسن	افلاطون/ گل	[ختم ٿيل]
46	بغاوت	خليل جبران/ يوسف سنڌي	[ختم ٿيل]
47	چار گهڙيون چين ۾	احمد علي رند	27 -
48	ڏونگر منجهه ڏيئو	بورس پوليوائي/ پرويز	80 -
49	شاهه- سچل- سامي	محمد ابراهيم جويو	35 -
50	منهنجي ڪهاڻي	جواهر لعل نهرو	88 -
51	غدار	ڪرشن چندر/ ولي رام ولڀ	25 -
52	اسان زنده رهنداسين	ليلي خالد/ زيب سنڌي	35 -
53	عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب	آزاد قاضي	32 -
54	ماءُ (مڪمل)	ميڪسم گورڪي/ گوبند مالهي	50 -
55	ٻه عشق ادب	موهن ڪلپنا	85 -
56	ٿنوار جي سيج	خليل جبران/ زيب سنڌي	20 -
57	ڌرتي ڌين ڌرم	ابراهيم منشي	42 -

58	موت ۽ زندگي	خليل جبران/ گل محمد	20 -
59	حويليءَ جا راز	مائڪ	45 -
60	سنڌ ڪهاڻي	ڪيول ملڪاڻي/ تاج جويو	80 -
61	ساهه مٺ ۾	مائڪ	45 -
62	ڏوهاري	خليل جبران/ يوسف سنڌي	20 -
63	خليل جبران جي جيون ڪٿا	سنڌيڪار: زيب سنڌي	20 -
64	ڳوندر ويندا گذري	ابراهيم منشي	60 -
65	دل جي دنيا	امر جليل	40 -
66	ٽي ناوليٽ	مائڪ	45 -
67	شاهه جو رسالو (مڪمل)	ڪلياڻ اڏواڻي	
68	نسيم کرل جون ڪهاڻيون	نسيم کرل	80 -
69	پاڻ ۾ ويٺا آهيون	نجم عباسي	55 -
70	شاهه جا سرمور	منوهر مٽلاڻي	80 -
71	درد جو درياهه	موهن ڪلپنا	55 -
72	دوستي	افلاطون/ ڊاڪٽر گل	55 -
73	زندگي زندگي	استاد بخاري	60 -
74	ڀڳوت- گيتا هڪ اڀياس	سنڌيڪار: ولي رام ولڀ	51 -
75	نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو	استاد بخاري	90 -
76	ڌاريو	البيرڪاميو/ ولي رام ولڀ	65 -
77	سنڌي نثر جي تاريخ	منگهارام ملڪاڻي	80 -
78	شاهه جو رسالو	غلام محمد شاهواڻي	250 -
79	سندباد جو سفر (ناول)	علي بابا	50/=
80	پرين پڳهه چوڙيا (ناول)	شهيد الله قيصر/ غلام نبي ناشاد	60/=

روشني پبليڪيشن

پي. او ڪنڊيارو

فون: 697



ڪلا پرڪاش، نجم عباسي، قريشي حامد علي خانائي، نذير ناز واري جنم ڀومي، خانواهڻ ضلعي نوشهرو فيروز ۾ محترم غلام نبي ”ناشاد“ قاصيءَ 12-1-1955ع تي جنم ورتو، 1973ع ۾ سندس پهريون شعر موري مان شهيد عبدالرزاق سومري جي ياد ۾ نڪتل ڪتاب ”وطن جو سپاهي“ ۾ ڇپيو، سندس پهرين ڪهاڻي ماهوار هلچل حيدرآباد 1977ع ۾ شايع ٿي. ان کان سواءِ، نئين دنيا، ٽماهي مهراڻ، سهڻي، اديون، سرتيون، باک، هزار داستان، ساڃاهه ۽ ٻين مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس تخليقون شايع ٿينديون رهن ٿيون.

1976ع ۾ خانواهڻ شهر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ڪيائين ۽ سانده يارنهن سال ان شاخ جو سيڪريٽري رهيو. ڪجهه عرصو ضلعي نوشهروفيروز لاءِ ضلعي رابطه سيڪريٽري به نامزد ٿيو. سڳا ڪنڊيارو برانچ جو جنرل سيڪريٽري به رهيو. ڪونج پبليڪيشن، ”ناچڻي جو جنم“ ۽ ”منهنجو بهترين ڪهاڻيون“ ڪتاب مرتب ڪيائين. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”وري ورندو واءُ“ ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي، شاعري جو مجموعو به ترتيب هيٺ اٿس. هن وقت ساهتي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ جو جنرل سيڪريٽري ۽ ايشيا جي وڏيءَ ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو مرڪزي خزانچي پڻ آهي.

امان الله عباسي
(صدر)
ساهتيءِ سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن خانواهڻ